
ارائونڊ دي ورلڊ
الطاف شيخ

# ارائونڊ دي ورلڊ

(مصر، ڊينمارڪ، ڪئناڊا، آمريڪا، جپان، ناروي، سري لنڪا ۽ ٻين ملڪن جو سفر نامو)

الطاف شيخ

نيوفيلڊس پبليڪيشنس
2000ع
ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# (سڀ حق ۽ واسطا قائم)

نيو فيلڊس پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ستهٺ
ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد
ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي
چوٿون ايڊيشن: اپريل 2000ع
قيمت: 70/_ رپيا
پڪي جلد سان 100/_ رپيا
هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1979ع ۾ سنڌي اڪيڊمي طرفان، ٻيو ايڊيشن 1982ع ۾ سِيگل پبليڪيشن طرفان، ۽ ٽيون ايڊيشن نومبر 1992ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد طرفان شايع ڪيو ويو.

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

2023

**AROUND THE WORLD**

(A Travelogue of Egypt, Danmark, Canada, U .S. A, Japan, Norway, Srilanka and other Counries in Sindhi)

by**ALTAF SHAIKH**.

Published by New Fields Publications, Tando Wali Muhammed, Hyderabad, Sindh. Pakistan.

First Edition 1979 by Sindhi Academy.

2nd Edition 1982 by Seagul Publicatiosn.

3rd Edition November 1992 by New Fileds Publication, Hyderabad.

Price per Copy Rs 70/- Book No. 167

**Digital Edition**

www.sindhsalamat.com

2023

# انتساب:

سنڌ جي وڏن ليکڪن:

مرحوم **الطاف عباسي**

۽

مرحوم **نسيم کرل** نالي

جيڪي وقت کان اڳ اسان کان وڇڙي ويا.

**_الطاف شيخ**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري سفرنامانگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جو مصر، ڊينمارڪ، ڪئناڊا، آمريڪا، جپان، ناروي، سريلنڪا ۽ ٻين ملڪن بابت لکيل سفرنامو **"ارائونڊ دي ورلڊ"** اوهان اڳيان پيش آهي.

الطاف شيخ جو هي ڪِتاب سندس شروع جي ڪجهه ڏهن سامونڊي سفرن جو آهي جيڪي هن ڪراچيءَ کان ڊئنمارڪ ۽ ناروي تائين ۽ عربي سمنڊ، هندي وڏو سمنڊ، ائٽلانٽڪ سمنڊ ۽ ڪئريبئن سمنڊ لتاڙي آمريڪا جي بندرگاهن بالٽيمور، نيويارڪ ۽ ويسٽ انڊيز جي ٻيٽن تي پهتو. ۽ ٻئي طرف خليج بنگال، ڏکڻ چيني سمنڊ ۽ پئسفڪ سمنڊ لتاڙي جپان جي بندرگاهن ۾ پهتو. ان کان علاوه بحر احمر (ڳاڙهو سمنڊ) لتاڙي مصر ۽ سئيز ڪئنال ۽ ميڊيٽرينين سمنڊ لتاڙي لنڊن ۽ لورپول، راسٽڪ (ايسٽ جرمني) جهڙن بندرگاهن ۾ جهاز کي لنگر انداز ڪيو ٿي. ان کان علاوه هن ڪِتاب ۾ ڪولمبو (سري لنڪا) ۽ چين جي بندرگاهن جو پڻ احوال آهي .

هن ڪِتاب جو مُهاڳ هِدايت بلوچ ۽ حميد سنڌيءَ لکيو آهي ۽ هن ڪِتاب جون هيستائين چار ايڊيشن نڪري چڪيون آهن. حميد سنڌي هي سفرنامو پڙهڻ بعد الطاف کي ڪولمبس سڏي ٿو. "هي سفرنامو ننڍين ڪهاڻين جي ڪڙين کي ملائيندي هڪ تحقيقي تاثر ڇڏي ٿو. پوري ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ان کي ڀرپور انداز سان پڙهڻ تائين پهچائڻ هڪ وڏو فن آهي جنهن ۾ الطاف

پڙ ٿو ڏسجي. جيتوڻيڪ سنڌس پهريان سفرناما حياتيءَ جي ڪن رخن کان خالي ٿا ڏسجن. پر هن سفرنامي ۾ سنڌس نظر چوڏاري ۽ گهِري آهي“.

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1979ع ۾ سنڌي اڪيڊمي طرفان، ٻيو ايڊيشن 1982ع ۾ سِيگل پبليڪيشن طرفان، ٽيون ايڊيشن نومبر 1992ع ۾ ۽ چوٿون ايڊيشن 2000ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد طرفان شايع ڪيو ويو. ٿورائتا آهيون سائين الطاف شيخ جا جنهن هن ڪتاب جي نئين سر ڪمپوزنگ ڪرائي ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


| نمبر | | صفحو |
|---|---|---|
| 01 | انتساب : الطاف عباسي ۽ نسيم کرل | |
| 02 | مهاڳ: ”سنڌ جو ڪولمبس“ _ حميد سنڌي | 13 |
| 03 | مهاڳ: ”منڙو ماڻهو“ _ الطاف شيخ _ هدايت بلوچ | 18 |
| 04 | عربي سمنڊ ۽ ڳاڙهو سمنڊ | 34 |
| 05 | اسان جي ٽي وي ۽ اوگهڙ | 41 |
| 06 | سئيز ڪئنال | 44 |
| 07 | سئيز ڪئنال ۾ جهازين کي تنگ ڪرڻ | 47 |
| 08 | روس _ ڊئنمارڪ | 56 |
| 09 | بيروزگاري ۽ شاديءَ کان اڳ پيار | 58 |
| 10 | ناروي ۽ اسان جا پاڪستاني | 62 |
| 11 | ناروي ۾ پاڪستانين تي بندش | 67 |
| 12 | پنهنجو پاڻ ۾ وڙهيل | 72 |
| 13 | ٽرنڊام _ ناروي | 74 |
| 14 | ناروي جا پگهار ۽ خرچ | 78 |

| | | |
|---|---|---|
| 15 | ڇا نارويSex_Free آهي | 82 |
| 16 | پاڻ نارويجن آهيون اڪيلي | 88 |
| 17 | منهنجي زال وسڪيءَ جي شوقين | 92 |
| 18 | ڊئنمارڪ | 95 |
| 19 | ڪوئن جا ڪرتب | 99 |
| 20 | خيرات مهل مينهن وسڻ | 101 |
| 21 | ناروي ۽ ڊئنمارڪ ۾ فئشن سئيڊن کان اچي ٿو | 104 |
| 22 | ناروي جو ڪاڏل ڪنارو | 106 |
| 23 | ڪڏهن ڪيل ۾ ڪڏهن جيل ۾ | 109 |
| 24 | وائڪنگ _ ڪنِ لاءِ هيرو ڪِن لاءِ ڦورو | 111 |
| 25 | ڇا آمريڪا ڪولمبس ڳولي هئي؟ | 114 |
| 26 | سينٽ جان _ ڪئناڊا | 117 |
| 27 | هتي جا ٽرينڊ ڪئا | 119 |
| 28 | سستي شاپنگ | 121 |
| 29 | ڪئناڊا جا پوڙها ۽ پوڙهيون | 124 |
| 30 | دڪانن تان چوري | 128 |
| 31 | بالٽيمور _ آمريڪا | 130 |

| | | |
|---|---|---|
| 32 | ٻرا ڊوي _ بالٽيمور جو بدنام روڊ | 134 |
| 33 | روحاني سڪون بدران جسماني مزي پٺيان | 136 |
| 34 | ايٽرن شيڊن جا شيدي ڪٿي نہ ملندا | 138 |
| 35 | ٽوڪيو _ جپان | 142 |
| 36 | ماھو نوجوتان _ اڏامندڙ غاليچو | 145 |
| 37 | آمريڪا U.S.A | 149 |
| 38 | الف اگھاڙو ڊوڙندو آيو | 152 |
| 39 | ٽڙڪائي چاقوءَ جادوءَ جو ڪم ڪيو | 154 |
| 40 | ميڊيٽرينين (يؤنچ) سمنڊ | 157 |
| 41 | مصرين جي جياپي جي تند _ نيل ندي | 160 |
| 42 | مصر، نيل نديءَ طرفان سوغات آھي | 162 |
| 43 | فرعون پٺيان فرعون آيو ٿي | 164 |
| 44 | مصرين جي ھر ڳالھ الڳ ٿلڳ آھي | 166 |
| 45 | عرب ۽ عربي زبان | 168 |
| 46 | ڪولمبو _ سري لنڪا | 172 |
| 47 | چئن شادين تي بہ سري لنڪا جو وارو نہ ايندو | 175 |
| 48 | رک صندليءَ تي پير | 180 |

| | | |
|---|---|---|
| 49 | اها سڌ اسان جي وڏن کي | 183 |
| 50 | اهو منهنجو مڙس آهي | 185 |
| 51 | نيمالا، اتپالا ۽ فراجالا_ سري لنڪا جون حجام ڇوڪريون | 188 |
| 52 | اهڙي ٺڳ کي انعام ملڻ کپي | 190 |
| 53 | ڪولمبو مٺين کان مشهور آهي | 193 |
| 54 | سري لنڪا جي عورت جي بدنصيبي | 195 |
| 55 | اڇي تہ توهان ئي سمجهائجوس | 197 |
| 56 | آپگهات نہ ڪجو | 200 |
| 57 | اوبيرا هوٽل جي مالڪ جي ڪهاڻي | 203 |
| 58 | سادات ڇيو: عرض قبوليوسين | 204 |
| 59 | ڪولمبو جي گرين ڪئبن ۽ حيدرآباد جي بامبي بيڪري | 207 |
| 60 | ڪاڪو لالچند ۽ پاروتي | 210 |
| 61 | جاوتري ۽ جاقل | 212 |
| 62 | چنڊ تارا آڻڻ وارو | 215 |
| 63 | سڄي رات رڳو پَٽ پٽان | 219 |
| 64 | سچا هليا آهن پيڻگين وٽ | 223 |

| | | |
|---|---|---|
| 65 | لورپول _ انگلنب | 226 |
| 66 | راسٽڪ _ ايسٽ جرمني | 231 |
| 67 | سئم ڪانگ_ چين | 237 |
| 68 | هر مورچي تي رول ڪتا | 239 |
| 69 | چين جو بندرگاهہ شنگھائي | 242 |
| 70 | آمريڪا جو جھونو پائلٽ چين ۾ | 245 |
| 71 | سڄي دنيا جو ٻلو چاهڙ وارا | 249 |

# مهاڳ

## سنڌ جو ڪولمبس

حياتيءَ جي هن ڊگهي سفر ۾ ماڻهو هونئن ئي سيلاني آهي. فرق رڳو اهو آهي ته ڪي حياتي محدود چڪر ۾ گهارين ٿا، جيئن اسين. گهر کان آفيس، آفيس کان گهر، وڏ ۾ وڏ موڪلن ۾ ڳوٺ يا وڏو چڪر ته سکر لاڙڪاڻو پر ڪن جي نصيب ۾ وري سڄي دنيا آهي. جهڙا نصيب الطاف جا آهن. هر دفعي نئون سفر نامون، ملڪن جا نالا اهڙا ڪڻندو جو هيانءُ ڏڪيو وڃي. شروعات ئي ايئن ڪندو "هتان يورپ، ناروي، ڊئنمارڪ، اسپين وڃڻو آهي. ان بعد ڪئناڊا ۽ آمريڪا_ پوءِ جي خبر ناهي_ ضرور ڪجهه جدي، بصري، ڪولمبو يا چٽگانگ وڃڻو پوندو_ پر اهو به شڪر جو سئيز ڪئنال ڪليل آهي نه ته چڙو آفريڪا کي ڦيرو ڪرڻ ۾ ويهه ڏينهن چٽ. بهرحال هينئر هتان عربي سمنڊ مان سڌي گهُٽ هڻندسين ته سامهون ڳاڙهو سمنڊ جنهن جي هڪ پاسي عدن، يمن، سعودي

عرب ته ٻئي پاسي سومالي لئنڊ، حبش، سوڊان ۽ مصر.“ ڏنو. هڪ ست سان گهٽ ملڪن ۾ ڪنڊن جا نالا ڪٽي ويو. رعب ويهارڻ ۾ دير ئي نه ڪيائين. اجان صفحو اٿلايو ته اجهو سمونڊ شروع:

”اج جي ماڊرن جهاز لاءِ ائٽلانٽڪ، پئسفڪ ۽ هندي وڏي سمنڊ کي ڇڏي ٻيا سڀ سمنڊ ڄڻ حوض! ڪارو سمنڊ، جپاني سمنڊ، ڏکڻچيني سمنڊ، افوسڪ سمنڊ، اڊرياٽڪ سمنڊ، بالٽڪ سمنڊ، عرفورا سمنڊ.....!!“

بس بابا، اسان بس ڪئي. تنهنجي اڳين سفرنامن گهٽ ڏهڪايو هو جو هن ۾ اٿندي ئي اسان کي احساس ڪمتري ۾ متبلا ٿو ڪرين. رک ڏٽيءَ تي، توجي اهي پار ورتا ته ڪو نه ڪو ٻيو تنهنجي ٽڪر ۾ مقابلي جو ضرور پيدا ٿيندو جيڪو توکان وڌيڪ ملڪ ۾ سمونڊ ڏسي اسان جو ته ٺهيو پر تنهنجو هيانءَ ڏڪائيندو. ڇاڪاڻ ته هاڻي گهٽڻ ئي انهي نوڪري جي ڪڍ مسين مسين بندر بندر، ملڪ ملڪ، سمنڊ، سمنڊ چوندي گهر ڇڏيا آهن.

پر اهو مجڻ مراد آهي ته الطاف جنهن وقت ۾ دور ۾ اهي ڏورانهان پنڌ ڏنا_ ان جو افرادي پهلو ڪولمبس وانگر

انهي ويلي ڳولي ڪڍيو ۽ اڄ تائين سفرنامن جهڙوڪ: منهنجو ساگر منهنجو ساحل، وايون وڻجارن جون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين، دنيا آهي ڪاڪ محل، سمونڊ جي سيوين وغيره ذريعي سنڌي ادب جي ٻيڙي جو سفر نامن وارو سکان جهليو سڙهه اوچو ڪندو پنهنجي وطن جو جهنڊو جهولائيندو اچي. تنهن ڪري في الحال ته اسين ڪيس سنڌي ادب جو سڪيلڊو اڪيلو سفرنامن جو ليکڪ مڃينداسين. مهنجي نظر ۾ الطاف پنهنجي سفرنامن لکندي ٻين اردو يا انگريزي سفرنامن لکندڙن کان مختلف پيو رهيو آهي جو هر هنڌ هو پنهنجي وطن جي گهٽين، گهيڙن، پاڙن پٽين، شهرن ۽ ڳوٺن کي ڏورانهن شهرن جي اُچن محلن ماڙين کان اتاهون ڪيو آهي، هر هنڌ ڪيس پنهنجي مٽي جو هڳاءُ اچي ٿو.

هڪ هنڌ چئي ٿو، ”ڪياماڙي، چاڪيواڙو ۽ موسيٰ لين به اسان کي پڪاڏلي، ٽائيس اسڪائر ۽ گنزا کان سهڻي لڳي.“

ڪٿي ڪٿي وري اجهو هيئن لکي ٿو، ”ٽرنڊام بندرگاهه به ائين هڪ نديءَ جي ڪپر تي آهي، جيئن اسان وٽ روهڙي، ٻڍاپور، هالا پراڻا ڏيرو (درٻيله) سمجهڻ کپي.“ خاص

ڪري ڪٿي سنڌي ٿو مليس تہ ڀڪي ٿو اٿي. ٽنڊو ڄام اگريڪلچرل ڪاليج جي ليڪچرار عبدالقادر چانگ، سنڌ يونيورسٽي (محترم الطاف شيخ حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي واري درستي ڪري) جي ساجد شيخ، هدايت الله ميمڻ، ڊاڪٽر اسلم گهلو جو ذڪر ڏاڍي حب مان ڪيو اٿس. خاص طرح جيڪب آباد ضلعي ٺلهہ شهر جي مختيار مغل جي آتم ڪهاڻي، جنهن انداز سان ڪنئي اٿس ايئن پيو لڳي تہ سندس اڪير وطن لاءِ ور ور ڪيو پئي وري. ڪيس ڏورانهن ملڪن ۾ رهندڙن جي معاشي ۽ سماجي مسئلن جي پوري ڄاڻ آهي. جنهن ڪري هيءُ سفر نامو ننڍين ڪهاڻين جي ڪڙين کي ملائيندي هڪ تحقيقي تاثر ڇڏي ٿو. پوري ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ان کي ڀرپور انداز سان پڙهندڙ تائين پُهچائڻ هڪ وڏو فن آهي. جنهن ۾ هاڻ الطاف پڙ ٿو ڏسجي. جيتوڻيڪ سندس ڀريان سفرناما حياتيءَ جي ڪن رخن کان خالي ٿا ڏسجن. پر هن سفرنامي ۾ سندس نظر چوڌاري ۽ گهري آهي. هتان جو ماڻهو اتي نوڪري ڇو ٿو ڪري، ڪيئن پنهنجي جيءَ کي تڪليف ڏئي پنهنجن ٻچن لاءِ، جيڪي وطن ۾ اٿس، لاءِ ڪمائي ٿو. ڪي وري وڃن انهي نظريي سان پر وڃيو عياشيءَ

۾ پون. سندس تکي ۽ تکڙي نظر ڪافي ڪجهه جهٽيو آهي ۽ ان کي سهڻي نموني ۾ چنڊي چاڙهي هڪ هنڌ سموهيو اٿس.

مون کي ته هن سفرنامي ۾ الطاف اڳي کان وڌيڪ ڳنڀير ۽ سندس لکڻي فڪر انگيز لڳي. الطاف جنهن نموني پنهنجي ذهن جي اوسر ڪئي آهي ۽ مِٽ محبت، سڪ قرب ۽ حب الوطني سان ڀرجي اڳتي وڌيو آهي ان لاءِ دل مان دعائون نڪرن ٿيون ۽ وڏڙن وانگر زبان وري ٿي (الطاف جي وڏو ٿيو آهي ته اسان ته هاڻي ذري گهٽ پوڙها ٿيا آهيون) ”شال جيئن سدائين، مٺو کير پيئين سدائين.“

**حميد سنڌي**

2 ڊسمبر 87

حيدرآباد.

# پيش لفظ

## منڙو ماڻهو_ الطاف شيخ

ڪيڏو پيارو آهي اسان وارو الطاف_!

ڪڏهن "حقوق يا موت" جو هيانءُ ڏاريندڙ نعرو نه هنيو اٿس. ڪڏهن ڪلاشنڪوف جا برسٽ نه هلايا اٿس. سمونڊ جي ڇولين ۾ ڇلندي_ ڪارو ڪيڙيندڙ دنيا ڪي اٿلائي پٿلائي ڏٺو اٿس، پر پاڻ ڪارو نه ٿيو. ڪرو سو آهي ۽ منو به آهي. تنهن ڏينهن ميلو ٿيوسوفيڪل هال ۾. ساڻس ئي ملهايل هڪ شام جي موقعي تي، گڏ وينا هئاسين سو ڪن ۾ پڇڪو ڪيائين ته ڪتاب "ارائونڊ دي ورلڊ" لاءِ مهاڳ لکي ڏي. بيو ڪو چوي ها ته سمجهان ها ته طنز ٿو ڪري، مون کي منهنجي ننڍڙي اديب هجڻ لاءِ جتائي ٿو. پر الطاف جو اهو وڪر ئي نه آهي سو ائين نه سمجهيم ۽ ان کي سندس خلوص واري آڇ سمجهيم پر هو ڪري به ڇا. 44_45 ڪتاب لکيا اٿس. مهاڳ لکڻ لاءِ وڏا اديب ڪتائي ڇڏيا اٿس، وچولا اديب پورا ڪيا اٿس، ننڍا به نه ڇڏيا اٿس ۽ هاڻي ننڍڙن ڏي وريو آهي. جو مان

جهڙي,ماڻهو ڪان ٻه نه مڙيو جنهن اڄ ڏينهن تائين هڪ ڪتاب به نه شايع ڪرايو آهي, سو ٿو لکي پنجيتاليهه ڪتابن جي ليکڪ جي ڪتاب جي لاءِ مهاڳ.

ان کي چئبو آهي ته ”جتي وڻ ناهي اتي ڪانڊيرو به درخت آهي.“ هي ”تجاهل عارفانه“ يا ”ڪسر نفسي“ نه آهي, هي منهنجي ننڍڙي اديب هجڻ جو کليو اعتراف آهي.

- سوال آهي ته سفرنامن جي ضرورت آهي به يا ناهي. اڄ جو دنيا ڳنڍي پئي آهي, جهازن ذريعي, اخبارن ذريعي, رسالن ذريعي, هر ملڪ جو حال پيو معلوم ٿئي ته پوءِ پلا سفر نامو ڇو؟

- ڪجهه سالن جي ڳالهه آهي, چار يا پنج سال اڳ جي. اسان جي ڳوٺ جي پرسان هڪڙي مائيءَ جو پٽ وڃائجي ويو نه جن نه ڪن, لڀي ئي نه. سندس پوڙهي ماءُ ڏاڍي پريشان. آئي اسان جي گهر. امڙ (مرحيات) سان مليو. ڪيس ٻاڏائيندي عرض ڪيائين, ”ادي تنهنجا پٽ (آءٌ ۽ ادا عنايت بلوچ) ڪراچيءَ ٿا رهن. منهنجو پٽ غائب ٿي ويو آهي. ڏاڍو ڳوليو اٿمانس, لڀي ئي ڪونه ٿو. الله جي نالي پنهنجي پٽن کي چئه ته ڪراچيءَ ۾ ڏسندا رهن ۽ جيڪڏهن ڪو اوپرو ماڻهو

نظر اچين ته ان ڪان جهلي پڇا ڳاڇا ڪن ته من منهنجو پٽ هجي.“ هاڻي زور آهي اوپري ماڻهوءَ تي. ائين به نه ته ڪو منهنجي پٽ جي ڳولها ڪن. پر ڪراچيءَ ۾ ڪو اوپرو ماڻهو ملين ته انهيءَ کي جهلين ۽ پڇا ڪن، من منهنجو پٽ ليپي پوي. اها آهي اسان جي سنڌ جي عوام جي اڪثريت. جنهن کي پنهنجي ملڪ جي حالتن جي ئي خبر نه آهي ته پوءِ پرڏيه ته پري جي ڳالهه آهي. اهو مثال ان ڪري ڏنم جو ثابت ڪرڻ گهران ٿو ته سفرناما نهايت ڪارائتي صنف آهي جنهن مان ملڪان ملڪ جي ماڻهن جي سماجي، معاشي، معاشياتي، ادبي، علمي، جاگرافيائي، تاريخي، اخلاقي، ارتقائي پسمنظر جي پروڙ پوي ٿي_ اسان جي عوام جي به سيڪڙو مخلوق ئي عالمي سطح تي پروڙ ۾ پهچ رکي ٿي. باقي چاڪي ۾ ڏاند وارو قصو آهي. سفرناما لکڻ، معلومات سموهڻ، ذري پرزي کي قلمبند ڪرڻ، ننڍڙن ننڍڙن غير اهم واقعن کي به بيان ڪرڻ، هر ملڪ جي نه فقط اگهاڙي اک کي نظر آيل منظرن ۽ واقعن کي لکڻ پر ان ملڪ جي اگهاڙي اک کي نظر نه ايندڙ پس منظر جهڙوڪ: اهو ملڪ ڪڏهن آزاد ٿيو، ان جي ڊيگهه ويڪر ڪيتري آهي، آدمشماري ڪيتري آهي، نديون، نالا، پوک،

پلاهہ سيئي معلومات پڙ ڏئي ٿو. هر ڪو اديب انهن ڳالهين کي نہ ٿو ڳڻي. خود منهنجو مثال آهي. مان ڪيئي ڀيرا آمريڪا، ڪئناڊا، ترڪي، هالينڊ، پيرس وڃي چڪو آهيان ۽ مهينن جا مهينا ٽڪيو ۾ گهميو ڦريو آهيان ۽ ظاهر آهي ڪيئي تجربا ۽ مشاهدا بہ ٿيا هونداءِ چاهيندي بہ اڄ ڏينهن تائين قلم نہ کڻي سگهيو آهيان. ان لاءِ نہ تہ مون ۾ لکڻ جو ڏانءُ ڪونهي پر ان لاءِ تہ اها تڪليف ڪير ڪري. سُستي ڪيئن ڇڏجي. وقت ڪيئن سيڙهائجي. خفا ڪير ڪري. هڪ ڀيري مون کي امر جليل هڪ چيني چوڻي ٻڌائي هئي جيڪا چڱيءَ طرح ياد تہ نہ آهي پر مطلب هو تہ اديب ۽ غير اديب ۾ فرق اهو آهي تہ اديب وقت سيڙائي ڪا شيءِ لکي ٿو ۽ غير اديب ڪان اهو ڪم نہ ٿو پڇي.

- الطاف نہ ڪميونسٽ آهي، نہ ڪامريڊ آهي، نہ سوشلسٽ آهي، نہ ڪيپٽلسٽ نہ فاشسٽ آهي. هن ۾ ڪا بہ ”ازم“ ناهي. هو هڪ سچو ۽ صاف سنڌي آهيۦ سندس سموري ڪمٽمينٽ سنڌ سان آهي. پيپلزپارٽيءَ وارن جو هڪ سلوگن آهي: ”طاقت جو سرچشمو عوام آهي.“ اهڙي طرح الطاف جي سفرنامن جو سرچشمو سنڌ آهي. هر هڪ ملڪ

جي واقعن ۾ مشاهدن کي هو سنڌ سان پيٽي ٿو ۽ اهو سندس فن آهي جو هو سنڌين کي Involveڪري ٿو ۽ مجبور ڪري ٿو ته سندس سفرناما پڙهن ۾ پنهنجي جنم ڀومي غير ملڪن سان ڀيٽي ڏسن ته اسين ڪٿي بيٺا آهيون ۽ ڪي ملڪ_ جهڙوڪ يورپي ملڪ ڪٿي بيٺا آهن.

ملڪن جي جيڪڏهن پيٽ ڪبي ته خبر پوندي ته اسان جي پياري ملڪ ۾ ماڻهن جو چاڙهو ڪونهي. آمريڪا، ڪئنيڊا، يورپي ملڪ توڙي اوپر طرف جپان يا چين. انهن ملڪن جي مقابلي ۾ ائين چئجي جيئن هو 50 ماڙ بلڊنگ جي مٿئين ماڙ تي بيٺا آهن ۽ اسان فرسٽ فلور تي بيٺا آهيون! چڙهڻ ته مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ ئي ڪانه ٿي لڀي!

- ادب ۾ اڳي بحث ٿيندا هئا. ادب برائي ادب يا ادب برائي زندگي. ڪنگال ڪامريڊ اديب ايلفي جي ڪنهن ريسٽوران ۾ ائين آنيجو چانهن جو ڪوپ وٺي صبح کان شام تائين پيا عالمي ادبي بحث ڪندا هئا ۽ بئري کي ڪٽلي ۾ چانهه جو ڪجهه پاڻي وجهي اچڻ لاءِ به چوندا هئا. پر بل اصل اَٺ آنا. Refill جا پئسا هوٽل وارا نه وٺندا هئا. اهي هوندا هئا علمي ۽ ادبي بحث جنهن ۾ اختلاف راءِ جو مزو به

ايندو هئو. شخصي حملا نہ ٿيندا هئا. اهو دؤر ڪميونزم جي اوج جو دؤر هئو. ڇا تہ مزو ايندو هو. جڏهن ڪو ڪامريڊ ڪري سڏيندو هو.

لينن، مارڪس، اينجلز، ميڪسم گورڪي، چيخوف، دوستو وسڪي، روسي مارڪسوادين فيلسوفن ۽ اديبن ڪي ڏاڍو پڙهيو ويندو هو.

ترقي پسند ۽ رجعت پسندن جا پاڻ ۾ قلمي جهيڙا هوندا هئا. عموماً سنڌي ادبي سنگت مان نڪتل سمورا اديب ترقي پسند، مارڪسوادي يا سوشلسٽ سمجهيا ويندا هئا ۽ عربي فارسي زره جميعت الشعراتي اديب رجعت پسند سمجهيا ويندا هئا. مون کي ياد آهي تہ ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، مهراڻ ۾ گرامي جي گمراهي تي سوين قسطون لکي چڪو هو.

اڄ جڏهن روس ئي ناهي رهيو تہ جڻ سڄي ترقي پسند تحريڪ کي ئي لوڏو اچي ويو آهي. جديد سوچ رکندڙ اديب جيڪي آمريڪا کي سامراج جي نالي سان ياد ڪندا هئا ۽ جن کي روس جو ٺيڪو هئو تن کي بہ جڻ ڍڪر اچي ويا آهن. اهڙي نموني روس جي سهاري لئي ڪندڙ حڪمران جهڙوڪ

فيڊرل ڪاسترو جهڙا مجاهد مرد پڻ جڻ بي سهارا ۽ يتيم ٿي ويا آهن، ۽ آمريڪا روس جي غير موجودگي ۾ اگهاڙي بدمعاشي تي لهي آيو آهي. لبيا کي دڙڪا ڏئي چوي ٿو ڇي ٿي سال اڳ تو Pan Am جو جهاز ڪيرايو هو ان جو حساب ڪتاب ڏي، خير اسان شايد رستو ڀلجي وڃي آمريڪا ۾ پياسين. ڳالهه پئي هلي ته اڄ اخبارون ۽ رسالا پڙهو ته اسان جا " هڪ ۾ ٻه "Two in One" يعني سياستدان به ۽ اديب به. اهڙا ٻئي ڏريو ترقي پسند ۽ سڄاڻ اديب + سياستدان هڪ ٻئي تي اهڙا خطرناڪ حملا ڪن ٿا ۽ "ڏي جواب ۽ وٺ جواب" جو اهڙو سلسلو هليل آهي جو ڇئو ته اخبارن ۽ رسالن جي مطالعي تان ارواح ئي ڪڇي ويو آهي. هڪڙا وري ناليءَ ۾ نهال اديب شاهه لطيف ۽ شيخ اياز تي اچي ڏمريا آهن. ڇي شاهه لطيف ميون شاهه عنايت جي بيتن تان چوري ڪئي آهي ۽ اياز پرڏيهي اديبن جا شعر چورائي_ ترجمو ڪري، پنهنجي ناليءَ ۾ ڇپرايا آهن. اها آهي اسان جي موجوده سنڌي اديبن جي اڄ سهپ جي انتها. ڀٽائي ۽ اياز جو جبل جيڏو پورهيو ۽ فنڪاري ويندي رهي اٿلو هاڻي انهن کي جوابدارن جي ڪٺهڙي ۾ بيهاريو ٿو وڃي.

اها پتا ڙان لاءِ ڪرڻي پئي ته الطاف جا سفرناما مزيدار چٽپٽيون ڳالهيون ۽ ملڪان ملڪ جي معلومات، يعني سندس ڪتاب پڙهندا رهو، مرڪندا به رهو. ڪڏهن ڪڏهن ٽهڪڙا ڏيندا رهو. ڪتاب جو پورو ٿئي ته انسان پاڻ کي خوش ۽ هلڪو محسوس ڪري Heavy Heartسان نه اٿي_ بقول اقبال "زیستمشکلہےاسےاوربهیمشکلنہبنا."

- الطاف تي ڊيبل ڊيبل اهو به هڪ الزام هنيو ويندو آهي ته ڪَلَ جي مٿان جو ليک آهي ۽ اندر ۾ لڪل جذبن کي نه ٿو کولي. يعني لسو ۽ خشڪ ليک آهي ۽ گهڻو لکڻ وارن جو اهڙو ئي حال ٿيندو آهي. يا ته مقداري لکو يا معياري لکو. بئي گڏرا هڪ هٿ ۾ نه ٿا اچي سگهن ته مقدار ۾ به گهڻو لکو ۽ معيار به قائم رهي.

مان ان الزام کي پنهنجي پوري طاقت سان رد ڪريان ٿو ۽ سندس بچاءُ ۾ سندس تحرير جا ڪجهه ٽڪرا پيش ڪريان ٿو. "سلوني گرلس" جي عنوان سان هيٺ سندس هي مشاهدو پڙهو:

"سَر! ماءِ ٽيڪسي ويري گڊ."

"نه. ٽيڪسي جي ضرورت ناهي."

”اوڪي گرل. گڊ سلوني گرل، سَر.“

ڪاريون، سنهڙيون، بدبودار، هڏائون پنجرا. ائناٽامي ڪتاب جي ٽائيٽل ڪور جون تصويرون – Unbalanced Diet جو جيئرو جاڳندو ثبوت. ۽ ها سفليز ۽ سستي ميڪ اپ سان ٿڦيل .... سلون (سري لنڪا) جي معيار ڪان شايد اهي ”گڊ گرلس“ هجن. سندن سولو شڪار_؟ سيلر! جهازي! جيڪو هڪ رات جي مزي ڪانپوءِ سڄو مهينو پينسلين جون سُيون هڻائيندو رهي يا سمنڊ تي سور جي عذاب ڪان تڙپندو رهي_ نه فقط پنهنجي پر اولاد جي زندگي به تباهه. اڄڪلهه سفليز مرض_ بادِ فرنگ بدران بادِ سلون، بادِ ٿائلينڊ، بادِ هندستان، بادِ غربت، باد مشرق هئڻ گهرجي. ۽ انهن ڪارين ڪوجهين، بدبودار بيمار ڇوڪرين سان نفرت ڪرڻ گهرجي يا همدردي؟ **ان ۾ آخر سندن ته ڏوهه ناهي پر معاشري جو معاشيات جو ملڪي سياست جو ئي سمجهڻ کپي.** تڏهن ته سنگاپور، هانگ ڪانگ، جپان، جرمني، اٽلي جون ڇوڪريون جي اڄ ڪان ويهه پنجويهه سال اڳ مانيءَ جي ڳيي يا ڦاٽل چولي چمپل تي پنهنجو جسم وڪڻي ڇڏينديون

هيون سي اڄ هزارين رپيين ۾ به توهان جي مرضي سان ساٿ نه ڏينديون.

**توهان ڪنهن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪريو پوءِ ڪا رنڍي ٿئي. پوءِ ڪو چور ٿئي ته ان سان نفرت ڪريو.** حوالو ختم.

ڪنهن به معاشري جي غير برابري، سهولتن جي غير مساوي تقسيم، مفلسي، جسم فروشي وغيره جي ڪيفيت تي الطاف جو حوالي طور پيش ڪيل ٽڪرو سعادت حسين منٽو، ڪرشن چندر، غلام عباس، عصمت چغتائي، امر جليل يا اهڙن پين وڏن ليکڪ ڪان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ناهي، مون اهو حوالو فقط ان ڪري ڏنو آهي جو نقاد ان اعتراض تي نظرثاني ڪري سگهن ته الطاف لسويا خشڪ ليکڪ ناهي. هن ۾ اهي نفيس جذبات موجود آهن،جيڪي ڪنهن حساس اديب ۾ هجن ٿا. اهو هڪ ٽڪرو مون فقط مثال طور پيش ڪيو آهي. سندس لکيل اڪيچار ڪتابن ۾ اهڙيون سوين لکڻيون پکڙيون پيون آهن. اهڙي طرح الطاف ساڳي وقت هڪ انجنيئر، رياضي دان، موسمن جو ڄاڻو، هڪ حساس ليکڪ، سيلاني، مصور، سفرناما لکندڙ ۽ افساني نگار پڻ آهي.

سري لنڪا يا سلون بابت الطاف جيڪا مفلسي، غربت ۽ نوجوان ڇوڪرين جي پيٽ جي دوزخ ڀرڻ خاطر جسم فروشي جي جيڪا ڪٿا لکي آهي، سا لڳي ٿو ته ”ڪي وسندڙ شهر ويران ڪرين ڪي وسائين واهڻ“ جي مصداق آهي ڇو ته جڏهن پڙهائي جو سُر سامونڊي پڙهون ٿا تڏهن ڪل پوي ٿي ته پڙهائي لنڪا ڪي به ڳاويو آهي ۽ تڏهن لنڪا ۾ خوشحالي هئي. هي بيت ڏسو:

”لَنڪا لَنڪا ڳَنِ، لَيءِ لَنڪا جي اوهِرِيا،
سُٺِي سونُ لَنڪا جو سُڪُ نہ سامُونڊيُنِ،
پِرِهَ پُڳَه ڇوڙِيا، ڪاريڪيڙائُنِ،
وَڏيپا ڳِيڙنِ، جيڳهيا ڪارُونيارڏي.“

ان بيت مان خبر پوي ٿي ته ڪنهن وقت ۾ سري لنڪا يا لنڪا خوشحال ملڪ هو ۽ اتان جي سونهن جو سُٺي سامونڊين کي سڪ نہ ايندو هو ۽ اهي اوڏانهن ڪمائڻ لاءِ ائين ويندا هئا جيئن اڄڪلھ ماڻهن جي ڀاڄ آمريڪا يا جپان ڏانهن آهي. ٻيو بيت ڏسو:

ڪـــاري ڪيڙائـــو، مٿـــي مِٿـــي موٽيـــا
ســـودو ڪـــن نـــہ ســـونَ جـــو وڏا وِهـــائوُ
مـــوتي جـــي مهـــراڻ جـــا، تـــن جـــا طامـــائوُ
ســـاموندي ســـائُو، لنڪـــا لـــوپي آئيـــا.

لنڪا لوپي آئيا مقصد تہ اتان جهجهو ڪمائي آيا. مگر هاڻ تہ الطاف جي احوالان مان لڳي ٿو تہ اتي پيئنگ ٿي واڪا ڪري.

الطاف هيءُ ڪتاب برلن وال (Berlin_wall) ڪِرڻ کان اڳ لکيو آهي. اڄ جڏهن اوير ۽ اولهہ جرمني گڏجي ويا آهن ۽ برلن وال ٽُٽي چڪي آهي ۽ روس بہ دنيا جي نقشي تان غائب ٿي ننڍين ننڍين خودمختيار رياستن ۾ ورهائجي چڪو آهي، جيڪي وري هڪ ڍري ڪامن ويلٿ ذريعي سلهاڙجڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن، تڏهن سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ پلا اشتراڪي بلاڪ کي آخر ٿيو ڇا جو بلڪل ٽُٽي ويو. ڇا سرمايہ دار دنيا ۾ سڀ خوبيون آهن ۽ اشتراڪي دنيا ۾ سڀ خرابيون آهن. جو سرمايہ دار ملڪ وڃن

ٽا طاقت ور ٿيندا ۽ اشتراڪي ملڪن جا حال بُرا آهن. توڙي جو برلن وال ٽٽڻ ۽ روس توڙي ٻيا اشتراڪي نظام ڏڙام ٿيڻ، هن ڪتاب لکڻ کان پوءِ جا واقعا آهن پر تنهن هوندي بہ الطاف ان طرف اڳي ئي اشارو ڏئي چڪو آهي:

باب تيرهين ۾ ايسٽ جرمنيءَ جي حوالي سان ”لوهي پڙدي (Iron_Curtain) جي هن پار“ تي لکندي هن اوڀر جرمني جي مختلف ماڻهن کان رايا ورتا آهن جن جا ٽڪرا پيش ڪجن ٿا:

هڪ عورت مسز پاليڪ کان ورتل انٽرويو جا ٽڪرا:

”اسان ٻين ملڪن ۾ گهمڻ لاءِ بہ نٿا وڃي سگهون سواءِ سوشلسٽ ملڪن: بلغاريا، رومانيا، چيڪو سلوويڪيا وغيره جي. هتي اسڪولن ڪاليجن ۾ جرمن ۽ روسي زبان پڙهائين. انگريزي مون پنهنجي مڙس کان سکي آهي، جيڪو جهاز تي خلاصي آهي. هتي گهڻو تڻو سامان روس جو وڪامي ۽ اسان جي ملڪ جوڪچو سامان جهڙي تهڙي اگهہ تي روس وٺي. ٻين ملڪن جون شيون لڪ چپ ۾ بليڪ تي وڪامن.“

ويسٽ جرمني ڪي سنو ٿا سمجهو يا هن پنهنجي ايسٽ جرمني ڪي؟ مون کانئس پڇيو.

”گهمڻ ۽ ڪمائڻ لاءِ ويسٽ جرمني سٺو پر رهڻ لاءِ ايسٽ جرمني. اسان جي ايسٽ جرمنيءَ ۾ اهڙا سا ڳالهه آهي ته برايون نه آهن. مثلاً چوري، ڌاڙا، غنڊه گردي، ڪلئي عام فحاشي وغيره بلڪل نه برابر آهن، جيڪي ويسٽ جرمني يا ٻين سامراجي ملڪن ۾ آهن.“

”پوءِ به توهان هتان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، ڇو ڀلا؟“

”بس! شايد ان هوندي به ڪنهن شيءِ جي کوٽ محسوس ڪريون ٿا ۽ اها آهي شخصي آزادي. ان کان سواءِ اسان جو هي ملڪ جيڪو ظاهري طرح ته سوشلسٽ ملڪ سڏجي ٿو پر حقيقت ۾ Police State هجڻ ڪري هر وقت خوف ۽ حراس ۾ زندگي بسر ڪيون ٿا.“ حوالو ختم.

مسز پاليڪ جي مٿين ڳالهه ”روس ڇو ٽٽو“ جو مڪمل جواب آهي_ يعني ٻين ڇڳاين جي باوجود جيڪا شخصي آزادي جي عدم موجودگي ۽ Police State بڻجڻ ئي ڪارڻ آهن اشتراڪين جي بربادي جا.

مقصد اهو ٻڌائڻ هو ته الطاف روس ٽٽڻ کان اڳ ئي ڄڻ ته اها پيشنگوئي ڪري ڇڏي هئي ته ائين اَوَس ٿيڻو ئي هو.

الطاف جديد سيلاني آهي. مگر فني ۽ لغوي لحاظ کان هو وڻجارو ناهي، هو سُر سامونڊي ۾ ٻڌائي جو اهو وڻجارو ناهي جن جون ونيون وڻج خاطر ورن لاءِ پيون واجهائينديون هيون ۽ جڏهن ٻارهن مهينن کانپوءِ وڻجارو موٽندو هو ته وري ستت ئي سفر تي اُسهڻ جي تياري ڪندو هو. ۽ وڻجاري جي وني جي سڪ ئي پوري نه ٿيندي هئي. تڏهن هوءَ رڙ ڪري پنهنجي سس کي چوندي هئي:

”وڻجاري جي ماءُ! وڻجارو نه پلئين؟
آيو ٻارهين ماهِ! موٽيو ٿو سفر سنبهي!“

پوءِ جڏهن وڻجارو وني کان لڪ ڇپ ۾ ٻَڳهه ڇوڙي ٻيڙا ٻار ۾ وجهي، سفر پيڙو ٿيندو آهي ته هوءَ بندرگاهه ڏانهن يڪساهي ڊوڙي هن کي پڪاريندي آهي ته اڄ نه وڃ.

”پُران، مانَ پُڄان، بَندَرَ مون ڏُورِ ٿِيا،
نہ مُون هَڙَ نہ هَنجَ ڪِي، جو آئُون چَڙِي چَڙهان،
اِيهين ڳَجِ، پاتِڻِي! جنهن پَرِ پِرِينءَ مِڙان،
ڪارُون تي ڳريان، تو دَرِ اُپِي، ناڪُئا!“

پر اها ڪيفيت هن وڻجاري جي ناهي جنهن جي وني وَرَ سان هوندي آهي.

الطاف جي سفرنامن ۾ بيان ڪيل تجربن ۽ مشاهدن تي ساحر لڌيانويءَ جو هي بيت ڪيڏو نهڪي اچي ٿو:

دنیا نے تجربات وحوادث کی شکل میں
جو کچھ مجھے دیا ہے وہ لوٹا رہا ہوں میں۔

پر مان سمجهان ٿو تہ الطاف ورتو گهٽ آهي موٽايو گهڻو آهي_ يار زنده صحبت باقي.

**هدايت بلوچ**

1_ جنوري 1992ع

# عربي سمنڊ ۽ ڳاڙهو سمنڊ

- ## سفر جي شروعات

هڪ دفعو جهاز وري ڪراچي ڇڏي آهي ۽ سفر شروع ٿيو آهي. ڪجهه ڪلاڪن بعد ٿي ويءَ ساٺ ڇڏيو ۽ ٻن ڏينهن بعد ريڊيو رهجي ويو. رهجي ويون عالمي نموني جون ريڊيو اسٽيشنون: راولپنڊي، بي بي سي، وائيس آف آمريڪا ۽ هڪ ٻه روسي اسٽيشنون.

”ڏُور اوير“ اج ڪان سوين سال اڳ به جهازي پسند ڪندا هئا ته اج به. لڳاتار ڇئن پنجن سفرن کانپوءِ هن دفعي جهاز اوير ڏي رخ رکڻ بدران، اولهه طرف ڪيو آهي. هتان يورپ، ناروي، ڊئنمارڪ اسپين ويڄو آهي. ان بعدڪئناڊا ۽ آمريڪا_ پوءِ جي خبر ناهي. آمريڪا کان سپ ڪارگو ڪراچي لا ملڻ ته مشڪل آهي. ضرور ڪجهه لاءِ جدي، بصري، ڪولمبو يا چٽگانگ ويڄو پوندو. يعني هي سفر تمام ڊگهو ٿيندو_ پر اهو به شڪر جو سئيز ڪئنال کليل آهي نه ته ڇڙو آفريڪا کي ڦيرو ڪرڻ ۾ ويهه ڏينهن لڳيو وڃن ۽ اتڪل

اٺ هزار ڪن ميل وڏيڪ سمنڊ جهاڳڻو پوي ٿو ۽ پوءِ هڪ هڪ سمنڊ جو ڏينهن قيد برابر ٿئي ٿو. سمنڊ تي جهاز ۽ قيد ۾ رڳو اهو تفاوت آهي جو قيد خاني مان ڪڏهن ڀڄي نڪرڻ جا موقعا ملي سگهن ٿا.

هينئر هتان ڪراچيءَ کان عربي سمنڊ مان سڌي ڏکڻ هٽنداسين تہ سامهون ڳاڙهو سمنڊ جنهن جي هڪ پاسي عدن، يمن، سعودي عرب آهي تہ ٻئي پاسي سومالي لئنڊ، حبش، سوڊان ۽ مصر آهي. ڳاڙهي سمنڊ جي پڇڙيءَ وٽ انسان جو هٿراڏو کوٽيل سئيز ڪئنال آهي، جيڪو ميڊيٽرينن سمنڊ کي، ڳاڙهي سمنڊ سان ملائي ٿو. اڄ جي ماڊرن جهاز لاءِ ائٽلانٽڪ، پئسفڪ ۽ هندي وڏي سمنڊ کي ڇڏي، ٻيا سڀ سمنڊ ڄڻ حوض برابر آهن. ڪارو سمنڊ، جپاني سمنڊ، ڏکڻ چيني سمنڊ، افوسڪ سمنڊ، ادرياٽڪ سمنڊ، بالٽڪ سمنڊ، ڪئربين سمنڊ، عرفورا سمنڊ يا ٻيا ڪيترا سمنڊ پار ڪرڻ وقت ڪو نہ ڪو ملڪ، اَجهي لاءِ سڌ پنڌ تي آهي ئي آهي ۽ جهازيءَ جي دل، نفسياتي طرح، بهادر رهي ٿي. نجاڻ جهاز تي ڪو حادثو ٿي پيو تہ يڪدم اوسي پاسي جي ملڪن کان مدد جو بندوبست ٿي سگهي ٿو. پوءِ جيئن هاڻ وي تان لنگهڻ وقت

ٽيڪا ٽپڙي ڪبير هبي آهي تہ هي فلاڻو بيلو آهي، هي فلاڻي درياءَ جو واهہ آهي، هي ساڄي پاسي فلاڻي وڏيري جي زمين آهي، اڳ سال فصل پلو لٿو هوس ۽ کابي پاسي فلاڻي رئيس جو باغ آهي. هاڻ فلاڻو ڳوٺ اچڻ وارو آهي، اتي ترسي چانهہ پيئنداسين ۽ هتي هن هنڌ اسان جي هڪ مائٽ جو حادثو ٿيو هو. پوءِ هتي جي تر جي ماڻهن_نوح پوٽن، هاليپوٽن_ يا ڦل پوٽن ڏاڍي مدد ڪئي هئي. ساڳيو لقاءُ هيڏانهن هوندو آهي.

”اڄ منجهند جو ساڄي پاسي هڪ جبل نظر آيو هو.“ مانيءَ تي جونيئر انجنير ٻڌايو.

”اهو عدن جو پاسو ئي تہ هو ۽ هي کابي پاسي جبوتي آهي. تازو فرينچن کيس آزاد ڪيو آهي. سواءِ ٻڪرين جي، ٻي ڪا پيدائش يا آبادي ناهي.“ ريڊيو آفيسر وراڻيو.

”چيف انجنيئر ڪي جبوتيءَ ۾ شايد انجڻ جو ٽربو چارجر Turbo_ charger ٺهرائڻو آهي.“

”ماٺ اٿس پلي. اٿوپيا سان ڳنڍيندڙ سندن واحد رستو پڄي پيو آهي، اهو ئي ڪانئن مرمت نٿو ٿئين. سو وري جهاز جو ٽربو چارجر ٺاهيندا. اجان بہ مصر ۽ مالٽا ۾ ڪجهہ ٿي سگهندو.“

”مصر وري ڪھڙو چڱو مڙس آھي! اڳئين دفعي اسان کي پاڻيءَ جي ضرورت ھئي، اھو ئي نہ ڏئي سگھيو پوءِ اڳتي مالٽا مان وڃي ورتوسين.“ فورٿ آفيسر سنڌن درستي ڪئي.

”اڳئين دفعي اسان سومالي لئنڊ جي بندرگاھہ مگديشو ڪارگو ڪڻي ويا ھئاسين پر ھينئر تہ ضروت ۾ بہ وڃڻ صحيح ناھي جو ملڪ ۾ امرجنسي لڳل آھي.“

”اھي سومالي لئنڊ ۽ اٿوپيا وارا ھاڻ ڏکيو ٿھن. سڀ روس نالي ٿا چون، تہ اھو ٻنھي کي ھٿيار ڏئي ويڙھايو وينو آھي. ’چور کي چوي چوري ڪر، ساڌ کي خبردار اچئي پيو. نہ وڃنئي‘ وارو ڪم روس جو آھي، ڪيس لڙ ۾ مزو.“

”گھٽ تہ ٻيون وڏيون طاقتون بہ نہ آھن. منھنجي نظر ۾ تہ سڀ وڏا ٺي ٺڪر ڳي ڳيرا آھن. جنھن کي جتي ٿو جھٽ لڳي اتي اھو پورو آھي. آخر ڪين سنڌن ڪارخانن ۾ ٺھيل ھٿيار ڪٿي تہ آزمائڻا ۽ وڪڻڻا آھن، نہ تہ سنڌن مزور بي روزگار نہ ٿي ويندا؟“

”ڪٿي پھتا آھيون، ھاڻ؟“ جونيئر انجنيئر ماني ختم ڪري پڇيو.

”هوائي جهاز ۾ پيو وڃين ڇا؟ اڃان ته اتي ئي اٿوپيا ۽ سوڊان وٽان لنگهي رهيا آهيون ۽ ساڄي پاسي سعودي عرب آهي. شام ڌاري جدي وٽان لنگهنداسين.“

”يار پنهنجي ته حسرت ئي رهجي وئي حج ڪرڻ جي! هاڻ ڪو حاجين جو جهاز وٺبو. فلاٽو ٿرڊ آفيسر سفينه حجاج ۽ سفينه عرب تيهو تي حج ۽ هڪ عمرو ڪيو اٿس.“

”يلا، سئيز ڪڏهن ٿواچي؟“

”بس سڀاڻي رات جو دير سان يا پرهينءَ صبح جو. پورٽ توفيق پهچي، پهرين قافلي ۾ شامل ٿبو. سئيز ڪئنال وڏو ڏڍ آهي، مصرين لاءِ. پاناما ۽ ڪِيل (Kiel) ڪئنال وارا به ايترا پئسا نٿا وٺن. هڪ هڪ جهاز کان هي ٻه لک رپيا ڪن وٺن ٿا. ڏهاڙي هڪ سو جهاز به لنگهن ته مصر وارن جا مفت ۾ ٻه ڪروڙ رپيا ٿيو وڃن. پاڻي ته مالٽا مان ڪٽبو نه؟ سيڪنڊ انجنير پڇيو.

”مالٽا ۾ مينهوڳيءَ جو پاڻي ٿئي. ان کي ڪاڙهي پيئڻ جو ڪٽراڳ ڪير پيو ڪندو.“ چيف آفيسر وراڻيس.

”مالٽا جي نقشي تي واقعي ڪا ندي نالي نظر ڪا نہ ٿي اچي. مينهن جو نہ تہ ڪوهہ جو پاڻي هوندو. پاڻي خريد ڪرڻ لاءِ ٻي ڪا سٺي جاءِناهي؟“

”ساڄي پاسي ترڪي، اٽلي، فرانس وغيره آهن. پر انهن جي بندرگاهن لاءِ ڪجهہ اندر هلڻو پوندو ۽ کاٻي پاسي لبيا، ٽيونيشيا ۽ الجيريا ويجها بيٺا آهن پر ايڏا نهن ماڻهو ويوتہ ڦاٽو. جيسين وارو اچي. اڳهين سنڌن ”ڪارگو جهاز“ ٻن مهنن کان انتظار ۾ هوندا. پاڙ کي ”سوٽا“بندرگاهہ (Ceuta)سٺو رهندو. تيل بہ اتان وٺنداسين.“

”سُوٽا موراڪو ۾ آهي نہ؟“

”آهي تہ موراڪو جي سرزمين تي، پر مٿس قبضو اسپين وارن جو آهي. موراڪو وارن کي ڪڏهن بہ نہ ڏيندا. جيئن جبرالٽر کي انگريز نٿا ڇڏين.“

”هڪ دفعي، اسان جي ففٿ انجنير جي، جبرالٽر وٽان لنگهندي ٻانهن جي هڏي ڀڄي پئي. جبرالٽر ريڊيو کي وائرليس ڪئيسين. هڪدم هيليڪاپٽر ذريعي، انجنير کي هلندڙ جهاز تان کڻي ويا. پوءِ هو چاق ٿي، بيلجم ۾ جهاز تي موٽيو. هونءَ انگريز، اسپيني، ڊئنش ۽ نارويجن ان معاملي ۾

ماڻهو پيلا آهن. ڪين سامونڊين جو قدر آهي. پاڻ به ته صدين کان وڏا Sea_farer رهيا آهن ۽ ڏکيا سکيا ٻنهي قسمن جا ڏينهن ڏٺا اٿن. ٽپال ۽ اخبار به، اهي، هلندڙ جهاز تي، روزانو هيليڪاپٽر ذريعي موڪليندا رهن ٿا.“

”۽ هي پاڻ وارا مصري يار؟“

”انهن جي ته ڳالهه ئي نه ڪر.“ ... وغيره وغيره.

# اسان جي ٽي وي ۽ اوگهڙ

پاڪستان ۾ ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ۾ پڙهيو هوم ته پاڪستان ٽي_وي تي اوگهڙ گهڻي ٿا ڏيکارين ۽ آئون اهو ئي، سوچيندو هوس ته مصر، لبيا، جارڊن، ٽيونيشيا جهڙن مسلمان ملڪن جي ٽي ويءَ تي ته خبر ناهي ڇا هوندو. عشقيه ڊرامن جو ته ذات نالو نه هوندو ۽ جي ڪا عورت ڳائڻ يا خبرون پڙهڻ ايندي هوندي ته پڪ برقعو پائي پوءِ اهو ڪم سر انجام ڏيندي هوندي.

هن دفعي عربي سمنڊ، بحرِ احمر ۽ بحر روم مان لنگهندي وقت، ڪيترن ئي عرب اسلامي ملڪن جا ٽي وي پروگرام پابنديءَ سان ڏسڻ بعد پاڪستان جي انهن ماڻهن تي تعجب ڪاڏم، جيڪي پاڪستان جي ٽي وي ڪي اوگهڙ سان مشابهت ڏين ٿا. هتي جي ملڪن جي ٽي وي جي جهلڪ، اميد ته پاڪستان ۾ ’دوست ملڪن جي موسيقي‘ نالي پروگرام ۾ ڏني ويندي هوندي.

***

سئيز ڪئنال اڪارڊ واري مصري پائلٽ ڪان اسان جي ڪئپٽن پڇيو ڇا پيئنديں؟

پائلٽ: مون کي انڊين چانھہ ڪپي.

ڪئپٽن: ڇو انڊين چانھہ؟

پائلٽ: ڇو ھي انڊين شپ ناھي.

ڪئپٽن: ڪمال آھي اسان توھان خاطر اسرائيلين سان بہ رٺا ويٺا آھيون ۽ توھان جا اھي حال آھن جو پنھنجي مسلمان دوست ملڪ کي نٿا سڃاڻو؟

پائلٽ: ڇا توھان مسلمان آھيو؟

ڪئپٽن: تڏھن پيو وري ڇا. ھي جو اچڻ سان توکي سلام ڪيم.

پائلٽ: پر ھڪ ھندستاني جھاز تي آئون ويس ان تي بہ مسلمان ڪئپٽن ھو. ھندستان ۾ بہ تہ مسلمان آھن.

ڪئپٽن: اھا تہ مون کي بہ خبر آھي تہ ھندستان ۾ بہ مسلمان آھن. چين ۾ بہ مسلمان آھن. روس ۾ بہ آھن. پر پاڪستان ملڪ ۾ مسلمان Dominate ڪن ٿا.

ڪيترا اھڙا ملڪ آھن جيڪي حڪومت جي سطح تي تہ اسان جا دوست سڏيا وڃن ٿا پر افسوس جو ان جي عوام

اسان جي ملڪ ڪان اڻ ڄاڻ آهي. ڪيترا پرڏيهي گس پنڌ ملنديءَ هن قسم جا سوال ڪندا: ’پاڪستان‘ شهر جو نالو آهي يا ملڪ جو؟ پاڪستان ڇا هندستان ۾ آهي؟ پاڪستان ۾ ڪا گهمڻ جي جاءِ آهي؟ وغيره. ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو اسان جي ملڪ ڪان سنگاپور، بهاما، ٿائلنڊ، گئاٽامالا، ميڪسيڪو ۽ ڪينيا جيترو به واقف نه آهن. اسان جا سفارت خانا ان ڏس ۾ ڇا پيا ڪن؟ هر باشعور پاڪستانيءَ جي دل ۾ اهو سوال اڀري ٿو.

ملڪ جو مان مٿانهون ڪرڻ لاءِ، سفارتخانن ڪان علاوه ولائت ۾ رهندڙ اسان جا پاڪستاني، جهاز ران ڪمپنييون، هوائي ڪمپنيون ۽ بئنڪون پڻ وڏو پارٽ ادا ڪري سگهن ٿيون.

# سئيز ڪئنال

- **جنهن مان روزانو سؤ ڪن جهاز اُڪرن ٿا ....**

هينئر هينئر اسان جو جهاز سئيز ڪئنال پار ڪري ٻئي طرف ٻاهر نڪتو آهي. سئيز ڪئنال، ڳاڙهي سمنڊ ۽ ميڊيٽرينن سمنڊ کي ڳنڍڻ لاءِ هٿرادو کوٽايل واهه آهي. سندس ڊيگهه سو ميل آهي. ڪئنال جي اوير پاسي سنائي ريگستان آهي ۽ اولهه پاسي مصر جو سر سبز علائقو جتان نيل ندي وهي ٿي. سنائي ريگستان اڃان اسرائيلين جي هٿ ۾ آهي پر امن قائم رکڻ لاءِ سنائي ۾، سئيز ڪئنال سان لڳو لڳ ٻارڊر خاطر هڪ " بفر زون" ٺاهي وئي آهي، جتي غير جانبدار فوجون، يو اين او طرفان، پهرين جنوري 1974ع کان پهرو ڏين ٿيون.

ڪئنال جي وچ ۾ اسماعيليه وٽ هڪ خوبصورت ڍنڍ پڻ آهي جنهن ۾ پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ، قديم مصرين نيل نديءَ مان هڪ واهه کوٽي، هستائين آندو هو. اهو واهه ڪڏهن بند ٿي رهيو ته ڪڏهن کاٽي کنئي ٿي وئي. نيٺ انين صديءَ ۾ هميشه لاءِ بند ٿي ويو. هاڻ وري هڪ دفعو حڪومت ان جي کوٽائي جو ڪم هٿن ۾ ڪنيو آهي.

سئيز ڪئنال اڄ کان سوا سؤ سال کن اڳ نومبر 1869ع ۾ کوٽجي راس ٿيو هو. افتتاح فرانس جي راڻيءَ Empress Eugenie ڪيو. ڪئنال جي کوٽائيءَ جو ڪم فرينچ ڊپلومئٽ فرڊيننڊ ڊي ليسبس شروع ڪرايو هو ۽ ان جي موڪل، تن ڏينهن جي حاڪم پاسا کان 1845ع ۾ ورتي وئي هئي. هن هڪ انٽرنيشنل ڪمپني ناهي ۽ ڏهه ڪروڙ ڪيوبڪ وال مٽي کوٽي ڪڍڻ لاءِ پنجويهه هزارن کان به مٿي مزورن کي کوٽائي جي ڪم تي لڳايو.

انهن ڏينهن کان ڪئنال جي ويڪر به سؤ وال ۽ اونهائي اٽڪل پنجاهه فٽ آهي. پر هاڻ 1975ع کان، وري کلڻ بعد، هن جي ويڪر وڌائي 350 ڪئي پئي وڃي ۽ اونهائي 77 فٽ_ جيئن اڄڪلهه جي دور جا ماڊرن جهاز پڻ لنگهي سگهن.

سن 1965ع ۾ هي ڪئنال، مرحوم جمال عبدالناصر نئشنلائزڊ ڪيو ۽ ڪئنال جي ساليانيِ ڪمائي اٽڪل 277 ملين ڊالر مصر کي ملڻ لڳي. 1967ع جي ڇهن ڏينهن واري لڙائي بعد هي ڪئنال نو سال کن بند رهيو پر هاڻ، سواءِ اسرائيل جي، دنيا جي سيني ملڪن لاءِ عام جام کليل آهي.

بس مقرر مسواڙ ڏيو ۽ جهاز اڪرايو.

هر روز ڳاڙهي سمنڊ ۾ پورٽ توفيق بندرگاهه وٽ ۽ ٻئي طرف ميڊيٽرينن سمنڊ ۾ پورٽ سعيد بندرگاهه وٽ، دنيا جي ملڪن جا جهاز اچي گڏ ٿيندا آهن. پوءِ روز آڌي رات تائين، جيڪي جهاز اچي ويندا آهن انهن جو قافلو ٺهي پاسن کان ٻئي ڏينهن فجر مهل نڪرندو آهي. هر جهاز تي سئيز ڪئنال جي رستي جي ڄاڻ رکندڙ پائلٽ چڙهندو آهي جنهن جي چوڻ مطابق جهاز هلايو ويندو آهي. هر هڪ جهاز جي وچ ۾ اڌ ميل کن جي وٿي ڇڏبي آهي. سئيز ڪئنال جي وچ ڌاري ٻه ٽي ڍنڍون آهن. ٻه ننڍيون ڍنڍون: اسماعيليه ڍنڍ ۽ بحرتِ مراتل صغرا. ۽ ٽين وڏي ڍنڍ بحرتِ مراتل ڪبيرا. (Great Bitter Lake) انهن ۾ هڪ طرف کان آيل قافلو لنگر ڪيرائي، ٻي طرف کان ايندڙ قافلي کي لنگهڻ ڏيندو آهي. سئيز ڪئنال ايترو ويڪرو ناهي جو آمهون سامهون ايندڙ جهاز جتان ڪٿان لنگهي سگهن. سڄي ڪئنال ٽپڻ ۾ تيرهن چوڏهن ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. ڪٿي بيهڻو پوي ٿو ۽ ڪٿي تمام آهستي هلڻو پوي ٿو. اڄ ڪلهه سؤ کن جهاز روزانو لنگهن ٿا پر ڪئنال جي وڌيڪ ويڪري ٿيڻ ڪانپوءِ وڏا جهاز ۽ ٽئنڪر به لنگهي سگهندا.

# سئيز ڪئنال مان لنگهڻ وقت

جهاز جو قافلو هلڻ کان اڳ، هر جهاز کي سئيز ڪئنال مان هلڻ لائق بنايو ويندو آهي. هڪ ته جهاز لاءِ پائلٽ هجڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ ٻه ٻين ڳالهين لاءِ، مصري بندرگاهه اٿارٽي، الڳ پئسا وٺندي آهي. سئيز ڪئنال لاءِ ٻه ڪن اليڪٽريشن پڻ چڙهندا آهن. جي جهاز جي يا پاڻ سان آندل سرچ لائيٽ، جهاز جي منهن وٽ جهلي وهندا آهن، جيئن رات جو چڱي طرح نظر اچي. هر جهاز تي ٻه ننڍيون ڪاٺ جون ٻيڙيون (چپوءَ تي هلندڙ)، چاڙهيون وينديون آهن، جيئن متان ڪئنال ۾ ڪو جهاز خراب ٿي پوي ۽ پوين جو رستو بند ڪري ته اهي ٻيڙين وارا ٻيڙيون هيٺ لاهي، جهاز جا رسا، ڪئنال جي ڪپرن تي ٺهيل ڪلن ۾ ٻڌي سگهن. جيئن جهاز وچ تان نڪري پاسي تي بيهي ۽ ٻين جهازن جي لنگهه ۾ رڪاوٽ نه ڪري. پر اهڙي ڳالهه ڪا ورلي هفتن بعد، ڪڏهن ڪنهن هڪ اڌ جهاز سان ٿيندي هوندي، نه ته بقول جهازين جي انهن ٻيڙين وارن مصرين جي نوڪري ڪي ۽ واهه جي آهي.

جهاز جي ڪرينن رستي سندن پيڙيون ۾ ڪين، مٿي چاڙهيو ويندو آهي. مٿي چڙهڻ سان، مانيءَ جو وقت هوندو ته جهاز جي ماني کائي، لٽ کوڙي سمهي رهندا آهن. ڪلاڪ ٻه ننڊ ڪري پوءِ آرام سان اٿندا. پاڻ سان آنڊل وکر جو سامان: اُٺ جي کلن جا گاديلا، تسبيون، قديم مصري راڻي نفرتيتي جا پُتلا، نيل ڪٽر، چمڙي جا پٽون (جن تي پرنٽ ٿيل هوندو آهي يا قديم تصويرن جو نقل)، اگهاڙن فوٽن جا ڪارڊ، پلاسٽڪ جا ردي هار ۽ منڊيون، لفافا ٿيلهيون، ڪتاب وغيره پيڙين مان ڪڍي، جهاز جي هڪ ڪنڊ ۾، مصر جي بازار لڳائيندا آهن. ۽ بسم الله ته اهڙي اگهه سان ڪندا جو ٻڌڻ وارو جيڪر بيهوش ٿي وڃي، پر پوءِ ايندڙ ويندڙ خلاصي ۽ آفيسر، سندن وکر کي چڱي طرح ڏسي، ساڻن قيمت جي والي بال ڪندا آهن.

هو ان خوش فهميءَ ۾ ته جهازين وٽ پئسو کوڙ آهي، انهن مان ڪيجي ۽ جهازي_ جيڪو هر وقت سستي جي ڳولا ۾ رهندو آهي، اهو اها ئي ڪوشش ڪندو آهي ته ڪو چوريءَ جو مال يا ڪنهن لاوارث جو سامان سستو وڪامي ته سودو چڪائجي. خير ڪڏهن ٿورو سامان وڪامين ته

ڪڍهن گهٽو. پوءِ ڪجهه سامان ڊالرن پائونڊن ۾ ته ڪجهه سگريٽن، صابڻ وغيره جي بدلي ۾، بارٽر پڻ ڪن. آمريڪن جهازن تي چڱو سامان وڪامين ٿو_ خاص ڪري چمڙي ۽ پٽل جا سووينيئر ۽ ٻيون مصري سوکڙيون.

مٿين ٻيڙي وارن چئن همراهن مان هڪ يا ٻه ڄڻا وري جهاز جي چيف آفيسر ۽ سيڪنڊ انجنير کان ٿورو گهڻو رنگ روغن ٻِني، اچي پنهنجي ٻيڙيءَ کي هڻندا آهن. پر جي ويجهڙائي ۾ ان کي رنگ هڻي چڪا هوندا آهن ته پوءِ صابڻ سان ڌوئي چلڪائين ۽ رنگ وڪڻڻ لاءِ گڏ ڪري رکن.

هن دفعي ته ساڻن اهڙي بدقسمتي ٿي جو اجان ڪلاڪ اڌ ننڊ جو ڪو مس ڪيو هونداسون ته اسان جي اڳيان وارو جهاز خراب ٿي پيو ۽ احتياط خاطر، اسان جي پائلٽ ڪين به جاڳائي چيو ته جلدي ڪريو. ٻيڙيون هيٺ لاهي اڳين جي مدد ڪريو. منهن ڦلڙو ڪري، دل ئي دل ۾ گاريون ڏيندا، ٻيڙين سوڌا هلندڙ جهاز مان هيٺ لٿا. اڳين ته پنهنجي جهاز کي پاسيرو ڪري ٻڌي ورتو ۽ ان جهاز کان اسان گهڻو اڳيان ٽپي وياسين. پر پائلٽ ۽ ڪئپٽن، ڪين چيو ته ٻيلي هاڻ هيٺ ئي جهاز جي رسي کي جهلي، هلندا اچو. ٿي سگهي ٿو وري اڳتي

ڪجهہ ٿئي. بس پوءِ تہ سندن حالت ڏسڻ وٽان هئي. ڪچي ننڊ مان اٿي ويل، منهن بہ نہ ڌوئي سگهيا. هر ٻيڙيءَ جو هڪ همراهہ جهاز جي رسي کي سوگهو جهلي ويٺو ـ جيڪو ڇڏائڻ تي ٻيڙيءَ سوڌا پنيان هليا وڃن ۽ پوءِ اسان جي جهاز تائين پهچي بہ نہ سگهن. ٻيو همراهہ Rudder جي ڳَن ۾ ٻئي هٿ وجهي سڌو ڪندو رهيو ۽ ٽيون ٻيڙيءَ جي چپن کي قابو ڪري ويٺو تہ متان ٻيڙيءَ مان ڪري پيا تہ جهاز جي الوداع کان پوءِ ٻيڙي ڪيئن هلندي. جهاز جي تکي رفتار سان گڏ چڙهي Water_Skiing ڪري رهيا هجن. بہ چار ڪلاڪ ريگستاني ڪاڙهي ۾ گاريون ڏيندا رهيا، پوءِ ڪين ڊيرڪ ذريعي مٿي جهاز تي چاڙهيوسين. جهاز جي ڊيڪ تي پهچڻ سان، فنا ٿي ڪري پيا. پر پوءِ ڏاڍي ماني بيضا کائي ڏندڻ ٿي، دڪان کولڻ لڳا. جهاز تي سامان کڻڻ لاءِ جيڪا نندي ڪرين ٿئي ٿي، اها ڊيرڪ سڏجي ٿي.

- **جهازين کي تنگ ڪرڻ**

مصري ماڻهو سپ ڪان وڏيڪ بيزار. سئيز ڪئنال اڪرڻ وقت، پورٽ توفيق ۽ پورٽ سعيد ۾ ڪن ٿا. ننڍين ٻيڙين، لانچن ۽ اسپيڊ بوٽن ۾ جهاز وٽ اچي، جهاز تي چڙهي پوندا. پوءِ "يا رفيق بزنيس!" چوندا رهندا. هڪ هڪ کي ڪجھ خريد ڪرڻ لاءِ چوندا يا ڪجھ وڪڻڻ لاءِ. ڪيترا چوريءَ جا به واقعا ٿيا آهن. يورپ وارا جهازي ته منجهائن ڏاڍا بيزار آهن ۽ ڪين جهاز تي مٿي چڙهڻ نه ڏيندا. اسان به فقط جهاز جو ايجنٽ يا لوڪل آفيس جو ڪو ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ ايندو آهي ته چڙهڻ ڏيندا آهيونس. نه ته ٻين کي گئنگ وي (ڏاڪڻ) تان ئي موٽائيندا آهيون. پوءِ گهٽوئي پيا چوندا آهن ته، "يا رفيق! يو مسلم. مي مسلم." ڪڏهن ته عربي ۽ انگريزيءَ ۾ ڳاٿي ٽوڙ گاريون به ڏيندا آهن. خاص ڪري جهاز تي چڙهڻ ڪانپوءِ هيٺ لهڻ تي اهڙي گهوپي ڪندا جو بس. جهاز جو سُڪاڻي_ جنهن جي بندرگاهه ۾ يا ائنڪريج تي گئنگ وي (ڏاڪڻ) وٽ ڊيوٽي ٿئي، کي اها خبر نه پوندي آهي ته هيترن ۾ ڪهڙو اسان جو ايجنٽ يا آفيس جو ماڻهو آهي؟ هر مصري ٻيڙيءَ وارو ايجنٽ يا آفيس جي ماڻهوءَ جو ڏيک ڏيڻ لاءِ بريف ڪيس ۽ فائيل هٿ ۾ کڻي مٿي چڙهندو ۽ چوندو ته توهان جي آفيس جو ماڻهو

آهيان. ڪو جهازي درياءَ مان منهن ڪڍي پڇندس: Any Mail? ڪو خط پٽ اسان جو آندو اٿئي. ته ان کي به راضي ڪرڻ لاءِ وڏي هائوڪار ڪندو. پوءِ ڊاڪٽر ٽپي جهاز جي ڊيڪ يا Crew Accommodation ۾ پهچڻ سان واپار شروع ڪندو. پوٽڙي مان ڪتل يا پتل جا رانديڪا ڪڍي وڪڻڻ لڳندو. ۽ پنيان ڪوپيو ”حلوا ملوا_ تربوز“ جا هوڪا ڏيندو چڙهندو. هڪ ڪي هيٺ لاهبو ئي ڪونه ته ايتري ۾ ٻي ٻيڙي هارن وڄائيندي اچي گئنگ وي سان لڳندي. منجهس ٽيڪ ڏئي ويٺل همراهه وڏي لانڊ سان ”اسلام عليڪم_ يا رفيق!“ چئي اهو محسوس ڪرائيندو ته پاڻ سڀ مسلمان آهيون. اهي جَهلون پَلون ۽ پابنديون وري ڇاجيون.

آئون اهو سوچي رهيو هوس ته اسان سان ته اسلام عليڪم چئي هجت ٿا ڪن، پر ٻين ملڪن جي جهازين سان ڪهڙو سنگ ڇڪيندا هوندا! ايتري ۾ هڪ ٻيڙي اچي اسان جي جهاز جي ڊاڪٽر سان لڳي ۽ اسان جي جهاز کي ”پاروتي“ (هندستاني جهاز جيڪو پنيان بينو هو) سمجهي، ڊيڪ تي بيٺل خلاصين کي هندن وانگر هٿ ٻڌي وڏي واڪ ٿو چوي ”نمستي! رام رام!“ پوءِ جڏهن خلاصي وٺي کليا ته شڪي ٿي،

غلطي محسوس ڪري، چيائين: ”نو. نو. انڊين نو گڊ. جيوز نو گڊ. پاڪستاني گڊ. ائني بزنيس؟“

هڪ همراهه چرچو ڪري چيس ته ٻين ڪي ڪئريڪٽر سرٽيفڪيٽ ڏيڻ وارا، يهودين نالي هاڻ ته ائين نه چئه. تنهنجو انور سادات باردر جي هن پاسي اسرائيل جي ٻئگن سان ”امن“ جون ڳالهيون پيو ڪري ۽ تون هليو آهين ڪنڊا پوڪڻ. سڪاٽيءَ جڏهن ڪيس ٻه ٻچائي چڏيو ته يونيفارم پاتل سڪاٽيءَ کي ڪئپٽن سمجهي، ڊيڪ تي بيٺل جهازين کي چيو: ”يوئر ڪئپٽن نوگڊ. يوئر ڪئپٽن، سن آف بچ. يوئر ڪئپٽن جيو اينڊ سن آف جيو.“ ۽ ان وقت جهاز جو پوڙهو ڪئپٽن، انهن ڳالهين کان بي خبر پنهنجي ڪئبن ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري رهيو هو.

هڪ ٻيڙيءَ وارو مصري همراهه جهاز جي ڏاڪڻ تي ته اسان کي يا سڪاٽيءَ کي گاريون ڏئي نه سگهيو پر پوءِ پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ واپس ويهي، ڏاڍي مزي سان اڙدوءَ ۾ جملو ناهي، اسان کي آسيس ڏيڻ لڳو:

”انشاءالله تعاليٰ_ تمر سڀ لوگ_ مر جائيگا.“ ان سان گڏ پنهنجي هٿ کي گُڪو ڪري، سمنڊ ڏي اشارو ٿي ڪيو_يعني مرندائو تہ سهي پر ٻڏي مرندائو.

هڪڙو همراهہ لفافا ۽ ٽڪليون وڪڻڻ لاءِ جهاز تي چڙهي بہ آيو هو. ڪانئس جلدي جلدي گڏنگ وي وٺ ئي سيني ٽڪليون ورتيون. چيائين تہ پاڪستان لاءِ چاليهہ مصري سينٽن جون ٽڪليون لڳنديون. جنهن جو اڌ ڊالر ٿو ٿئي پر سڄو ڊالر_ يعني ڏهہ رپيا وٺندس. جهاز جي ڪيترن ئي ماڻهن ان اگهہ تي بہ ورتيون ۽ خط لکڻ ۾ لڳي ويا. ٻئي ڏينهن ڪئنال ٽپڻ کان ٿورو اڳ، پورٽ توفيق مان چڙهيل اليڪٽريشن کي ڪجهہ خط ڏنم تہ پوسٽ ڪري. (ڪجهہ تہ ان ٽڪلين واري کي ان وقت ئي ڏئي چڪو هوس.)

اليڪٽريشن ”ابراهيم رشيد“ پڙهيل ڳڙهيل ڪٽي ٿورو هو پر سني خاندان سان تعلق ٿي رکيائين. عمر جو ٻاويهن، ٽيويهن سالن جو ٿيندو. خط مون کان وٺي، ان تي لڳل ٽڪليون ڏسي چوڻ لڳو: ”چيف انجنيئر صاحب! توهان هن تي تمام گهٽ ٽڪليون لڳايون آهن.“

”مون کي تہ خبر ناهي پر ڪالهہ هڪ ٻيڙيءَ واري ڪان اسان سيني ڊالر ڊالر جي حساب سان ورتيون.“ مون ٻڌايومانس.

مٿي تي هٿ هڻي، ٽڏا شوڪارا ڀري، ٻيڙيءَ واري کي گاريون ڏنائين. پوءِ افسوس جو اظهار ڪندي چوڻ لڳو: ”سائين هھڙن جاهل ماڻھن اسان جي ملڪ مصر کي بدنام ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ جڏهن سيني جا خط، گھٽ ٽڪلين جي ڪري پوسٽ آفيس وارا ڦاڙي ڇڏيندا ۽ منزل تي نہ پھچندا تہ لکندڙ سڀ عمر مصرين کي گاريون ڏيندا.“ سندس پڇتاءُ ۾ ڏاڍو درد هو. مون ڪانئس وڌيڪ ٽڪليون خريد ڪري لفافن تي هنيون.

# روس ـــ ڊئنمارڪ

- **محبت ۽ نہ لڙائي....**

Sparatacus هڪ تواريخي فلم آهي. آروس جي ڪاسموراما سئنيما جي ٻاهران ان تي ”فقط بالغن“ لاءِ لکيل ڏسي تعجب لڳو تہ ڊئنمارڪ Scandinavian ملڪن مان آهي، جتي اوگهڙ جهڙي ڪا شيءِ ڪٿ ۾ نہ آندي ويندي آهي. دنيا جو نوي سيڪڙو اگهاڙو ۽ فاحش لٽريچر، تصويرون، فلمون وغيره هتي ڊئنمارڪ ۽ سويڊن ۾ ٺهن ٿيون. شهر جي مکيہ بازارن ۽ مارڪيٽن ۾ Bio_Sex نالي انيڪ دڪانن ۾ ننڍڙا ننڍڙا سئنيما گهر، صبح جو ڏهين کان رات جو ڏهين تائين، بنا ڪنهن ساهيءَ جي اُهي اُهي فاحش ۽ بي حوديون فلمون ڏيکاريندا آهن جو ملڪ جي بيمار سوسائٽي جا ماڻهو ئي ان کي ساراهي سگهن ٿا ۽ انهن ڳالهين لاءِ ننڍي وڏي، عورت ۽ مرد لاءِ بنا ڪنهن جهل پل جي دعوت هوندي آهي. اتي اسپارا ٽاڪس جهڙي رومن سلطنت جي تواريخي فلم ”فقط بالغن“ لاءِ ـــ عجب جهڙي ڳالهہ ٿي.

هڪ ڊئنش همراهہ کان پڇيم: ”هن ۾ ڪهڙي خراب ڳالهہ آهي جو ننڍي ٻمار جا نہ ڏسن؟“

”يوسي! هن ۾ ڪرڪ ڊگلس جي شيديءَ سان تلوار بازي ڏيکاري اٿن. نا بالغ ڏسندا تہ هنن جي ڪچڙي دماغ تي جهيڳڙي جو ڪيڏو نہ خراب اثر ٿيندو.“ هن ٻڌايو ۽ آئون پنهنجي دماغ تي هٿ ڏئي فلم شروع ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. سوچيم تہ Love not war تي هن ئي ملڪ ۾ صحيح طرح عمل ٿي رهيو آهي.

# بيروزگاريءَ شاديءَ کان اڳ ۽ پار

ڊئنمارڪ جي ڊيگهه ۽ ويڪر ايتري آهي جيترو ڪراچي کان حيدرآباد تائين جو پنڌ. چوڌاري سمنڊ ئي سمنڊ. ڊئنمارڪ سوين ٻيٽن تي مشتمل آهي_ فلپين وانگر. ڪنهن به هنڌان، توهان کان، سمنڊ پنجٽيهه ميلن کان پري ٿي نٿو سگهي. کير، مکڻ، مشينري ۽ جهاز رانيءَ ڪري چڱو امير ملڪ آهي. ويلفيئر اسٽيٽ ئي سمجهڻ کپي. هر ماڻهو روزگار کي لڳل آهي. جنهن کي نوڪري ناهي ان کي سرڪار طرفان پئسو ملي ٿو. جنهن مان هو سولائيءَ سان جاءِ جي مسواڙ لائيٽ جو بل، کاڌو پيتو ۽ ڪپڙو لٽو ڪري سگهي ٿو. اهو پئسو ننڍي نوڪري واري پگهار جو نوي سيڪڙو کن ٿئي ٿو. يعني ڪو ڪلارڪ ٿي هزار رپيا ماهوار تي نوڪريءَ ۾ آهي. ڪنهن سبب ڪري هو نوڪري مان ڪڍيو ٿو وڃي، بيمار آهي، موڪل ٿو وٺي، يا نوڪري نٿي وڻيس ته جيترا ڏينهن بيروزگار هوندو جيسين ساڳي يا ٻي نوڪري مليس، تيسين پهرين نوڪرءَ جي حساب سان کيس ٽي هزار بدران ٻه هزار ست سو

روپيا ماهوار ملندا رهندا. ان کان سواءِ گهر جي مسواڙ دوا درمل پڻ سرڪار تي آهي ـــ پيو ڇا کپي.

سئبرو ايئرڪنڊيشنگ پلانٽ جي مارڪيٽ مئنيجر ٻڌايو ته ڊئنمارڪ ۾ هڪ لک ماڻهو بي روزگار آهن. ساهي کڻي وري پاڻ ئي ٻڌايائين ته ان ۾ انهن ماڻهن جو ئي هٿ آهي. گهر ويٺي کين ايترو مليو وڃي جو آرام سان ويٺا کائين ته پوءِ هلڪي ڦلڪي نوڪري ڇو ڪن.

ڪيترا نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سڄو ڏينهن ننڊون ڪري، رات جو ڇڪر تي نڪرندا. بهار جي موسم نه ڏس، ته سخت سياري جي برفاني رات نه ڏس ـــ نئيو وڏو ڊسڪوٿي، ڪلب، ريسٽورنٽ، چوواٽي تي صبح تائين ٽلندا رهندا. ويتر حڪومت هر ڇوڪريءَ کي ٻار ڪيرائڻ يا شاديءَ بنا ٻار ڄڻڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي آهي ته پوءِ ظاهر آهي ته هو ڏينهن جو به سڪون جي ننڊ سمهي سگهن ٿا.

اسان جي ڊئنمارڪ واري آفيس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ڊئنش ڇوڪريءَ ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته کيس به ٻار آهن. هڪ ڇئن سالن جو ۽ ٻيو ٻن سالن جو.

”چئبو ته تو شادي 1972ع ۾ ڪئي آهي.“ مون ٿلهي ليکي ارٿميٽڪ ڪري ڪانئس داد ٿي وصول ڪيو.

”نه. ان کان پوءِ.“

”ته پوءِ 1973ع ۾“ مون پڪي اعتماد سان اهو سن ڪيس ائين ٻڌايو جيئن شينهن جي ڪوڙي شڪاريءَ شينهن جي ڊيگهه گهٽائي گهٽائي آخر هڪ حد تي چيو ”هاڻ ڪيترو ڀهڪنگهين پر ان کان گهٽ نه ڪندس.“ سوچئن سالن واري ٻار جي ماءُ جي شادي پوڻن پنجن سالن کان گهٽ عرصو اڳ ته نه ٿي سگهي ٿي.

”نه. نه. مون پر سال شادي ڪئي آهي.“ هن ٻڌايو.

”ته پوءِ ٻار؟“ مون وائڙن وانگر پڇيومانس.

”اهي شاديءَ کان اڳ ئي ڄڻيم. پَرُ سال جيئن ئي فرانزو کي سٺي نوڪري ملي ته شادي به ڪئيسين ۽ جاءِ به ورتيسين.“

”اها ڳالهه ڪر. چئبو ته اها شادي ته نه ٿي پر مڙس کي گهوڙي تي چاڙهڻ يا ڪنوار کي مينديءَ لڳائڻ جي رسم پوري ڪرڻي ٿي.“

مٿين ڳالهہ هنن ملڪن ۾ ان ڪري بہ عام آهي جو شادي بعد ٻارن جو خرچ پڪو مائٽ تي آهي. پر غير شادي شده ماءُ کي ٻارن ڪري حڪومت کان وڏيڪ پئسا ملن ٿا.

# ناروي ۾ اسان جا پاڪستاني

هتي ناروي ۾ اسان جا پاڪستاني جام آهن. اوسلو ته سڄو ڀريو پيو آهي. پر ناروي جي اتر ۾، ويندي ٽرنڊام تائين، پاڪستاني، برف جي ٻوري وانگر ٻرڪيا پيا آهن. هونءَ هن پاسي گهڻو ڪري سڀ مزدور ڪلاس جا نوجوان آهن. انگلنڊ، آمريڪا، جرمني، جپان ۾ پڙهيل ڳڙهيل گهڻا ملندا ۽ اُتي جيڪو به مزدور طبقو آهي سو به سنجيدي قسم جو.

اسان جي ماڻهن جو ناروي پاسي سڀ کان دير سان اچڻ ٿيو جو هنن اتر قطب جي ملڪن جي، سخت ٿڌي موسم هجڻ ڪري، هتي جي ماڻهن لاءِ ئي هتي رهڻ ڏکيو آهي. منهنجو سياري توڙي اونهاري، جڏهن به ناروي اچڻ ٿيو آهي ته ٽرنڊام پاسي. اتر ناروي ۾ جتي سيارو ته سخت ٿڌو ٿئي ٿو (گوڏن جيتري برف ٻوري ۾ هر شيءِ ڍڪي پئي هوندي آهي ۽ ٽيمپريچر ڪاٽو ويهه، پنجويهه ڊگرين تائين ڪري پوندو آهي.) پر اونهارو به اسان جي سياري کان گهڻو ٿڌو ٿئي ٿو.

ناروي پهچڻ سان، مڙيئي پاڪستاني ٽولين ۾ ٿي جهاز تي پهچي ويندا آهن ۽ اچڻ سان پهرين ولائت جون

ساراهون ڪندا. (هنن جو ولائت سان مطلب رڳو ناروي هوندو آهي.) "سائين هتي ولائت ۾ هر شيءِ نج ملي ٿي. سائين هتي ته هر شيءِ تي تاريخ لڳل هوندي آهي، جيئن وٺندڙ کي خبر پئي ته هي ڪير ڪيستائين هلندو يا هي ڏنئرو اڄ جو ڄمايل آهي! هيءَ ڊبل روٽي ڪڏهن خراب ٿيندي. سائين اسان کي هر هفتي پگهار ملندو آهي. مهيني ۾ نو هزار رپيا ملن ٿا. (جيتوڻيڪ اهو هتي جي مهانگائيءَ جي حساب کان ڪو گهڻو ناهي. ان کان وڏيڪ ٻين ملڪن ۾ ملي ٿو ۽ اهي نو هزار رپيا ٻه ورلي ڪنهن ڪنهن جو پگهار آهي نه ته سراسري اڍائي يا ٽي هزار ڪرونا، جي پاڪستاني پنج يا ڇهه هزار رپيا ٿيا. هڪ ناروي جو ڪرونو ٻن رپين برابر آهي. پر اسان وارا يار هڪ ڪروني کي ٻن بدران ٽن سان ضرب ڏئي ٻڌائيندا ۽ ٽئڪس جي ڳالهه گول ڪري ويندا. هتي ماڻهو آزاد آهي جيئن وڻيس تيئن ڪري..." وغيره وغيره. ۽ اسان جو چيف آفيسر سرور جنهن کي جپان، آمريڪا، انگلينڊ، اسپين جي مقابلي ۾ ناروي بنهه نٿو وڻي، سو نڪ کي موڙو ڏئي منهنجي ڪن ۾ ڦسڪو هڻندو: "يار هي ته سمجهن ٿا ته ڪو اسان صفا ڄٽ آهيون ۽ سڌو ٽنڊي نوڙهي کان پيا اچون. پر ٽنڊي نوڙهي وارن کي به ڄاڻ

پئجي وئي آهي تہ ولائت ۾ ڪهڙي ڏوڙ پئي وسي ۽ ڇا عزت ۽ قدر آهي. ولائت مان اڄ ڪلهہ ڪو بہ متاثر ناهي ۽ اسان Sailor تہ اها ذات آهيون جو وڏي ڳالهہ مان بہ متاثر نہ ٿيون.“

پر اسان جو پوڙهو ڪئپٽن فريد خان، ڪجهہ پنهنجي ذاتي عادت ۽ ڪجهہ ٻڍاپي ڪري، سنڌن ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ساٿن ٻَڪ ڪرڻ تي هري ويو آهي. اهي ڳالهيون ٻڌي ڪڪ ٿيڻ بدران ويتر مزو پيو ايندس ۽ ڪين لٺ تي بہ چاڙهيندو ويندو تہ پنهنجو تڪيو ڪلام ”واه ڀائي واه!“ بہ چوندو ويندو. خاص ڪري مانيءَ جي ٽيبل تي.

”اڇا! واه ڀائي واه! ڇئبو تہ هتي ولائت ۾ ڏاڍا مزا اٿانوَ. يار آئون تہ پوڙهو ماڻهو ٿي پيو آهيان. هجان ها توهان جهڙو جوان ڇوڪرو تہ ناروي ضرور رهي پوان ها. ڀلا هتي تہ توهان جي ڇوڪرين سان بہ ڏاڍي دوستي هوندي؟ ميمن سان شاديون ڪندا هوندائو!“

۽ هو ٿانءَ ۾ پير جي، الله جي ڏني مان دل کولي گشا هڻندا آهن ۽ اسان دل ئي دل ۾ ڪئپٽن تي ۽ هنن تي کلندا آهيون.

”نہ گهڻيون نہ آهن. اڃا ٻن کي اسٽڊي ڪري رهيو آهيان.“ هڪ ٻڌايو ۽ ٻئي ٽيڪو ڏياريس.

”هتي جوان ڇوڪريون اسان جي ملڪ جي ڇوڪرين وانگر ڍڄڻيونءِ بيڪار قسم جون نہ آهن. تمام همت ڀريون ۽ مڙس ماڻهو آهن. سڄي گهر جي ڪم ڪي اڪيلي سر منهن ڏين ۽ مڙس کان بہ وڌيڪ ڪمائين، هر هنر ڄاڻن. اسان وارو هي همراهہ تہ هتي شادي بہ ڪرڻ وارو آهي. هڪ ٻار بہ ان مان ٿيو اٿس.“ وڌيڪ معلومات ڀرين همراهہ سگريٽ جو ڍگهو ڪش هڻي وڏي ناز سان پاڻ ئي ٻڌائي.

”نہ. اڃان ڏسان پيو.“

”پوءِ ڀلا ڪيئن؟! ٻار بہ ٿي ويو آهي، پر شاديءَ لاءِ اڃا ڏسو پيا؟“ اسان جي ڪئپٽن، پنهنجي پورٽ سائيڊ مڇ کي مٿي تاءُ ڏئي، چپن تي چپ ڦيريندي هن کان پڇيو_ جڻ پنهنجي عمر جا گذريل ٽيهہ سال جهاز تي نہ پر پنهنجي ڳوٺ ۾ چاڪيءَ جي گهاٽي تي گذاريا هجنس.

”ان ڪري جو هتي، اهوئي تہ مزو آهي. شاديءَ کان اڳ جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ کي ٻار ڄمي ويندو تہ سرڪار طرفان هن کي ۽ سندس ٻار کي وڌيڪ پئسا ملندا رهندا. بهرحال هاڻ سٺي ڇوڪريءَ جو آسرو ٿيو آهي. سال بعد شادي ڪنداسين.“

”واه ڀائي واه! پاڪستان ۾ واقعي توهان لاءِ مزا ڪٺي. پلا هاڻ مانيءَ بعد چانهن پيئنداؤ يا ڪافي؟“

”جيڪي پياريندائو پيئنداسين.“ هڪ چيو.

”يار معاف ڪجو اسان جي پاڪستاني جهازن تي شراب بند ٿي ويو آهي. توهان ته هتي ان جا عادي هوندائو.“اسان جي ڪئپٽن چيو.

”شراب مان نه پيئندو آهيان.“ پهرين ٻڌايو.”منهنجي هتيجي ساٿڻ يعني ’ٽيڻ واري زال‘ به پيئڻ لاءِ زور ڪندي آهي ته ان کي به سمجهائيندو آهيان ته تون پلي پي پر آئون نه پيئندس، جو اسان جي مذهب ۾ حرام آهي. هونءَ هتي جون ڇوڪريون انهن ماڻهن کي پسند ڪن ٿيون جيڪي شراب جي شوقين هجن، جيئن شادي بعد کين به پياري سگهن.“

”واه، ڀائي واه!“ ڪئپٽن چيو.

# ناروي ۾ پاڪستانين تي بندش

پنج ئي آڱريون برابر بہ نہ آهن. هنن ملڪن ۾ ڪجهہ سٺن خيالن ۽ سلجهيل طبيعتن وارا بہ ملندا. خاص ڪري هتي رهندڙ هڪ اڌ، پڙهيل ڳڙهيل ۽ شاگرد. اهڙن مان هڪ حقيقت پرست هتي رهندڙ پاڪستانين جي حالت تي افسوس ڪندي ٻڌايو: ”بس ادا ڪهڙيون ٿا خبرون پڇو. هي اسڪينڊينيوين ملڪ ڏاڍا سٺا آهن. ماڻهو ڏاڍا اندر جا صاف ۽ رحمدل آهن. هُو هر ڳالهہ تي اعتبار ڪندڙ ۽ مجي ويندڙ آهن. جهيڙي جهتي ۽ فساد مان تہ ڄاڻن ئي ڪونہ. پر اسان پاڻ ئي پنهنجن پيرن تي ڪهاڙو هنيو آهي. پنهنجي ئي لڇڻن اسان کي جهوريو آهي. شروع ۾ آيا هئاسين تہ هتي جي ماڻهن نہ فقط اسان جي آجيان ڪئي پر نوڪريون بہ ونرائي ڏنيون. پيا تہ ٺهيو پر هتي جون ڇوڪريون بہ اسان کي وڏن وڏن ڪارخانن ۽ فرمن جي مالڪن وٽ نوڪري ڏيارڻ لاءِ ونئي هليون ۽ کين هلي راضي ڪيو ۽ محسوس ڪرايو تہ اسان غريب آهيون، پورهئي خاطر ٻار ٻچا، مٽ مائٽ ڇڏي هيڏو ڳهي آيا آهيون. سرڪار بہ اسان کي اهي مڙئي سهوليتون

ڏيڻ لڳي جي هتي جي ماڻهن کي مليل آهن. سڀ اسان سان همدردي ڪرڻ لڳا ۽ ساڳي وقت تعجب ڪائڻ لڳا ته اسان مان هڪ هتي ڪمائي ٿو ته ملڪ ۾ ڏهه ڀاتي کائين ٿا. پوءِ آهستي آهستي اسان جا پاڪستاني وڌندا ويا ۽ ان سان گڏ اسان جا ڦڏا فساد پڻ.

”هتي جا ماڻهو وڏي ۾ وڏو جهيڙو ڪندا ته به وات سان. پر اسان جي ماڻهن چاڪوءَ ڇريون جو ڪيڻ شروع ڪيون ته هي وائڙا ٿي ويا. ڏڄي ويا. هتي جي ٽي وي ۽ اخبارون، جيڪي رڳو اسڪنگ ۽ اسڪيٽنگ راندين جون خبرون ڏينديون هيون، انهن ۾ هو اهو پڙهي ۽ ڏسي، ته اوسلو سئنيما هال ۾ به پاڪستاني وڙهيا. اسٽيونگر شهر ۾ ڪنهن پاڪستانيءَ نابالغ ناروبجين ڇوڪريءَ سان زوريءَ زنا ڪئي، فلاڻي پاڪستانيءَ ڪرسٽن سئنڊ شهر ۾ پنهنجي ئي هم وطنيءَ جي چوري ڪئي... ته هتي جي ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. آهستي آهستي ناروي جي حڪومت اسان جي ملڪ جي ٻين جي اچڻ تي بندش وڌي، جيڪي ڏينهون ڏينهن غيرقانوني طرح لڪي اچي رهيا هئا، يا گهمڻ جي بهاني ناروي ۾ داخل ٿي واپس وڃڻ جو نالو نه وٺي رهيا هئا. تان جو گذريل

سال، جڏهن اوسلو ايئرپورٽ تي هڪ پاڪستانيءَ ٻي پاڪستانيءَ کي ڏينهن ڏٺي جو چاقوءَ جا اٺ ڏڪ هڻي خون ڪري وڌو، تہ ان جو خوف، هراس ۽ نفرت ٿي وي تي ۽ اخبارن ذريعي سڄي ملڪ ۾ باهہ وانگر پکڙجي ويو.

”خون ٿيل جي جڏهن جانچ ورتي وئي تہ هن جي بہ کيسي مان هٿ جيڏو خنجر نڪري آيو. سڀ وائڙا ٿي ويا تہ هل سائين خوني تہ خون جي خيال کان چاقو کڻي آيو هو پر قتل ٿيل جي کيسي مان بہ ڇرو نڪتو! تنهن جي معنيٰ هر پاڪستاني چاقو کڻيو هلي.“

هڪ ٻئي پاڪستانيءَ ٻڌايو تہ ”ان واقعي کانپوءِ ڪو پاڪستاني کيسي ۾ هٿ وجهندو آهي تہ نارويجن ڊڄي ويندا آهن تہ چاقو تہ ڪونہ ٿو ڪڍي ۽ اسان کان لنوائيندا وتندا آهن.“

مٿين ايئرپورٽ تي جڏهن خون جو افسوسناڪ واقعو ٿيو هو تہ اتفاق سان تن ڏينهن ۾ بہ اسان ناروي ۾ هئاسين، جيتوڻيڪ جهاز ٻيو هو. مٿئين ڳالهہ جي اهميت ان مان پئي جڏهن هڪ ميانوالي پاسي جي همراهہ هتي جي ماڻهن جي فطرت کان آگاهہ ڪندي ٻڌايو تہ نارويجن ماڻهو ايترو صلح

پسند ۽ نرم دل آهن جو ڪنهن جانور، پکيءَ کي بہ هرويرو نٿا ستائين. ”هڪ ڏينهن اسان جا ٻار بدڪ سان کيڏي رهيا هئا،“ هن ٻڌايو، ”کيڏندي کيڏندي هڪ ٻار بدڪ کي گليلو واهي ڪڍيو. مٿي، ڇهين ماڙ تي بالڪنيءَ مان هڪ نارويجن پوڙهيءَ ڏسي ورتو ۽ دانهون ڪندي هيٺ لٿي. ٻار تہ گليل سوڌو ڀڄي ويو، منڊڪائيندڙ بدڪ کي جهلي ڏاڍيون چميون ڏنائين ۽ ان ئي وقت اسپتال دوا لاءِ وٺي ويس.اها ئي ايڏي وڏي ڳالهہ سمجهي وئي جو ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ اچي ويو. اتي ڪنهن ماڻهوءَ جو خون، سو بہ سوين ماڻهن جي اڳيان ايئرپورٽ تي ۽ معمولي خانداني پراڻي جهيڙي تان_ هتي هيڪاندي وڏي ڳالهہ سمجهڻ کپي.“

مٿئين همراهہ ٻڌايو: ”هاڻي سڄي يورپ_ اجان بہ سڄي دنيا ۾، ناروي اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ پاڪستانيءَ جي داخلا تي بندش وڌي وئي آهي. ايتريقدر جو ڪو ٽوئرسٽ جي حيثيت ۾ بہ نٿو اچي سگهي. اسان جيڪي اچي ويا آهيون انهن تي بہ سخت نظر رکي پئي وڃي. هونءَ اسان کي ٻين نارويجن وانگر اجازت هئي تہ بنا پاسپورٽ ۽ ويزا جي ٻين اسڪينڊينيون ملڪن: سئيڊن، ڊئنمارڪ ۾ ائين ايندا ويندا

رهون جيئن لاهور کان پنڊي يا ڪوئيٽا وڃجي پر افسوس جو هاڻ اها سهوليت بہ اسان کان کسي وئي آهي. هاڻ پنهنجي ماءُ پيءُ کي بہ ڳوٺان گهرائي نٿا سگهون. فقط زال ۽ ٻارن کي گهرائڻ جي اجازت آهي، پر اها بہ شايد هاڻي بند ٿي وڃي، جو ان سلسلي ۾ بہ هڪ ڏکوئيندڙ واقعو ويجهڙائيءَ ۾ ٿيو آهي.

”هڪ همراهہ پنهنجي زال کي ماري رکيو. هن جو ارادو هتي جي ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو هو. مائٽن کي جو خبر پئي سو زوريءَ سندس زال کي ڏانهس اماڻي ڏنو. هتي پنج ڇهہ مهنا رهي ۽ ان دوران پيٽ بہ ٿيس پر مڙس کيس پورو ڪرڻ جي چڪر ۾ هو. هڪ ڏينهن کيس گهمائڻ جي بهاني جبل جي چوٽيءَ تي وٺي ويو. اتان وچي ڌڪو ڏنائينس. هوءَ ان ئي وقت مري وئي. هتي برف ۾ ڦاسندڙن ۽ جبلن تي رستو وڃائيندڙن جي مدد لاءِ راڊار ۽ پوليس پيٽرولنگ سسٽم آهي، سو انهن هيليڪاپٽر مان هن کي تاڙي ورتو. هن تہ گهڻو ئي گوهي ڪئي تہ سندس زال جو اتفاقي پير ترڪي ويو. خير، پوليس بہ کيس جانچڻ لاءِ في الحال ڇڏي ڏنو. ۽ هي، ڇا جو غم ڇاجو فڪر. ٻئي ڏينهن ئي بار مان هڪ ڇوڪريءَ کي وٺي آيو. ان تي پوليس ڪٽي سوگهو ڪيس ۽ هاڻ جيل ڪاٽي رهيو آهي.“

# پنھنجو پاڻ ۾ وڙهيل

ناروي جهاز پهچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ مانيءَ جي ٽيبل تي سيڪنڊ آفيسر منظور ٻڏايو (جيڪو ڪيترائي دفعا هن پاسي اچي چڪو آهي) ”هڪ دفعو اسان جو جهاز ناروي جي شهر اسٽيونگر ويو هو جتي فقط ست پاڪستاني هئا ـــ پر اهي به ٻن گروپن ۾ ورهايل هئا. هڪ ۾ ٽي ڄڻا، ٻي ۾ چار. پهرين ڏينهن ٽي آيا، انهن باقي ٻچيل چئن جون گلائون ڪيون ته اهي ههڙا آهن، هي ڌنڌا اٿن. جهاز تي به اچڻ نه ڏجون. ٻئي ڏينهن ٻيو گروپ چئن وارو آيو ۽ اچي پهرين جون گلائون ڪيائون ۽ آخر ۾ ساڳيون نصيحتون ڪري ويا. هاڻ وري ناروي پيا هلون ۽ اسان جا همراه ايندا ۽ اچي هڪ ٻئي جي گلا ڪندا. اهو نه سوچيندا ته ڪير به غلط حرڪت ڪري، بدنام ته سڄو ملڪ ٿو ٿئي.“ تنهن تي ڪئپٽن چيو: ”در اصل اهي چند ماڻهو اسان جي ملڪ جي نمائندگي ڪونه ٿا ڪن. ڪنهن به ملڪ کي انهن جي ڪڌن ڪرتوتن مان سڄي ملڪ بابت غلط اثر وٺڻ نه کپي. هي ته هڪ ڪريل سوسائٽي سان تعلق رکن ٿا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ هجن ها اتي به سڌن اهي ئي

ڪم هجن ها. هنن ۾ ڪيترا اهڙا به ٿين ٿا جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ غلط سلط جرم ڪري پوءِ ڏوهاريءَ جي صورت ۾، قانون کان پڇڻ لاءِ، لڪي اچي هتي نڪتا آهن.“

”پر ڪيترائي اسان جا ماڻهو نيڪ پڻ آهن. خراب ماڻهو ۽ سندن خراب ڪم ته ائين آهن جيئن اٽي ۾ لوڻ. پوءِ ائين پلا چو آهي ته رڳو خراب ڳالهيون مشهور ٿين ٿيون، جنهن ڪري ملڪ جي عزت ۽ نالي کي ڇيهو ٿو رسي. سناين جو مثال اخبارن يا ٽي_وي تي ڇو نٿو اچي.“ ڪنهن ڪئپٽن کان سوال ڪيو.

”نه. هرگز نه ايندو. سنائي کان وڏيڪ برائي وڏيڪ پکڙجي ٿي. اهو News_Media جو بنيادي پهلو آهي. ساڳي وقت سنائي سان پيار ڪرڻ کان وڏيڪ، اڄ جو سڌريل ماڻهو خرابيءَ کان نفرت ڪري ٿو.“

# ٽرنڊام_ ناروي

- **مختيار جون مزيدار ڳالهيون**

ناروي ۾ رهندڙ هڪ جيڪب آباد پاسي جي همراهه کان ڏاڍو متاثر ٿيس. آخري ڏينهن، جڏهن ناروي کانSail ڪرڻ جي تياري ۾ هئاسين ته هن سان ملاقات ٿي.

وهنجي سهنجي، بيڊ روم مان ڪپڙا مٽائي، آفس ۾ اچي ويٺس. ڪئپٽن کان فون تي Sailing جي خبرچار ورتم ۽ انجڻ جي تياريءَ لاءِ سيڪنڊ انجنيئر کي ٻڌائي رهيو هوس ته سئلون بئاءِ اچي ٻڌايو ته هيٺ هڪ جيڪب آباد جو همراهه ويٺو آهي، توهان وٽ اچڻ چاهي ٿو. مون کي ڏاڍو تعجب لڳو ته سڄي دنيا جو گذريل ٻارهن تيرهن سالن کان، سفر ڪري رهيو آهيان_ بلڪ رُلي رهيو آهيان، پر هي پهريون موقعو آهي جو جيڪب آباد ضلعي جو ڪو همراهه ولايت ۾ ملي رهيو آهي. نه ته دادو جهڙن ڏتڙيل ضلعن جا غريب مزدور سڄي عرب دنيا ۾ پکڙيا پيا آهن: بندرگاهن تي، رستن ۽ عمارتن ٺاهڻ تي، حجامڪي کان سونارڪي ڌنڌي تائين. حيدرآباد، لاڙڪاڻي،

خيرپور، سکر پاسي جا شاگرد ۽ نوڪرين وارا به ڪيترا آمريڪا کان وٺي يورپ،انگلنڊ، ويندي جپان تائين، ٿورا يا گهڻا نظر اچن ٿا. پر هي پهريون همراهه جيڪب آباد جو سو به ناروي_ جيڪو يورپ جو ٿرپارڪر سمجهڻ کپي، ۾ ملي رهيو آهي.

اڳئين دفعي ناروي ۾ آيو هوس ته ٽنڊو ڄام ائگريڪلچر ڪاليج جو هڪ ليڪچرار عبدالقادر چانگ مليو هو جو ڇهن مهنن جي ٽريننگ بعد واپس وڃي چڪو هوندو ۽ بي حيدرآباد يونيورسٽي جي ساجده شيخ ڪيمسٽري جي اعليٰ تعليم لاءِ هتي آيل هئي. تڏهن ته ڪنهن به هن جي ڳالهه نه ڪئي، شايد تازو آيل هجي.

۽ جڏهن جيڪب آباد ضلعي جي ٺلهه شهر جو مختيار مغل مليو ته هن ٻڌايو ”جڏهن به پاڪستاني جهاز اچي هلي ويندو آهي تڏهن مون کي سڀ يار ٻڌائيندا آهن. مون کي ته هتي آئي به ٽي سال ٿي ويا آهن. منهنجو مامو ۽ سندس فئملي ته ان کان به اڳ جا آيل آهن. مون ته جهاز (Ship) ئي اج پهريون دفعو ڏٺو آهي. در اصل آئون سيني کان الڳ ٿلڳ پري رهان ٿو. هفتي جا ڇهه ڏينهن، گڏهه وانگر، هتي ڪم

ڪرڻو پوي ٿو ۽ آچر جي ڏينهن، موڪل ۾ گهر جي صفائي، ڀاڄي ڀُتي، سڀ ڪجهه هفتي لاءِ، پاڻ ڪرڻو پوي ٿو. تڏهن وڃيو ٿي ڪجهه بچت ٿئي.“

ناروي ۾ جيڪي ٻه سوين مزور پيشه پاڪستاني نوجوان مليا، انهن ۾ هي همراهه سچارو ۽ زبردست حقيقت پسند هو. اجائي لباڙ ڪوڙي لئه ۽ ڪوڪلي وڏائي نسورو نه هيس. پاڻ ٻڌايائين: ”سائين مان پنهنجي ڳوٺ ٿلهه ۾ پرائمري اسڪول جو ماستر هوس. نو سال گذري ويا جو سو ڪن رپيا به بچائي نه سگهيس. اهو ئي سوچيندو رهيس ته نه گهر ٺهرائي سگهيو آهيان نه ڪا بچت ڪئي اٿم. اڳتي هلي ٻارن جي پڙهائي، پنهنجي ۽ مائٽن جي اگهائي سگهائي رسم و رواج تي ايندڙ خرچ پڪو ڪٿان آڻيندس. مان تمام گهڻو حساس آهيان ۽ هر وقت اهي خيال منهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ پيدا ڪندا رهندا هئا.

”منهنجو مامو اڳهين هتي ناروي ۾ هو. هو پنجاب پاسي جو آهي. تنهن چيو: ”تڪليف آهي جو پورهيو ڪرڻو پوندو. سيءَ به ٻارهوئي سخت رهي ٿو. سياري جا ڪجهه مهينا ته سج بلڪل نظر نٿو اچي، اونده ۽ برف باري لڳي رهي ٿي. گهڻو پڙهيل به نه آهين. بهرحال همٿ جي ڪري سگهين ته

آمنا صدقنا. الله جو نالو وٺي هليو اچ!“ ۽ آئون هليو آيس. انهن ڏينهن ۾ هتي ناروي ۾ حالتون بهتر هيون. جلدي رهائش ۽ نوڪري ملي وئي. اڄڪلهه وارو گند ۽ بدنامي مور نه هئي، پيا ڳپلا هيم. دل ۾ اچي ويو جو اچي هتان نڪتس. پهرين هتي سٺي نوڪري نه ملي. بس سمجهه ’آٺيون ۽ چاڙهيون ڏٺ ڏهاڙي سومرا‘ کان به ڏکيو حال هو. پر پوءِ اسان به پئي ڳن ڏنا. ڦاٽي ته ڦٽڪڻ وري کهڙو. هاڻ مڙيئي چڱي نوڪري آهي. هتي جي حساب سان ته ان کي به سنو يا چڱو نٿو چئي سگهجي، جنهن ڪارخاني لاءِ هي جيڪو توهان ’ڪارگو‘ : گُوار، ڪڻڪ ۽ سڪل مڇيءَ جو ٻورو آندو آهي، ان فئڪٽري ۾ ڪم ڪندو آهيان. هتي برف باري ڪري پوک نه برابر ٿئي ٿي. هي ماڻهو پاڪستان، هندستان ۽ ٻين ڏورانهن ملڪن کان ان قسم جو سامان سستي اگهه ۾ گهرائين، جنهن جو پاڻ وٽ گهڻو قدر ناهي. پوءِ هي دماغ کي استعمال ڪري، سائنسي اصولن تي انهن ۽ ٻين شين ۽ گاهن کي ملائي پنهنجي ڍڳين، گهوڙن، ڪڪڙن لاءِ چارو ۽ داڻو ناهين ٿا ۽ ٻاهر به ايڪسپورٽ ڪن ٿا. ان کان علاوه دوائون پڻ ان مان ٺاهين. ڍڳيون وري آسٽريليا کان گهرائيندا آهن. پوءِ اسان وانگر مال کي گهمائڻ ڦيرائڻ ۽

پهرائڻ بدران هڪ ئي هنڌ وڏن وٽاٽن ۾ رکن. مشينن سان هنن جي مالش ڪن. ڪير هنن جو اهڙو تہ سنو ٿئي جو ڇا ڳالهہ ڪجي. يورپ جي تہ ڪيترن ملڪن ۾ تازو ڪير هومو جينائيزڊ ۽ پئسچورائيزڊ ڪري موڪلين پر ايشيا ۽ عرب ملڪن ڏي بہ پائوڊر جي شڪل ۾ موڪلين.“

- **ناروي جا پگهار ۽ خرچ**

”آئون جنهن فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندو آهيان،“ مختيار ٻڌايو ”اها وهٽن لاءِ ڏارو ٺاهيندي آهي. اتي مون کي ڪلاڪ جي حساب سان ويهہ ڪرونا_ يعني پنهنجا چاليهہ رپيا پگهار ملي ٿو. روز اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو آهي، سو ٿيا ٽي سو ويهہ رپيا. سڀ مهيني ۾ اوورٽائيم ملائي ڪڍهن ڏهہ يارهن هزار رپيا ٿيو وڃن. هتي ٽئڪس تمام ڳرو ضروري ۽ سيني لاءِ آهي، جو پوءِ نوڪري جي نہ هجڻ جي حالت ۾ سرڪار بي روزگار کي هر هفتي خرچ پکي لاءِ پئسا ڏئي ٿي. جيئن هو چوري يا اوڌر وٺڻ بنا، گهٽ ۾ گهٽ زندگيءَ جون بنيادي شيون؛ اتو لٽو ۽ اجهو حاصل ڪري

سگھي. بيماريءَ ۾ بہ، نہ فقط مفت علاج ٿئي ٿو پر انهن ڏينهن جو پگھار بہ ملي ٿو. باقي ٻي هتي هر شيءِ مهانگي آهي. ڪاڏو پيتو، گندي ڪپڙو ــ ۽ جيڪڏهن ڪو شراب يا سگريٽ جو ٻاڙي آهي تہ ان لاءِ تہ نسورو ئي عذاب آهي. عام سگريٽ جو پاڪيٽ بہ پنجويهہ روپين کان گهٽ ناهي. رڳو بيئر جو گلاس، عام هوٽلن ۾، ٽيهين رپئي آهي. پوءِ اهڙي جي بچت ڪيئن ٿيندي. هتي جا رهاڪو نارويجن تہ بچت مان ڄاڻنڪون، جو هو ڪنهن لاءِ بچائين؟ مائٽن توڙي ٻارن کي پيو سرڪار طرفان ملي. سو اهي پلي عيش ڪن. پر اسان ماڻهو تہ هتي فقط پاڻ لاءِ نہ آيا آهيون، پر اسان هڪ مقصد ڪارڻ آيا آهيون، جيئن پورهيو ڪري بچت ڪري پنهنجي والدين ۽ اولاد کي اسان پاڻ کان وڌيڪ سکيو ۽ بهتر شهري بڻائي سگھون. پر افسوس جو هتي رهندڙ اسان جا پائر اها ڳالهہ سمجھن ئي نٿا. هڙ خرچيو ڦڪڙ ٿيو وينا آهن. ڇي هي ولائت آهي، هتي بہ عيش نہ ڪبو تہ ٻيو پلا ڪٿي ڪبو!

”ڪيترا هتي، هاڻ ورچي بہ پيا آهن جو ڏينهون ڏينهن اسان لاءِ حالتون ڏکيون ٿينديون وڃن، پر واپس رڳو ان ڊپ کان نٿا وڃن جو پنهنجن مائٽن مٽن ۽ دوستن يارن کي رڳو ڪوڙ

لڪيا اٿن تہ اسان هتي هھڙي لئہ ۾ آهيون. هيڏو پگھار اٿئون. ظاهر آهي تہ هوا هي اميدون رکي ويٺا هوندا تہ اسان جو ”هيرو“ ولائت ۾ الائي ڇا آهي. ڪا وڏي ڳالهہ آهي. اها خبر ئي نہ تہ اهو نڪر ٿيو پيو وقت گذاري ۽ سالن ڪان رولاڪن وانگر رلندو رهي. ان رد عمل ڪان اسان جو همراهہ بہ چڱي طرح ڄاڻي ٿو تہ لئہ خراب ٿي ويندي. ماڳھين جو پيئڻ، سڄي سڄي رات شراب خانن ۽ بارن ۾ گذارڻ جي عادت پاڻ ۾ وجھي ويٺو آهي، سو ڪٿي ٿو هن ڪي پنھنجي ملڪ موٽڻ ۾ مزو اچي. هاڻ تہ ملڪ ۾ ميخانن سان گڏ مي تي بہ بندش پئي آهي سو مني بيگم جي رڪارڊ:

اس کے پیتے ہی طبیعت میں روانی آئے
پینے والے تجھے آ جائے گا پینے کا مزا۔
اُس کے ہر گھونٹ میں ہے پوشیدہ جینے کا مزا
جام اٹھا لے۔ منہ سے لگا لے،

بدران، صابري قوال جووڃي رهيو هوندو:

۔۔۔۔ پینے والے یہ حقیقت ہے کہ نادان ہے تو
آج سے چھوڑ دے پینا جو مسلمان ہے تو
شیشہ ساگر توڑ دے پیارے۔۔۔۔۔وغیرہ.

”هونءَ آئون ميجان ٿو تہ اسان ڏارين پورهيتن جو هتي ناروي ۾ گهٽو پگهار ناهي. جيئن منهنجو ٽئڪس ڪٽجڻ ڪانپوءِ ست اٺ هزار رپيا هٿ ۾ ملي ٿو. جيڪو هتي جي حساب سان گهٽو ناهي، پر ساڳي وقت اسان جهڙن غريب ملڪن جي رهاڪن لاءِ جن جون گهرجون، سَڌون ۽ ضرورتون غريباڻيون آهن، تن لاءِ تہ گهڻوئي ٿيو. آئون هر مهيني انهن مان هزار رپيا زال کي موڪليان ٿو. پنج سئو رپيا امان بابا ڏي، باقيءَ مان سگريٽ شراب جهڙا شوق نہ ڪري سگهندو آهيان. پر ڪاڏو پيتو پاڙو پيتو، جاءِ جي مسواڙ لائيٽ، پاڻيءَ جو بل ڏيڻ بعد بہ ڪجهہ بچت ٿيو وڃي_ جنهن مان ٽن سالن ۾ هڪ دفعو ڳوٺان بہ ٿي آيو آهيان. اڌ لک رپين جي، پاڪستان ۾ ڪچي پڪي جاءِ بہ ورتي اٿئون ۽ هاڻ زال ۽ ٻارن کي ٻئي مهني هتي گهرايان پيو ۽ پوءِ اجان بہ بچت ٿي ويندي، جو ناروي جي

حڪومت شادي شده همراهہ کي پگھار بہ گھٽو ڏئي ٿي، جاءِ لاءِ قرض، ٻارن جي پڙهائي ۽ سندن دوا درمل پڻ مفت آهي. هڪ جاءِ هتي ناروي ۾ هڪ لک رپين واري ڏٺي اٿم، جنهن لاءِ منهنجي ڪمپنيءَ کان قرض منظور ڪرايو آهي ۽ ڪجهہ سرڪار بہ مدد ڏيندي. ڪمپني اهو قرض هڪ هزار رپيا ماهوار قسط تي وٺندي، جيئن مون کي موٽائڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي.“

- **ڇا ناروي Sexفري ملڪ آهي!؟**

مختيار لڳاتار پنهنجيون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. رات جي مانيءَ جو وقت بہ اچي ٿيو. هيٺ ڊائننگ هال ۾ وڃڻ بدران ماني مٿي ڪئبن ۾ گهرائي کاڌيسين. ان دوران هن اهو بہ ضروري نہ سمجهيو تہ مون کان اهو پڇي تہ ڪٿي جو آهيان. مون کي سندس ڳالهين ۾ مزو اچي رهيو هو. نيٺ ماني کائيندي کيس خيال اچي ويو، سو ڏاڍو لڄي ٿي پڇيائين: ”سائين توهان ڪٿي جا آهيو. اهو تہ توهان ٻڌايو ڪونہ. يار اسان جو ڳوٺ تہ

اهڙو مشهور ناهي ۽ پڪ اٿم ته ”ٿلهه“ جو نالو ئي نه ٻڌو هوندانوَ.“

کيس ٻڌايم ته اهڙي ڳالهه ناهي. ”ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سنڌي فرمائش ۽ سنڌي اخبارن ۾ ’اوهان جي ٽپال‘ ڪالم باقاعدگيءَ سان پڙهندو آهيان، سو نه فقط تنهنجي ڳوٺ ٿلهه کان پر ڏنگاڻو بوزدار، چلگريون، چوهڙ جمالي، پيپچوها، ٻيرلوءِ، جهٽ پٽ جهڙن ڳوٺن کان به واقف آهيان، ۽ ساڳي وقت تنهنجي ناروي جي اترادي ڳوٺن: تانو وادسا، ناروڪ کان وٺي لاڙي ڳوٺن: دالتين، ڪانگس ونگر، ڪرستين سئنڊ تائين ڄاڻ اٿم، جو اتي جا ماڻهو وري ڳالهه ڳالهه تي Time ۽ نيوز ويڪ رسالن ۾ خط لکڻ جا شوقين آهن.“

مختيار کي چيم، ”يار هڪ ڳالهه ته ٻڌ. هتي جيڪي به اسان جا جوان اچن ٿا سي پهريون ڇوڪرين جي قصي کان وٺي بيهن ٿا ته وچي ان جي ئي ذڪر تي خاتمو ڪن ٿا. پر توکي به ٿي ڪلاڪ ٿي ويا آهن پر اهي خبرون ماڳهين سينسر ڪيو ويٺو آهين. توهان جي اسڪينڊينيون ملڪن: ڊئنمارڪ، سويڊن ۽ ناروي لاءِ ته چيو ويندو آهي ته دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اتي Sex Freedom آهي. ايتريقدر جو هڪ

ڪارٽون ڏنو هوم تہ ڪو ڏاريون سئيڊن ايئرپورٽ تي پھچڻ سان معلومات واري ڊيسڪ ڏي، جيئن ئي وڌي ٿو تہ هن ڪي اتي بہ اگھاڙي ڪلرڪ ڇوڪري نظر اچي ٿي. ان بابت تنهنجي ڇا راءِ آهي؟“

”نہ ادا اهڙي تہ ڪا ڳالھہ ناهي. اهو ائين آهي جيئن ڪو پاڪستان ۾ اچي فقط لاهور جي انارڪلي ۽ ڪراچيءَ جو نيپئر روڊ جو چڪر هڻي سڄي ملڪ بابت خراب اثر وٺي. يا ڪو نيويارڪ جي فقط فارٽي سيڪنڊ گھٽي ڏسي، سڄي آمريڪا جي ماڻھن کي اهڙو سمجھي. ان ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ هنن ملڪن ۾ ڇوڪرين کي سماجي ۽ جنسي آزادي آهي. بنا شاديءَ جي پيار ڪرڻ بہ خراب نٿو سمجھيو وڃي. ڪتاب ۽ رسالا بہ هر قسم جا ڇپجن ٿا، پر اهي تمام محدود دائري اندر. فقط ويران گھٽين جي الڳ ٿلڳ دڪانن تي اهڙا اگھاڙا فوٽوءَ ڪتاب ملندا. پر ڏٺو وائنو رڪڻ کي هرڪو خراب سمجھي ٿو ۽ سوسائٽيءَ جو فقط هڪ خاص حصو جيڪو ذهني طرح پست سمجھيووڃي ٿو، ان جي پنيرائي ڪري ٿو. نہ تہ ٻين ملڪن کي بيوقوف بڻائي، ان قسم جي لٽريچر مان فارين ايڪسچينج ئي ڪمائي وڃي ٿي. Sex جي آزادي آهي پر

هتي جون ڇوڪريون، ٿائلنڊ، ڪوريا، انڊونيشيا جهڙن غريب ملڪن جي ڇوڪرين وانگر پئسي جون بہ بکيون نہ آهن، جن اڳيان هر ڪو ٽِلُو ٽوپڻ هڏي اڇلي، ڪين پنهنجو ڪري سگهي. هتي جون ڇوڪريون چاهي نوڪريءَ ۾ نہ هجن تڏهن بہ هنن کي سرڪاري ڀڏل پگهار گهر ويٺي ملي ٿو. جو هتي لٽي ۽ اجهي جوذمو سرڪار تي آهي. باقي رهيو دل لڳڻ جو سوال، سو تہ اسان وٽ بہ ستن ڪوٽن ۾ رهندڙ ڇوڪريءَ جي ڪنهن سان لڳي سگهي ٿي. هنن جا پنهنجا ناروي جا ڇوڪرا ڇا گهٽ آهن_ اسان کان وڏيڪ سهڻا ۽ صحتمند آهن. پوءِ ڇو هو ڌارين پٺيان لڳن. باقي اهي سڀ ڪوڙيون ڳالهيون آهن ۽ اسان جي غلط فهمي آهي، جيڪا اسان پاڪستان، هندستان، سلون، بنگلاديش جا پنهنجي وطن، دوستن کي لکندا رهندا آهيون تہ هتي جون ڇوڪريون اسان جي ڪارن وارن تي مرن ٿيون، يا اسان ۾ Sex_power وڌيڪ آهي يا هندو مئٿالاجي جا اسان کي سڀ آسڻ اچن ٿا، وغيره. اهي سڀ بيوقوفيءَ جون ڳالهيون سوين سالن کان، دنيا جون رنڊيون، هند سنڌ جي هٿ ٺوڪين راجائن، مهاراجائن، نوابن، وڏيرن، رئيسن کي ٻڌائي غريب عوام جو پئسو منجهائن ڇڪينديون رهيون. ۽ هاڻي

ڏسندي ئي ڏسندي اهو ساڳيو عالم، پئسي جي اچڻ ڪري عربن سان ٿي رهيو آهي. ڇا Sex_Power کي Political Power آهي جو جاگرافيءَ جون منزلون طئي ڪندو Shift ٿيندو رهي ٿو!

”بهرحال مون کي هتي ناروي ۾ ٽي سال ٿي ويا آهن پر ڪنهن به ڇوڪريءَ دوستي نه رکي آهي، جيتوڻيڪ گهڻن کان سهڻو ۽ سگهارو آهيان. اها ٻي ڳالهه آهي ته مون ڪوشش به نه ڪئي آهي ۽ نه انهن شوبازين جو شوقين آهيان. پر هتي ٻيا جيڪي سڄو ڏينهن پيا نوس نوس ڪن، تن کي به هتي جون ڪنگهن ئي ڪونه ٿيون. ويتر اسان جي ماڻهن خون، زوري زنائون ۽ ننڍي عمر جي ڇوڪرين کي ڏتاري غلط راهه تي آندو آهي ته انهن ڳالهين ماڳهين نفرت پيدا ڪري وڌي آهي. اهي سڀ، جيڪي هتي اچي پنهنجن ڳوٺن ڏي ڪوڙيون ٻڌاڪون لکن ٿا، تن سان هتي جي نارويجن ڇوڪري ته ورلي ڪا سنگت رکڻ چاهي ٿي_ جو هي سياڻيون ٿي ويون آهن. باقي پاڪستان کان ايندڙ دوشيزه ۽ ٻيا ان جهڙن رسالن پڙهڻ واريون ابوجهه ڇوڪريون، ”آسماني اکين واري شهزادي،“ دور دنيا ۾ رهندڙ اجنبي، جيڪو منهنجون معصوم خواهشون

پوريون ڪري“. ”ويڪري سيني وارو جوان جنهن جي وارن ۾ منهن لڪائي سگهان.“ جهڙن Ideasجا خواب ڏسندڙ ڇوڪريون ۽ سندن شريف مائٽ، هنن جي چنبي ۾ ڦاٿل اچي ويندا آهن. انهن پاڪستاني ڇوڪرين جي ڏيان ۾ اهو ئي ويٺل آهي ته هرڪو ولائت ۾ رهندڙ ذهين، امير، جوابدار ۽ سکيو ستابو آهي. ولائت جو چار پنج هزار رپيا پگهار پاڪستان سان ڀيٽي خوش فهمي ۾ مبتلا ٿيو وڃن. پوءِ سٺن سٺن گهرن جون ڇوڪريون جڏهن هتي پهچن ٿيون ته هنن جون وايون بتال ٿيو وڃن ته اهو پگهار ته ڪجهه به نه آهي ۽ هتي مڙس سان گڏ ڪين به ڊور وانگر پورهيو ڪرڻو پوندو ـــ تڏهن به ويلا مانيءَ جا ٿي سگهندا.

”هتي ناروي جي هن ڳوٺ ۾ هڪ ٻن همراهن هتي جي نارويجن ڇوڪرين سان شادي ڪئي آهي. اهي ڇوڪريون پورهيو ڪري پئسو ڪمائين ۽ ڪين جي نوڪري ملي ته به رڳو ميڊيڪل لِيو تي زور. بس زال جي ڪمائي کائين. زالون به صفا ڪي گهٽ ذهنيت واريون ملي ويون اٿن، ڪين ذاتي نوڪر ڪري ڪانئن گهر جو ڪم وٺن. ٻار سندن حوالي ڪري پاڻ گهمنديون رهن ٿيون، ٻين سان ڊانس ڪن ۽ سڄو

ڏينهن بارن ۾ شراب پيئن. هنن مردن جو هنن تي هلي به ڇا ٿو. ڪين زالن جي هر ڳالهه ۾ خوش رهڻو پوي ٿو. ناراضگي سبب مڙس طلاق ڏئي يا چاهي زال گهري_ ٻنهي صورتن ۾، هتي جي قانون موجب مڙس ڪي هر شيءِ زال جي حوالي ڪري، ٻن وڳن ۾ گهر ڇڏڻو پوي ٿو _ چاهي گهر جي هر شيءِ مڙس خريد ڪئي هجي. بس هاڻ جي هي همراهه ڪين طلاق ٿا ڏين ته ڪين مٿو لِڪائڻ لاءِ به ڪو اجهو نه ملي سگهندو.“

- **پاڻ نارويجن آهي ۽ اڪيلي....**

مون کي اچتو هتي رهندڙ هڪ همراهه ياد اچي ويو. اسان جو جهاز هتي منجهند مهل اچي لڳو هو. سڄي رات جي اوجاڳي ڪري، منجهند جي مانيءَ بعد گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ بدران ڪائي اچي سمهي رهيس. ڪلاڪ ڏيڍ به ڪو مسستو هوندس ته در تي ڊيوٽي واري سڪاٽيءَ اچي ٺڪ ٺڪ ڪئي ته ڪا ڇوڪري هيٺ بيٺي آهي توهان سان ملڻ چاهي ٿي.

”آئون ته ڪنهن کي به نه سڃاڻان. ڪير آهي پاڻ؟“ وائڙو ٿي پڇيومانس.

هيٺان ڏسي اچي ٻڌايائين ته ”توهان جو ئي نالو پئي ورتي، توهان کي سڏي پئي. پاڻ نارويجن آهي ۽ اڪيلي آئي آهي. مٿي موڪليانس“ آئون ڪيس ”ها“ چئي وري ليٽي پيس. پنج ڇهه منٽ شايد انتظار ڪيو هجيم، ان بعد وري ننڊ ڪٺي وئي. شام جو ڇهين ستين وڳي اک کلي ۽ آهستي آهستي هوش آيا ته مٿين ڳالهه خواب ۽ حقيقت جي اڌ واٽي تي، دل ۾ هُرڻ لڳي. سڪاٽِيءَ کي سڏائي ڪانئس ان بابت پڇيم. پاڻ ٻڌايائين: ”هڪ نارويجن ڇوڪري پنهنجي پاڪستاني مڙس کي ڳوليندي هتي آئي هئي. سندس مڙس جهاز جي هڪ خلاصي سان ملڻ لاءِ ان جي ڪئبن ۾ ويٺو هو. پر جيئن ته ان جو نالو پڻ الطاف آهي، سو پهرين دفعي ۾ آئون غلطيءَ ۾ توهان وٽ هليو آيس.“

ڪئپٽن به ان وقت مون وٽ آيو هو تنهن کي کلي ڇيم ته يار هن نياڳي پنهنجي سڪاٽيءَ جا ڪم ٻڌا اٿئي؟ ۽ سڪاٽي ان ڪان اڳ شرم ڪان ”آءِ ايم ساري“ چئي پڄي ويو.

ڏينهن جو ننڊون ڪندڙ رات جو چوريءَ تي ويندا آهن، يا بار ۾. جهاز جو چڪر ڏنم. ماٺ لڳي پئي هئي. ڪي سمهي رهيا هئا، ڪي ٻاهر گهمڻ ويل هئا. جهاز جي ڏاڪڻ

لهي سامهون واري ”مارٽني ڊسڪوٿيڪ“ ۾ گهڙي ويس. رات جا ٻارهن ٿيا هوندا، ان وقت. ٻاهر گوڏي جيڏي برف لڳي پئي هئي ۽ هوا ’جهڪ ۽ طوفان‘ جي وچ تي هوندي. ڪاٿو پنڌرهن ڊگرين کان به گهٽي ٿڌ هئي. اندر ڊسڪوٿيڪ سڄو ماڻهن سان پريل هو— باقي جڳهه سگريٽن جي دونهن سان. ڪجهه نارويجن ڇوڪريون پنهنجي نارويجن دوستن سان گڏ ڦاڙيندڙ ڊسڪو ميوزڪ تي بمپ_ڊانس ڪري رهيون هيون. هڪ ٿلهي چيلهه ۽ دڏين واري، جهاز جي چيف ڪُڪ سان پڻ نچي رهي هئي. هونءَ به شراب جي نشي کان پوءِ نه ڪو بندو رهندو آهي نه ڪو بنده نواز. هڪ يوناني جهاز جو خلاصي گهٽي پيئڻ ڪري پَٽ تي ڪري پيو هو تنهن کي ”بارٽينڊر“ بيهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو پر سڌو ٿيڻ سان وري هيٺ شپڪو ڪري ڪِري پيو ٿي. خالي ڳوڻ ۾ شرابيءَ کي ڪڏهن ڪو سڌو بيهاري سگهيو آهي_؟ سوچڻ جي ڳالهه آهي. اوورڪوٽ ۽ مفلر ڪليءَ تي ٽنگي، چيف آفيسر سان گڏ، هڪ وچ واري ٽيبل تي اچي وينس. چيف آفيسر کي چيم ته تون پلي تيسين فلور تي هلي ڪنهن سان ڊانس ڪر ته آئون ڊرنڪس وٺي ٿو اچان.

پنڌرهن ويهہ منٽ بارٽينڊر سان بحث ۾ لڳي ويا جو نارويجن زبان ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ نٿي سمجهيو. ان بعد ڊالر مَٽي ناروي جا پئسا نہ پئي ڏنائين. اهي مسئلا حل ٿيا تہ ان ضد ۾ اچي بيٺو تہ ڪوڪا ڪولا ۽ بوز ساڳي اگهہ تي ڏيندس. آخر ٽيبل تي پهتس تہ چيف آفيسر سرور موٽي چڪو هو. جنهن سان ڊانس ڪئي هئائين، تنهن اسان کي سندس ٽيبل تي هلي وهڻ لاءِ چيو جت سندس ٻئاءِ فرينڊ پڻ هو. پاڻ پڇڻ لڳا تہ آيا اسان سامهون واري پاڪستاني جهاز جا آهيون. مون خبر ناهي ڪهڙي خيال کان چيو تہ نہ، اسان ميڪسيڪن آهيون. اسان جو جهاز پري ٻئي هنڌ بيٺو آهي.

”هن سامهون واري جهاز جا ٽي ڪئڊٽ ٿوري دير اڳ آيا هئا“ ڇوڪريءَ ٻڌايو. ”ان مان هڪ تي، سامهون ڪاري اسڪرٽ واري ڇوڪريءَ ٺُڪ ڪٽي اڇلائي. جي توهان ان جهاز جا آهيو تہ هن پاران آئون معافي وٺڻ چاهيان ٿي، هو ڇا چوندا تہ ناروي جا ماڻهو ڪهڙا آهن. پر ڏس تہ هن ڇوڪريءَ جو بہ ڏوهہ ناهي جو هوءَ گهٽي پيئڻ ڪري آئوٽ آهي.“

- **منهنجي زال وسڪيءَ جي شوقين**

دل ۾ چيم ڏوهه نہ هن جو آهي ۽ نہ تنهنجو. جو گهٽ نشي ۾ تون بہ نہ آهين. اتي هڪ هتي جو رهندڙ پاڪستاني ڇوڪرو پنجويهن ڪن سالن جو، هڪ پاڻ ڪان وڏي عمر جي ناروبجن ڇوڪريءَ سان اندر گهڙيو. اسان جي ٽيبل تي ويٺل ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري ”الطاف الطاف“ چئي ڪيس سڏيو. هو بہ اچي اسان جي ٽيبل تي ويٺو. آئون سمجهي ويس تہ هي اهي همراهہ آهن جيڪي ڏينهن جو اسان جي جهاز تي آيا هئا. رسمي طرح ساڻس ۽ سندس زال سان تعارف ٿيو ۽ ڪين شام وارو واقعو ٻڌايم.

”منهنجي زال ان وقت نوڪريءَ تان موٽي هئي، ڪيس ٻڌايو هوم تہ جهاز تي هوندس. ڪيس جهاز تي وسڪي پيئڻ جو شوق آهي، پر معلوم ٿيو تہ توهان جي جهاز تي ليڪر (Liquor)جي بندش آهي.“ سندس زال ڪاوڙيل ڪاوڙيل پئي لڳي. وهڻ سان ڪيسي مان ٽي ڏهين ڏهين جا ڪرونا جا نوٽ ڪڍي مڙس کي اچلي ڏنائين تہ پيئڻ لاءِ وٺي اچ. هو ادب سان اٿيو ۽ هن لاءِ وسڪي ۽ پاڻ لاءِ هڪ سستي قسم جو جُوس وٺي آيو ۽ ريجو سندس اڳيان رکيائين جيڪو هن ڪٽي مڙس

جي ڪيسي ۾ وڌو. لڳو پئي ته هوءَ اڳهين ڪٿان پي آئي هئي يا ڪو اهڙو شراب پي رهي هئي جنهن جي ٻي گلاس تي ئي چڱي خاصي حواسن ۾ هٿن مان نڪري وئي. ڳالهائڻ ۾ ٿاٻڙجي رهي هئي۽ ذري ذري سگريٽ به سندس ڏڪندڙ هٿن مان ڇڏائي پئي ويو. اسان هن کي بنهه نه وٺي رهيا هئاسين، جو جڏهن ته اسان سڀ هڪ ئي زبان انگريزي ڳالهائي رهيا هئاسين پر هن رکي رکي نارويجن زبان ۾ بين کي ڪجهه چيو ٿي، جنهن جو ترجمو ڪرڻ کان سندس مڙس به نٽائي رهيو هو. بهرحال اسان به ان ڳالهه کي درگذر ڪري هنيوچيءَ جهڙي ميوزڪ ۾ اوٽ پٽانگ ڳالهيون ڪندا رهياسين. ڳالهين ڪندي، اوچتو ٽيبل تي پهرين ويٺل نارويجن ڇوڪريءَ چيف آفيسر کي ياڪر پائيندي چيو: ”توهان وٽ جهاز تي وسڪي يا ووڊڪا ته ضرور هوندي. مون کي پيارٽي پوندي.“ آئون سندس ٻئاءِ فرينڊ جي منهن تي جوار ياٿيا ڳولڻ لڳس پر درياءَ ۾ ڪو به لهر لوڏو ڪونه هو. هتي هر ڇوڪري آزاد آهي، سندس مڙس يا ٻئاءِ فرينڊ ڪجهه ڪُڇي به نٿو سگهي. يعني کهاڙين تي ڪٽ چڙهيل آهي. چيف آفيسر کي آهستي چيم ته في الحال ’ها‘ ڪري جان ڇڏاءِ، پوءِ هتان هلون ٿا. متان ڪو ذرو پرزو ڪنهن کي

غيرت جو اچي وڃي تہ ڪٽ لڳل ڪماڙيون تہ لاٿلن ڪان بہ ڏڪيون.

چيف آفيسر جي ’ها‘ تي ڇوڪري خوش ٿي تاڙيون وڄائڻ لڳي. پاڪستاني همراهہ جي زال واٺڙي ٿي مس مس انگريزيءَ ۾ پڇيو : ”What is the matter“__ ڇا ڳالهہ آهي؟

”مون کي جهاز تي وسڪي پيئڻ جي دعوت ملي آهي، هنن جي جهاز تي وسڪي آهي.“

”آئون، هنن جي جهاز تي، ان سلسلي ۾، بہ دفعا وڃي چڪي آهيان.“ هن خبردار ڪندي چيس، ”جهاز بلڪل dry لڳو پيو آهي.... You can only get f“

ٿوري دير اڳ جو اسان جو هم وطني هتي جي ڇوڪرين جي تعريف ڪري رهيو هو تہ هتي جون ڇوڪريون تمام گهڻيون سوشل آهن، دلير آهن، سوسائٽيءَ ۾ هلڻ ۽ ڳالهائڻ جو طريقو معلوم اٿن... وغيره وغيره. انجو اعتراف ڪرڻو پيو.

۽ هاڻ مختيار جي ڳالهين تي اها ڳالهہ وري ياد اچي وئي.

# ڊئنمارڪ

- ## هڪ دفعو وري ڊئنمارڪ ۾

ڊئنمارڪ جي شهر آروس جا شهري اڄڪلهه ساليانو جشن ملهائي رهيا آهن. اهو جشن هڪو هفتو هلي ٿو. سڀني کي موڪلون ٿين. ٻين شهرن جا ڪيترا غير ملڪي به هن جشن جي موقعي تي اچي گڏ ٿيندا آهن. گهٽين گهوٽين ۾ عارضي نموني جون هوٽلون کلي وينديون آهن. فٽ پاٿن ۽ ڪيترن رستن تي ڪرسيون ٽيبل وڇايا ويندا آهن. شراب جو واهپو وڌي ويندو آهي، اها ئي سڀ کان وڌي خوشيءَ جي نشاني سمجهي وڃي ٿي. رستن تي هلندي، دڪين تي ويٺي هوٽلن ۾، اندر بيئر جا ڊٻا هٿ ۾ جهلي ننڍا وڏا ڇُسڪيون پيا ڀريندا. رات جو نائين ڏهين ڪانپوءِ ڪنهن ڪنهن گهٽيءَ ۾ ته ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ايتري ته رش وڌي ويندي آهي جو تر ڇنڊڻ جي جاءِ به ڀڳولي نه لڀي. هوٽلون، بار، پَب، سپ ڀريل. سڀ شراب پيئڻ ۾ مست هوندا_ پر هڪ ڳالهه آهي جو هي ڊئنش يا ناروبجين آمريڪين وانگر گوڙ فساد، ڦڏو نٽا ڪن. وڏ ۾ وڏ

تہ پرسان آهستي لنگهندڙ ڪار ڪي ڪٽي ڏڪ هڻندا. يا پاسي تي سمهي رهندا يا جتي ايندن اتي پيشاب ڪندا. ڏوهن جو انگ تمام گهٽ آهي. ان ڪري سڄي سڄي رات ، عام حالتن ۾ بہ، ڇوڪرا ڇوڪريون اڪيلا پيا ايندا ويندا پر ڪنهن بہ چوري، جهڳڙي، زوري زنا جي خبر ٻڌڻ ۾ نہ ايندي.

(هونءَ ڪن ڪن ملڪن ۾ پوليس ڏوهن ڪي گهٽائڻ جو هڪ اهو بہ سولو نسخو ڪڍيو آهي تہ فريادي جي ٿاڻي تي رپورٽ ئي درج نہ ڪجي. پوءِ ان حساب سان ڪي ڪي اهڙا بہ ضلعا آهن جن ۾ پلي هر رات خون ۽ چوريون پيون ٿين پر سرڪاري طرح امن امان جا مثال سمجهيا ويندا آهن. پر هتي Crime_rate واقعي گهٽ آهي_ جپان وانگر.)

پهرين رات هڪ لائلپور جو همراهہ عبدالقادر نالي، غاليچن جو واپاري ملي ويو. تنهن کان پڇيوسين:

”هي پلا ڪهڙو جشن يا ميلو آهي_؟“

وراڻيائين: ”بس سڄو هفتو سڄي رات هي شراب پيئندا ۽ نچندا ٽپندا.“

”ان کانپوءِ____؟“ اسان پڇيس.

”پوءِ اتي ئي ڪري پوندا. ٽي چئين بجي ڏاري اچي تماشو ڏسجو. هنن گهٽين ۾ سندن الٽيون هونديون ۽ پاڻ. پوءِ پوليس ڪين گاڏين ۾ وجهي گهر پهچائيندي آهي. ائڊريس سندن کيسي ۾ پيل شناختي ڪارڊ تان ڏسي.“

ان جشن جي موقعي تي ڏينهن جو ڪيترائي ڪيل تماشا ڏيکاريا ويا ٿي. هڪ همراهه ماڻهن جو ميڙ لڳائي اڪيلي سر بئنڊ وڄائي ٿي. پري کان ايئن لڳو ٿي ڄڻ ڪيترن ئي ماڻهنجي ٽولي جي آرڪسٽرا هجي، پر اهو One_man_ orchestra هو. پٺيءَ تي ٻه ڊرم ٻڌل جن جا ڏونڪا ڳِهرڪڻ ذريعي ڌاڳن سان پيرن جي آڱوٺن ۾ ٻڌل هئا. بوٽن جي پاسن کان ٽالهيون ٻڌل جي هڪ ٻئي سان لڳي هڪ الڳ ساز ڪڍي رهيون هيون. ڊرمن جي مٿان هڪ ٻيو ٽالهين جو جوڙو. هٿن ۾ گٽار ۽ منهن اڳيان تار ۾ نموني جون توتاريون، جن کي واري وٽي تي وڄائڻ سان هڪ ٻيو ساز ٿي پئدا ٿيو. ٻانهن ۾ جهنجهٽا ٻڌل ۽ گوڏن ۾ گهنگهرو. پُٺي تي ٻڌل دهلن تي وري هڪ اڇو ڪبوتر ۽ سهو وهاريو هئائين. پاڻ واهه جو نچي رهيو هو. نچ ۾ جسم جو هڪ هڪ عضوو چرڻ ڪري مختلف ساز وڄي رهيا

هئا. رکي رکي انگريزي ۾ ڊئنشڪ گانا بہ ڳائي رهيو هو. ماڻهن ڏاڍو ساراهيس ۽ آخر ۾، سنڌس وڇايل چادر تي ڪافي پئسا اڇلايا. پر گهُريائين هرگز ڪونہ ٿي. شايد کيس سنڌس ذات ۾ وڏيڪ اعتماد هو. ٿرڊ انجنير محمود بلوچ چيو جهاز ۾ جهازي نہ هجن ها تہ بہ چار جهاز جا مڪراني خلاصي وٺي، ان ڪان بہ وڏيڪ نقشي بازي، ڊئنمارڪ وارن کي ڪريڊيڪاريان ها. ڪمائڻ جو واهہ جو ڏنڌو ڪڍيو اٿن.

# • ڪوئن جا ڪرتب

هڪ ڀيو همراهہ وري پراڻي چنل ڪوٽ تي سوين ٻلا (تمغا) هڻي ڪوئن جا ڪرتب ڏيکاري رهيو هو. ڪنهن پڇيس اهي ٻلا ڪهڙي ڪيپ ڪٽڻ ڪان مليا اٿئي...؟ وراڻيائين تہ اهي ڪيس ”پڇڻ“ جي ڪري مليا آهن. جيئن تہ هڪ جنگ جي ميدان مان پڇي اچڻ جو آهي، هڪ اسڪول ڪانروز پڇي اچڻ جو، وغيره وغيره.

هن وٽ چار پنج اڇا ڪُئا هئا جن گول چلي مان ٻُل ڏئي ڊگهي ڪاٺيءَ تي چڙهي، هيٺ ٽپ ڏنو ٿي. هِڪ تہ ٽوپلو پائي پوءِ ٽپ ڏنو. ٻن ٽن ٻين، ان قسم جي ڪرتبن بعد آخر ۾ هڪ ڪارو ڪئو ٻار ٿيو ءِ اڇو ڪوئو بلائوز ۾ اسڪرٽ پائي ماءُ ٿي ۽ ڪي ٻار جي گاڏيءَ ۾ هلايو. اهو وڏي ۾ ڏو ڪمال هو جو ان ڪي ڏيکارڻ ڪان اڳ هن ٽوپلو لاهي تماشبين مان پئسن جي اوڳڙ ڪئي. پوءِ جهڙو ڪرتب شروع ڪرڻ لاءِ ڪوئن کي اشارو ڪيائين تہ ننڍو ڪارو ڪوئو بوتل وات ۾ وجهي ٻار ٿي گاڏيءَ ۾ سمهي رهيو. گهڻيئي دڙڪا ڏنائينس پر پنهنجي جاءِ تان نہ چريو. نيٺ ڪاوڙ مان ڪاٺيءَ جي ڪنڊ پيٺ ۾

هنيائينس. ان تي ڪوئي ڪي ماڳهين اچي خارش لڳي سو پنهنجي پڙي کي چڪي لاهڻ لڳو. ڏسڻ وارا کِل ۾ اونڌا، پر ڪرتب واري جو هڙي سيءَ ۾ بہ پگهر وهڻ لڳو. پنهنجي عزت ۽ ڀرم بچائڻ لاءِ گهٽائي حيلا هلائڻ لڳو. ٻچڪارون ڏيئي ڪوئي مٿان هٿڙا گهمائڻ لڳو. آخر ڪاميابي نصيب ٿيس: اچي ڪوئي گاڏي جيهٽي تي پير رکي گاڏي کي اڳتي ڌڪيو ۽ اسان ڏسڻ وارن سان گڏ ڪرتب واري بہ خوشيءَ مان تاڙيون وڄايون ۽ ڪوئي کي چمي ڏيئي، پَڙي (اسڪرٽ) سان پنهنجي نرڙ جو پگهر اگهيو.

ڊئنمارڪ جي هن شهر آروس ۾، انهن ڏينهن ۾ بيا بہ ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي ماڻهو ڪرتب ڏيکاري رهيا هئا. ڪجهہ همراهہ ٽنگن سان ڊگها ڏنڊا ٻڌي شهر جي وچ مان هلي رهيا هئا. هنن پراڻي زماني جي وائيڪنگ وارن ڏينهن جي جنگ جو نقشو چٽيو ٿي. هلڻ مهل هو توتارا وڄائي رهيا هئا. ۽ هٿن ۾ جهليل ڊگها جهنڊا ڦڙڪائي رهيا هئا.

## • خيرات محل مينهن جو وسڻ

ان کان علاوه مختلف گروپن جا ماڻهو نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون، دڪاندار، پورهيت ٽولا ٽولا ٿاهي پنهنجن نمونن جا ناچ ۽ راڳ ڳائي رهيا هئا.

هڪ ڏڪي تي، شهر جي مکيہ چونڪ وٽ، گرين لئنڊ جون ڪجھہ ايسڪيمون، غريب پر سهڻيون ڇوڪريون، ڦاٽل پراڻن ڪپڙن ۾ ڪورس جي انداز ۾ لوڪ ڳيچ ڳائڻ لڳيون. اڳيان وينلن مان هڪ ڪي فقط گٽار هو باقي تاڙيون ۽ چپٽيون وڄائي رهيون هيون. ڇڳو وڏو ميڙ سندن اڳيان گڏ ٿيندو ويو. زبان ڊئنسڪ هئي، راڳ سمجھہ ۾ نہ پئي آيو. پر سُر مان محسوس ٿيو ٿي تہ خوشيءَ ۽ ميلاپ جاگ يت پيون ڳائين. ڇڱي دير ڳائينديون رهيون. پوءِ جڏهن تماشبين اڳيان پئسا پنڻ لاءِ، هنن جهڙي چتين لڳل چادر وڇائي تهڙو ئي وڏ ڦڙو مينهن پيو ۽ راڳ جا شوقينپئسا ڏيڻ بنا وڻي پڳا. ننڍڙيون غريب ڇوڪريون مسڪين نگاهن سان ماڻهن کي ڏسنديون

رهيون. پوءِ پنهنجو سامانگودڙيءَ ۾ رکي، سامهون اينڊرس ۾ چڙهي روانيون ٿي ويون.

ناروي، ڊئنمارڪ ۽ سئيڊن جا ملڪ "اسڪينڊينيويا" پڻ سڏجن ٿا. اهي ملڪ ذري گهٽ هڪ قوم سمجهي وڃي ٿي. سندن زبان به هڪ ٻئي سان ملي ٿي. ايتريقدر جو ڪو ڊئنش پنهنجي زبان ڊئنش ڳالهائيندو ته نارويجن سمجهي ويندو پوءِ هو پلي ڪٽي ڊئنشڪ ڳالهائي نه سگهي.

رنگ، قد بت ۽ نقش روپ ۾ به ڪو خاص فرق نه اٿن. گهڻي ڀاڱي سڀ اڇي رنگ جا، قداور، ڀورن وارن ۽ آسماني يا ناسي اکين وارا ٿين ٿا. هڪ انگريز، اسڪاٽ ۽ آئرش کي ته ڌار ڌار ڪري سگهجي ٿو پر ڊئنمارڪ، ناروي ۽ سئيڊن جي ماڻهن کي سڃاڻي الڳ ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. ڊئنمارڪ جي يونيورسٽي جي سوشالاجي ڊپارٽمينٽ جي هڪ ڇوڪريءَ پيگي فريس سان جڏهن ان جو اظهار ڪيم ته هن به ساڳي ڳالهه ڪئي ته ڌاريان ته ڇا پر هو پاڻ به هڪ ٻئي جي وچ ۾ فرق نٿا ڳولي سگهن. "پر هڪ ڳالهه اهي،" پيگيءَ ٻڌايو "سئيڊن جا ماڻهو تمام گهڻو تيزيءَ خور آهن. قيمتي ۽ فئشن جا ڪپڙا

پائيندا، ميڪ اپ ۽ جسم جي مَک چَک گھٽي ڪندا. جيتوڻيڪ اسان ڊئنش (ڊئنمارڪ جا رهاڪو) عام زندگيءَ ۾ ته صفا مست ملنگ ٿي هلون. ميڪ اپ ته ڪا ورلي ڪريون پر ڪپڙا به جيڪي ايندا سي پائيندا سين _ پلي چتين لڳل بوٽ هجي، پتلون جا پانچا اڌڙيا پيا هجن، قميص جي ٻانهن جا پيڙا چنا پيا هجن يا نون ڪپڙن مٿان پراڻو سئيٽر به پائي چڙهيندا سين.

اسان وٽ ڪلبن، ڊسڪوٿن ۽ هوٽلن ۾ ڪنهن خاص وڳي پائڻ جو قيد ناهي. جيڪا ڊريس سامهون آئي پائي چڙهيندا سين. پر اسٽاڪ هوم (سئيڊن) ۾ هڪ دفعي آءٌ ۽ منهنجو ٻئاءِ فرينڊ ڊسڪوٿي ۾ پر تڪلف لباس پائي نه وياسين ته دروازي تائين ئي ڌڪا ڏئي لوڏي ڪڍيائون. اندر ليئو پائي ڏسان ته سڀ ٽپ ٽاپ تائين ڪوٽن ۽ اسڪارف اسڪرٽن ۾ ائين نچي رهيا هئا ڄڻ عبادت گهر ۾ آيا هجن. سو سئيڊن جي ماڻهن کي سجاڻن جو اهو به طريقو آهي ته ڪو به ماڻهو گهٽي سينڌ سرمي ۽ چلڪندڙ وڳي ۾ نظر اچي ته سمجهي وڃجي ته سُئيڊش آهي.

# ناروي ۾ ڊئنمارڪ ۾ فئشن سئيڊن کان اچي ٿو.

”سئيڊن جا ريڊيو ۽ ٽي وي پروگرام ته ناروي ۽ ڊئنمارڪ وارن کان وڌيڪ سٺا ۽ ماڊرن آهن. ان ڪري اسان جن ملڪن جا نوجوان سئيڊن جو ريڊيو ۽ ٽي وي ڏسندا. روز بروز اسين ان ڳالهه جو نقل ڪندا سون جيڪا سويڊن وارا ڪن ٿا_ ويندي شاپنگ کان پڙهائيءَ تائين. ڪا ڇوڪري ناروي وئي جتي يونيورسٽي جي ڇوڪرين کي ڏسي اچي ٻڌايو ته هو ڪتاب ٿيلهن ۾ وجهي ٿيون کڻن ته هتي به اهو فئشن شروع ٿي ويندو. ڪنهن ٽي وي تي يا سُئيڊ فلمن ۾ هيروئن کي مسڪارا لڳائيندي ڏٺو ته اسان وٽ به ڇوڪريون ائين لڳائڻ شروع ڪنديون. ٻه ٽي سال اڳ سئيڊن جون ڇوڪريون، وارن کي ٿورو اپو جهلي، ربن مٿان ورائي، پنيان ٻڌڻ لڳيون.انهن کي رسالن ۾ ٽي وي تي ڏسندي اسان وٽ به اهو فئشن شروع ٿي ويو. ساڳي وقت هنن کي به اهو احساس برتري آهي، حقيقت پڻ آهي ته هو ايڏو قابل آهن، جو ڊئنمارڪ ۽ ناروي وارا سندن ئي نقل ڪن ٿا.

”انهيءَ سال اسان جي ڪاليج جون ڪجهه ڇوڪريون گرلس گائيڊ ٽوئر لاءِ سئيڊن ويون ته هنن جهڙو ڏيک ڏيڻ لاءِ هي سڀ انهي نموني سان وارن ۾ ربينون ٻڌي ويون. پر نڪاڻ اهو ڪو فئشن اتي تيسين پراڻو ٿي چڪو هو. هونءَ جيتوڻيڪ اسان جا رنگ ۽ شڪليون ته هڪجهڙيون ئي آهن ۽ سمجهيوسين ته سئيڊن جي ماڻهن کي ته خبر به نه پوندي ته ڪو اسان هتي ڌاريان آهيون. پر اتي ريلوي اسٽيشن تي لهڻ سان ئي هڪ سئيڊن ڇوڪريءَ چيڙائڻ واري نموني سان مرڪي، اسان مان هڪ هڪ جي وارن ڏي اشارو ڪندي زور سان ٻيءَ کي چيو: ”هيءَ به ڊئنش، هيءَ به ڊئنش، هيءَ به ڊئنش...“ ۽ اسان کي ايڏو شرم آيو جو ان وقت ائين لڳو ڄڻ هو ڊئنش نه، پر چئي رهي هجي: ”اسان جو نقل ڪرڻ وارا، اسان جو نقل ڪرڻ وارا، اسان جو نقل ڪرڻ وارا...“

## ● ناروي جو ڪاڏل ڪنارو

هونءَ ناروي، ڊئنمارڪ، سئيڊن ۽ ويندي فن لئنڊ کي جي يڪو هڪ بلاڪ ۾ آڻجي، ته باقي بچيل يورپ کان بلڪل الڳ ٿلڳ، ڇتو ۽ نرالو لڳندو _ خاص ڪري رنگ روپ ۽ نڪ نقشي کان. سياسي طرح پڻ هي سڀ جمهوري راڄ آهن (جيتوڻيڪ ٽن ۾ ملڪ جو بادشاهه آهي ۽ هڪ ريپبلڪ آهي. سڀني ملڪن ۾ ماڻهن کي آزادي به هڪ جهڙي مليل آهي. ايراضيءَ جي لحاظ کان سئيڊن سڀ کان وڏو آهي. اٽڪل پوڻا ٻه لک چورس ميل پکيڙ ٿيندس ۽ سڀ ۾ ننڍو ڊئنمارڪ سورهن هزار چورس ميل آهي، پر ڊئنمارڪ جي هٿ ۾ وري ”گرين لئنڊ“ ٻيٽ ۽ ”فارو“ ٻيٽ آهن. (ڪنهن زماني ۾ آئس لئنڊ تي به ڊئنمارڪ وارن جي حڪومت هئي، پر ان کي 1944ع ۾ آزادي ڏني وئي.)

ناروي هڪ جابلو علائقو آهي ۽ سندس سامونڊي ڪنارو تمام گهڻو ڪاڏل آهي. سڄو ملڪ ندين، ڍنڍن، ماٿرين سان ڀرپور آهي. ٽرنڊيام بندرگاهه به ائين هڪ نديءَ جي

ڪپر تي آهي، ۽ ائين سمجهڻ کپي جيئن پاڻ وٽ روهڙي، ٻيڙاپور، هالا پراڻا، ڊيرو (ڊرپيلو) آهي. پر اهي مٺي پاڻيءَ جي درياءَ ـ سنڌو ندي ۾ آهن، جيڪا، مٿان جبلن تان وهڻ شروع ٿئي ٿي، ۽ اچي ڪراچيءَ جي پر سان سمنڊ ۾ ڪٺي ڪريڪ، ڦِٽي ڪريڪ، ڪورنگي ڪريڪ ۽ گذري ڪريڪ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، پر هن ناروي جو بندرگاهه ترنڊام هڪ اهڙي کاري پاڻيءَ جي ندي ۾ آهي جيڪا ڇيراٽيل ڪناري ڪري ٺهي آهي ۽ پاڻي سمنڊ کان زمين ڏي اندر وڃي ٿو. اهڙي قسم جي پاڻيءَ جي لنگهن کي ڇا سڏجي؟ مون کي ڄاڻ ناهي پر اسان جهازي پنهنجي زبان ۾ اهڙي ڇير کي ”ڪاڙي“ سڏيون ٿا. پوءِ ڪنهن اهڙي ملڪ جي ڪناري تي جهاز خراب ٿيندو آهي ته چوندا آهيون، خدا خير ڪري ڪٿي جهاز هوا جي زور تي رڙهي ڪنهن تانگهي يا سوڙهي ڪاڙيءَ اندر نه ڦاسي پوي ـ ۽ ناروي جو ڪنارو ته سڄو ڪاڙين سان ڀريو پيو آهي. ڪڏهن وقت تي بندرگاهه جي بتي نظر نه ايندي آهي ته ڊيڪ وارن کي ڇيڙايو ويندو آهي ته يار خبر ناهي ڪهڙي غلط ڪاڙيءَ ۾ ڏوڪي پيا آهيون. پوءِ سيڪنڊ آفيسر منظور چارلس ـ جيڪو هتي گهڻائي دفعا اچي چڪو آهي ۽ گهاٽ گهاٽ کان واقف

آهي، سو رڊار جي پردي تي، ڪڪرن جهڙين تصويرن تي، وچ ۾ وار جهڙين سنهين ليڪن ڏي پينسل ساناشارو ڪري ٻڌائيندو آهي: ”نه يار. بلڪل صحيح آهيون. هن ئي ته ڪاڙي ۾ استاونگر شهر آهي۽ هن پرئين ڪاڙيءَ ۾ فلاٽو بندرگاهه. ۽ هيءَ جيڪا چاليهه ميلن جي فاصلي تي ڪاڙي آهي سان اندران ٿي وري اچيو ٿي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري. ۽ هن ڪاڙيءَ جي مون کي پاڻ ئي خبر ناهي. سمنڊ ۾ لڳل بواءَ (Buoy) جي لائيٽ نظر ايندي پر ڏنڊ ڪري اجان نظر نٿي اچي. ٿورو اجان اڳتي هلي ڏسون، من ڪا بتي (Beacon) يا لائيٽ هائوس نظر اچي وڃي.“

# • ڪڏهن ڪيل ۾ ڪڏهن جيل ۾

ذرا تصور ڪجي ته قديم زماني ۾ جڏهن ته اڄ جهڙا نقشا ۽ ماپيل چارٽ نه هئا، نه وائرليس، ايڪوسائونڊر ۽ راڊار هئا. تڏهن جهازين کي نيويگيشن ۾ ڪيتري نه تڪليف ٿيندي هوندي! نه هنن کي رستي جي خبر، نه سمنڊ اندر لڪل ٽڪرين جي سُڌ ۽ نه سمنڊ جي اونهائي جي ڄاڻ. رستن پلجڻ تي ڏينهن جا ڏينهن سمنڊ جي ڇولين ڀِلي هوندا هئا. گهڻو ڪري ڪنارو ڪنارو وٺي هلندا هئا. ڪٿي اهڙي ڪاڙياڇي وئي ته وري ان کي وٺي اندر هليا ويندا هئا ۽ اڳتي پنجاهه سٺ ميل هلي خبر پوندي هين ته مار اڳتي رستو ئي ناهي. سمنڊ ئي ختم ٿي ويو_ ڪيپ آف گڊ هوپ واري رستي لاءِ اڃان ٻه سڏو هلي پوءِ ڪاٻي مڙڻو آهي ته وري اتان واپس نڪري ڪنهن ٻئي چير اندر گهڙي ويندا هئا ۽ اڳتي ڪاڙي بدران منو پاڻي ڏسي خيال ايندو هون ته هيءَ مالي ندي آهي_ نائيجر ندي، يا زئمبيزي ندي آهي، جا ماڳهين وچ آفريڪا ۾ وڃي ڇڏيندي، جتان شروع ٿئي ٿي. وري پويان پير ڪندا هئا. راشن ڪٿي

ويندو هون. ڪپڙا ۽ جهازن جا سڙهه ڦاٽي ويندا هئن. پوءِ ڪڏهن ته ’هئتي‘ ۽ ’هوائي‘ جهڙن ٻيٽن تي ڊؤ ۾ ته ڪڏهن اهڙي جهنگلي قبيلن جي ور چڙهي ويندا هئا، جي ماڳهين ڪين ڪواب وانگر باهه جي مچ تي پچائي ڪائي ڇڏيندا هئا.

# وائيڪنگ_ ڪن لاءِ هيرو ڪن لاءِ ڦورو

اسڪينڊينيويا ملڪن جونالو ڏيان ۾ ايندي ئي سندن مشهور ايئر لائين SAS (اسڪينڊينيوين ايئر سسٽم) ۽ پراڻي زماني جا سندن جهازي_ جيڪي واپار ۽ ڦرلٽ ڪان مشهور ليکيا ويندا هئا ۽ وائيڪنگس (Vikings) سڏجن ٿا، اسان ڏارين جي دماغ ۾ اچن ٿا.

هونءَ هنن اتر قطب جي ويجهو رهندڙنبابت ڪا بہ اهڙي تواريخ نہ ملندي جنهن مان اوائلي ڳالهيون معلوم ٿي سگهن. جيڪي پراڻيون تواريخون آهن سي بہ سندن ماڻهن جون لکيل نہ آهن، پر عربن، يونانين ۽ رومين جون آهن_ جن بہ ڪين بس اهو چئي حوالو ڏنو آهي تہ اُهي ڏور اتر اهان ويڙهاڪ ۽ اترادي ماڻهو.

سڀ کان جا مشهور تواريخ آهي سا ”جرمينيا“ نالي ٽائيسائيٽس جي 98ع جي لکيل آهي. پاڻ نہ جاگرافر هو ۽ نہ سياح. هن، اهي ملڪ ڪڏهن هڪ دفعو بہ پنهنجي اکين سان

نہ ڏنا. پر اتان اينڊرڙ شيون ۾ مسافرن جون ڳالهيون گڏ ڪري ٿورو گهڻو لکيو هئائين.

پراڻين تواريخن ۾، جي پوءِ لکيون ويون، تن ۾ وائيڪنگ جو زمانو ئي (سن 850ع کان 1050ع تائين وارو) هڪ مشهور آهي. ڪارين لارسين بہ پنهنجي تازي ڪتاب History of Norway (ناروي جي تواريخ) ۾ اهو ئي لکيو آهي تہ اوڻهينءَ صديءَ کان اڳ هڪ وائڪنگ جو ئي زمانو ياد رکڻ جهڙو آهي، سو بہ چڱي طرح لکيو نہ ويو آهي جو ان جون ڪيتريون ئي ڳالهيون تڏهن ئي لکڻ بدران، ماڻهن صفا وساري ڇڏيون.

اڄ ڪلهہ جي زماني ۾ شاگردن کي وائيڪنگ بابت خبر انهن ملڪن جي ماڻهن کان ئي پئي آهي جن کي هنن ڦريو لٽيو يا مٿن حڪومت ڪئي. وائيڪنگ ڪٽي پنهنجي ملڪ جي نظرن ۾ عظيم هيرو ۽ جوڌا جهازي سمجهيا وڃن، پر ڌارين هنن کي ڌاڙيل، قزاق ۽ ڦورو سمجهيو. جيئن ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ انگريز پنهنجي ملڪ يا يورپ ۾ تہ ڪٽي چا بہ سمجهيا وڃن پر اسان جا ماڻهو تہ کين ڦورو ۽ غاصب سمجهندا. جن واپار جي بهاني اچي، ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي

ويڙهايو ۽ ماري ڪٽي سادا ٽي سو سالن لاءِ ڏنڊم ٽي حڪومت ڪئي. پر وري به انگريز سيني يورپ جي قوتن کان سٺا ثابت ٿيا ۽ ويندي ويندي ڪي سٺيون به ڳالهيون ڏئي ويا. جيئن ته انصاف، انتظاميا، بين الاقوامي زبان، اسڪول ڪاليج، اسپتالون، ريلوي، ٽپال تار ... وغيره. پر موزمبق، ائنگولا، انڊونيشيا، ڪانگو، ارجنٽائنا جهڙن ملڪن جا ماڻهو ته پورچوگالين، ڊچن، فرينچن ۽ اسپيني ماڻهن کي سو سيڪڙو ڦورو ئي سڏيندا، جو هنن رڳو ڦرلٽ ڪئي.

# • ڇا آمريڪا ڪولمبس ڳولي هئي؟

ڇيو وڃي ٿو تہ ڪولمبس کان بہ گهڻو اڳ (ٻارهين صديءَ ۾) وائيڪنگ آئس لئنڊ ۽ گرين لئنڊ تي قبضو ڪندا اتر آمريڪا کان وڃي نڪتا هئا. پر هو اتي ڄمي نہ ويٺا، ۽ نہ وري ڪا وڏيڪ خبر چار لڏائون تہ اڳتي ڇا آهي. آئسلنڊ ۽ گرين لئنڊ کان هيٺ ڀرپور ڀيا بہ جهان آهن ۽ وچيو هيٺ ڏکڻ آمريڪا ۾ چليءَ تائين ڌرتي ڇوڙ ڪري. ناروي، سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ جا هي بهادر جهازي _ وائيڪنگس، پنهنجن خاص قسمن جي ٻيڙن ڪي، جن جي منهن وٽ ڪاٺ جو ڪنهن خيالي جانور جو منهن گهڙيل هوندو هو، نہ فقط اولهہ ۾ آمريڪا تائين پر هيٺ ڏکڻ ۾ بحر روم ۽ اولهہ ۾ روس تائين پهچي ويا. سندن حملي هيٺ آئرلئنڊ، اوپر اسڪاٽلنڊ ۽ انگلنڊ بہ اچي ويو هو_ خاص ڪري سن 800ع کان پوءِ.

سن 845ع ۾ وائيڪنگ پئرس تي جلهہ ڪئي، ڏهين صديءَ ۾ نارمنڊي سندن هٿ هيٺ آيو ۽ اهي جرمن_ جيڪي

پوءِ ڏنگا مڙس ثابت ٿيا. تن جي سلطنتن کي ٿهڻ پيلي چڙهيو هو. سن 878ع ۾ انگلنڊ جو بادشاھ الفراڊ اعظم، جي همت ڪري هنن کي منهن نہ ڏئي ها تہ سڄي انگلنڊ تڏهن ئي هلي وڃين ها. پر پوءِ هڪ صديءَ بعد ائين بہ ٿيڻو هو ۽ ڊئنمارڪ جي بادشاھ ڪئنيوٽ (Canute_ The Great) تقريباً سڄي انگلنڊ فتح ڪري ورتي ۽ ڊئنمارڪ ۽ انگلنڊ جو بادشاھ سڏائڻ لڳو. پر سن 1035 ۾ سندس وفات کانپوءِ، انگريزن کي تخت وري واپس مليو.

پهرين وڏي جنگ (World war_I) جيئن ئي لڳي تہ سيني اسڪينڊينيوين ملڪن (فن لئنڊ کانسواءِ) پاڻ کي غير جانبدار ظاهر ڪيو ۽ خوش قسمتي سان جنگ جي ڏکن ڏوجهڙن کان بچي ويا. جو وڙهندڙ قومن پين جي وچ ۾ پوڻ نٿي چاهيو. پر ٻي وڏي جنگ ۾ سئيڊن جو سو خير ٿي ويو. باقي فن لئنڊ روس جي حوالي ٿي ويو ۽ ناروي ۽ ڊئنمارڪ، هٽلر جي ظالم چنبي هيٺ اچي ويو ۽ اهي ٻئي ملڪ جرمنيءَ جي حڪومت هيٺ پنج سال رهيا.

ٻي جنگ عظيم، پهرين سيپٽمبر 1939ع ۾، پولينڊ تي حملي سان شروع ٿي هئي، پر ان کان اڳ ئي 23 آگسٽ

1939ع تي نازي روس پئڪٽ مطابق، جرمنيءَ ۽ روس ان تي راضي ناموڪيو هو تہ جنگ جي جوا ۾ مال هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ ۾ حصا پتيون يا ونڊ ورڇ، ملڪي ۽ سياسي حدن کي نظر ۾ رکي اهڙي نموني سان ڪنداسين جو فن لئنڊ ۽ ان سان لاڳو ملڪ ايسٽونيا، لئٽويا ۽ لٿئانا، روس جي جهوليءَ ۾ تہ ڊئنمارڪ ۽ ناروي جرمنيءَ جي ڪڇ ۾.

ٻيا ملڪ تہ الڳ ٿي وري بہ ساهہ کڻي رهيا آهن، پر ايسٽونيا، لئٽويا ۽ لٿئانا، اهڙا اولهہ روس جا حصا ٿي ويا، جو دنيا جي نقشي تان نالو ئي ڇڙ ميسار جي وين. اسڪينڊينيوين ملڪن کي بہ پوءِ هوش آيو تہ اڄ ڪلهہ جي مارمارا واري دور ۾ جي جيئرو رهڻو آهي تہ ڇڙو ’غير جانبدار‘ ٿيڻ سان جان بخشي نٿي ٿي سگهي پر سورهيہ کي سوپ لاءِ دل جا وهم وساري هٿين، پالين دشمن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو.

# سينٽ جان _ ڪئناڊا

- ## ڪئناڊا جي يادگار ڪافي

ڪئناڊا جي بندرگاهہ سينٽ جان ۾ اسان جو جهاز شهر کان پري اچي بيٺو آهي. بندرگاهہ جي ويجهڙائيءَ ۾ هڪ پاسي بہ چار وڏيون سپر مارڪيٽون: ڊومينن ۽ ڪي_مارٽ (K_Mart) نالي آهن، جن ۾ ميوي، بسڪٽ کان ريڊيو، ٽي وي تائين، ۽ سئي ڌاڳي کان سائيڪل جي اسپيئر پارٽ تائين شيون ملن ٿيون. منجهن ننڍيون ريسٽورنٽون بہ آهن. ان کان سواءِ بہ چار ٻيا بہ ننڍا وڏا دڪان آهن. ڪينٽڪي چڪن ۽ مئڪڊونالڊ هئمبرگر وارن جو پڻ وڏو دڪان آهي.

بندرگاهہ جي ڀي پاسي، ڪجهہ پري، ڊائون ٽائون (وچ شهر) آهي. وقت ٿورو هوندو آهي، تہ ويجهو ”ڪي مارٽ“ ۾ چڪر هڻڻ ويندا آهيون. پوءِ ڪنڊ تي انهن جي ريسٽورنٽ ۾ ويهي فرينچ فرائيز ۽ سئنڊوچ سان گڏ ڪافي پيئندا آهيون. ڪافيءَ تي هڪ ڪنڊ جوءِ هڪ ڪير جو پاڪيٽ ملندو آهي. سيڪنڊ انجنير کي ڪنڊ کائڻ جي جهَل آهي سو ان جي ڪنڊ

آئون پنهنجي ڪڙي ڪافي ۾ وجهي پيئڻ جوڳي ڪندو آهيان. سيڪنڊ انجنير ڪنڊ جي ڪسر وري کير مان ڪڍندو آهي. جهاز تي ته اڌ ڪوپ ڪافيءَ ۾ ڏيڍ ڪوپ کير جو وجهندو آهي پر هتي وڏيڪ کير لاءِ وري اٿي گهرڻو پوي ٿو ۽ سو به هڪ يا ٻه ننڍا شاشي ملن_ يعني چار پنج چمچا کير جا ٿيا. باقي سئنڊوچ يا پٽاٽا کائڻ لاءِ پلاسٽڪ جي چمچن ڪانٽن ۽ ڇرين جا ڍير ائين ئي پيا هوندا آهن. جن کي ڏسي اسان کي افسوس ٿيندو آهي ته انهن چمچن ڪانٽن بدران کير ۽ کنڊ جي عام موڪل هجي ها.

ڪالهه ڊائون ٽائون ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪنگس اسڪائر ۽ يونين اسٽريٽ ۾ چڪر ڏيڻ بعد. وول ورٿ دڪان جي سيلف سروس ريسٽورنٽ ۾ گهڙي پياسين. ٽري کڻي مختلف سيڪشن مان ڪيڪ، پيسٽري رکي پئسن ڏيڻ واري ڪنڊ تي، هن دفعي ڪافيءِ بدران فانٽا وٺي ٽيبل تي اچي کائڻ لڳاسين. اوچتو منهنجي نظر ڪنڊ واري ٽيبل تي پئي، جتي ڪانٽن ڇرين بدران کير جا ڍير پاڪيٽ رکيا هئا. جيئن جنهن کي جيترا وڻن. اوترا کڻي ڪافيءَ ۾ وجهي. سيڪنڊ انجنيئر کي انهن ڏي اشارو ڪندي چيم ته اڄ هنن "وُول ورٿ"

وارن کي مولا بچايو آهي، جو پاڻ اڄ غلطي ڪري، هتي ڪافيءَ بدران فانٽا ورتي آهي. نه ته اڄ ڪير تي تون اهو مارو ڪرين ها جو هنن کي به خبر پوي ها ته ٻيلي اڄوڪي ڪي گراهڪ گهڙيا هئا.

”خير، هينئر به وقت ويو ڪونهي.“ سيڪنڊ انجنير اٿڻ جي ڪئي.

”ٻيلي، ڪجهه ته خيال ڪر،“ مون ڪيس چڪي وهاريو. ”فانٽا واري خالي گلاس ۾ ڪير وجهي ڪين ڀرو ڏيندين چا؟“

”خير حياتي رهي ته ڪئنادا جي هن ’وول ورٿ‘ ۾ هڪ دفعو ڪافي ضرور پيئبي.“ سيڪنڊ انجنير ڪلي چيو.

- **هتي جا ٽرينڊ ڪتا**

هڪ ڏينهن، هتي رهندڙ منهنجي ڪلاس ميٽ چيف انجنير رضيءَ سان گڏ ڪنگس اسٽريٽ کان لڊلو اسٽريٽ اچي رهيا هئاسين ته هڪ هنڌ، پل ذريعي رستو پار ڪندڙ ڪتي ڏي اشارو ڪري، رضيءَ ٻڌايو ته هتي ماڻهو ڪتا ضرور

پالين ٿا پر اسان وانگر نه. ته ڪتو سڀ ڪجهه پنهنجي موڊ تي ڪندو رهي. چور رات جواچي چوري ڪري هليو وڃي پر همراهه پونڪار به نه ڪري ۽ وري موڊ خراب ٿئيسته اوڙي پاڙي جا چڪيندو وتي ۽ جتي ڪٿي هنگندو وتي.

”هتي ذري گهٽ سڀ ڪتا ٿورو گهڻو تربيت يافته آهن. جيئن هنن کي ڄاڻ رهي ته ڪار ۾ پنيان ڪيئن ويهجي. لهڻ وقت يا رستو پار ڪرڻ وقت ٽرئفڪ جو ڪيئن خيال رکجي. مالڪ جي سنڀال ڪيئن لهجي، وغيره. ايتري قدر جو شروع جي ڏينهن ۾ اهو ڏسي مون کي تعجب لڳو ته هڪ ڪتو رستي جي هڪ پاسي هو ۽ ٻيو ٻئي پاسي. ٻنهي جي ڪا پاڻ ۾ نٽي پئي سو سگهارو ٻئي سان وڙهڻ لاءِ اتان ئي رستو ٽپڻ بدران ڊوڙ پائي پنيان ويو ۽ زيبرا ــ ڪراسنگ تان رستو ٽپي پوءِ هن جي ڪڍ لڳو. نه ته جانور تي ڪري چاهي ها ته هيڏو پنڌ پنيان وڃڻ بدران، اتان ئي ڪٽي رستو ٽپي ها، ان وقت ٽرئفڪ به ڪانه هئي. ساڳي طرح رستو پار ڪرڻ لاءِ، مٿان پل هوندي ته ڏاڪڻ چڙهي، رستو مٿان پار ڪندو يا زمين ــ دوز (Under Ground) رستي جي نشاني ڏسي هيٺ هليو ويندو. اسان جي ملڪ ۾ به هر سال، ماڻهن لاءِ رستن تي زيبرا ڪراسنگ ۽ ٻين

نشانن ناهڻ پٺيان رنگ روغن تي هزارها رپيا خرچ ٿين ٿا پر سڀ بيڪار.“

## • سستي شاپنگ

ڪالهه سيڪنڊ انجنير سيف الدين جو هڪ پاڪستاني دوست جهاز تي ساڻس ملڻ آيو. ڪيس ڪئناڊا ۾ ڇهه ست سال ٿي ويا آهن ۽ هتي جي ئي ”سٽيزنشپ“ اٿس. پاڻ پاڪستاني رسالا، پنهنجي زال ۽ ٻارن لاءِ وٺڻ آيو هو. شاپنگ لاءِ پڇيوسين تہ اسان هتي ڪڏهن ڪڏهن ٿا اچون هن ڪي جي خبر هجي تہ ڪنهن دڪان ۾ Sale لڳڻ واري آهي تہ اتان خريداري ڪريون. پاڻ ٻڌايائين : ”Scalp دڪان ۾ سيان ڪپڙن جي صحيح قسم جي سيل لڳڻ واري آهي. ساڍي نائين ڪان پنجين تائين، شيون اڌ ڪان بہ گهٽ قيمت تيوڪامبيون. اها Sale سال ۾ هڪ دفعو مس لڳندي آهي. هينئر بہ ڏيڍ سال بعد پئي لڳي. پر صبح ساڻ پهچي وڃجو جو ايتري رش ٿي ٿئي، جو ماڻهن جي قطار نهيو وڃي. جي دير ڪندائو تہ سٺيون

شيون ڪچي ويندا هئاسين. دڪان ۾ جيڪو ڪپڙو پسند اچي في الحال پاڻ سان کڻندا وڃجو پوءِ فرحت سان، ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي ان مان چونڊ ڪري ٻيا اتي ئي ڪٽي ڦٽا ڪجو. پاڻهين پيون ”سيلز_گرلز“ ڍوئيندوين. باقي جي آهستي آهستي هڪ هڪ قميص کي ورائي ڏنو يا پائي جانچڻ جي ڪندائو ته پنيان پيون شيون به ڪچي ويندانوَ. بهرحال وڃجو صبح ساڻ.“

سيڪنڊ انجنير کي چيم ته آرام سان هلنداسين، اهڙي به ڇا جلدي. سياٽي ڪئناڊا وارن کي موڪل ته آهي ڪانه. ۽ آفيسون ڇڏي ڪو به شاپنگ لاءِ نه ايندو. جيسين هو شام جو موڪل بعد اچن، تن ڪان ته اڳ پهچي ويندا سين.

”نه چيف صاحب، جلدي هلنداسين.“

”جلدي ته پوءِ هيئنر ئي بسترو ڪٽي هلي ان دڪان اڳيان لڳايون، باقي ههڙي ٿار ۾ برف باريءَ ۾ صبح ساڻ اٿي شهر ڪير هلندو.“

ٻئي ڏينهن صبح جوا تفاق سان اک جلدي کلي وئي. سيڪنڊ انجنير کي فون ڪيم ته جوان تيار ٿي ته هلون. تيار ٿي ٻئي جٽا پوٽي ڏهين بجي اسڪلپس ۾ پهتاسين ته ڪڪڙو ڪو لڳي پئي هئي. سيڪنڊ انجير کي چيم ته يار

تنهنجو دوست به عجيب واچان چئبو. ڳالهيون ته اهڙيون ڪيائين جو پاڻ به ڪٺي اهڙي تياري جهلي جڻ عيد نماز تي پهچڻو هجيسون. ڇا جا ماڻهو ڇا جي Sale، ڪپڙن جي قيمت به اها ئي ڳري. آخر هڪ ڪمر ڪنڌڙ همراه کان پڇيوسين: ”توهان جي دڪان ۾ ته اڄ سيل هئي؟ ڪو ٻيو به اسڪلپس دڪان آهي ڇا؟“

چيائين: ”نه. سيل هتي ئي لڳل آهي، پر هيٺ گرائونڊ فلور تي.“

هيٺ آياسين ته واقعي ميلو متو پيو هو. چوڏاري پوڙهي پوڙهيءَ جي ذات. ڪجهه پيرسن مرد به هئا. سيڪنڊ انجنير کي چيم ته يار پاڻ هنن واندن بابت ته سوچيو ئي ڪونه هو. هاڻ هڪ ڪنڊ کان تون شروع ٿي وڃ ته ٻيءَ کان آئون. پوءِ وٺ وٺان هئي. ڪي ڪي شيون ته واقعي تمام سستيون هيون. ڪي ته جيتوڻيڪ سستيون نه هيون پر نفسياتي اثر هيٺ ته هر شيءِ جي قيمت گهٽ آهي ۽ جڻ اڄ بعد دنيا جا دڪان هميشه لاءِ بند ٿي ويندا، سو جيڪي آيو ٿي سو چونڊيندا وياسين. ڪڇا، گنجيون، هئنڊ گلوز قميصون وغيره. قميصون ايئرو جون چڱيون سستيون هيون. ويهن ڊالرن واريون پنجين ۾. في

الحال اٺ ڏهه سٽ ۾ ڪٽي پنهنجي قبضي ۾ ڪيونسين. ٽي سوٽ به چونڊياسين. (اهي پوءِ پائي ڏٺم ته ڪوٽ صحيح هو ته پتلون پولو پهلوان جي خاندان جو ڪو فرد پائي سگهندو).Trial Room به هڪڙو ئي هو. منجهس ڪو مرد ويو ٿي ته واري اچڻ جي اميد ٿي ٿي، پر هڪ دفعو عورتن جي قبضي ۾ اچي ويو ٿي ته پوءِ انتظار ئي انتظار. هڪ ئي وقت ٽي ـ چار عورتون گهڙي ٿي ويون. سيڪنڊ انجينر کي چيم ته يار هڙي وٺ وٺان ته ڪٽي به نه ڏنيسين.

”مون ته ڪجهه به نه ورتو آهي.“

”پر قميصون ته ايئرو جون سستيون آهن.“

”سستيون ڪٽي آهن. ايئرو جا فقط مٿيان پلاسٽڪ جا ڪور آهن. باقي قميصون ته ’ميڊ ان ڪوريا‘ واريون آهن.“

- **ڪئناڊا جا پوڙها پوڙهيون**

يڪدم قميصون به ڦٽيون ڪيونسين. باقي ڪڇا ۽ جوراب رهجي ويا. سٽيٽرن واري ٽيبل اڳيان صبح ڪان هڪ

پوڙهو همراهہ ۽ سندس ڪراڙي جوءِ ٻيئا هئا. ڪراڙيءَ هڪ هڪ سئيٽر چونڊي پوڙهي کي ڏيندي وئي جو هن سهڪندي سهڪندي مس ٿي پاتو. مون پڇيومانس: ”هن ڍير ۾ ڪو ٻنا ٻانهن وارو سئيٽر آهي؟“

منهنجو پڇڻ، هوءِ شروع ٿي وئي: ”ها هتي هيئنئر هيئنئر ڏٺو هوم. تمام سٺو آهي. اجهو هي پيو آهي. پائي ڏس. پر هڪ ٻئي رنگ ۾ بہ آهي. اجهو هي. پر هي ان کان بہ سٺو آهي. ٽراءِ ڪري ڏس. منهنجي مڙس کي تہ اڇي رنگ جو سئيٽر ٿو وڻي....“

پوڙهي ڳالهائيندي رهي، آئون سئيٽر پائي جاچڻ بدران ائين ئيمٿان رکي ڏسندو ويس. ڪو ويڪرو. ڪو ڊگهو. ڪو ننڍو. تيسين ڪراڙي مون کي ڇڏي پنهنجي مڙس سان مخاطب هئي. پوڙهو ويچارو ايڏي تہ وڏي عمر جو هو_ گهٽ ۾ گهٽ نوي_ پنجانوي کن جو ٿيندو. سڄو ڏڏي رهيو هو. وڏي عمر ۾ مرڻ کان ڪجهہ دير اڳ جيئن انسان جسماني طرح هوندو آهي.هوبهو ائين هو. جيڪڏهن ڊگهو ٿي سمهي رهي ۽ چر پر نہ ڪري تہ يقين سان سيڪو چوندو تہ ساهہ نڪري ويو اٿس. زال بہ پوڙهي هئي پر ميجان ٿو تہ هن کان ڏهہ سال کن ڪٽي جوان

هجي. پر عمرن جي ان پيٽي ۾ اهو پنج ڏهه سالن جي عمرن جو فرق ائين آهي، جيئن لکن ڪروڙن رپين جي رقم ۾ آنن پاين جو فرق.

پوڙهي ماڻهوءَ هڪ سئيٽر کي آخر پسند ڪيو ـ واقعي پسند ڪيو يا لاهڻ پائڻ کان ٿڪجي، جوڙس کي جهيڙي آواز ۾ چيو: ”آئون سمجهان ٿو ـ تہ ـ هي صحيح آهي.“

جوڙس ڪڙڪو ڪندي چيس: ”وري بہ هڪ دفعو سوچي وٺ. پوءِ ائين نہ چئجانءِ تہ رنگ پسند ناهي، يا ان جو پئٽرن ٻي طرح جو هجي ها.“

سيڪنڊ انجنير چيو: ”ايڏو تکو جي هن ويچاري سان ڳالهايو ويو تہ ڇاڻ آيو ڪي آيو. هنڙي پوڙهي مڙس لاءِ ڇا ڇا رنگ ڇاجا پئٽرن. باقي بچيل زندگيءَ جا ٽي چار ڏينهن ان پراڻي ۾ ئي غريب ڇڪي وڃي ها.“

مانوارن خريدارن جي ڳهت ۾ هڪ اها پوڙهي بہ نظر آئي جا بہ چار ڏينهن اڳ اسان کي سٽي هال ۾ ملي هئي، جتي ڪنهن فنڪشن لاءِ ٽڪيٽون وٺڻ وقت هڪ ئي ڊگهي قطار ۾ گڏ هئاسين. وقت گذارڻ لاءِ، هڪ ٻئي جي سچاٽپ ڪرائي خبر چار ڪندا رهياسين. اسان کان هن ناروي ڊئنمارڪ جو

پڇيو. بهرحال سيڪنڊ انجنير هن سان مغز ماري ڪندو رهيو. آئون خاموش هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو رهيس. ڪو ڇوڪرو ٽنيج جي اوٽ ۾ لڪي، پٽ تان برف کڻي سامهون بيٺل سندس گرل فرينڊ کي هڻڻ لڳو. پوڙهي ۽ سيڪنڊ انجنير به هنن کي ڏسڻ لڳا ته مون ڏاڍيان سيڪنڊ انجنير کي انگريزيءَ ۾ چيو ته سڄي دنيا ۾ ساڳي ڪهاڻي آهي: ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي ڊوڙ. ڪڏهن هو ڪتي ٿو ته ڪڏهن هوءَ.

سيڪنڊ انجنير دل ۾ ڪندي اڙدوءَ ۾ چيو: ”چيف صاحب، ائين ته نه چئو. هيءَ پوڙهي شريف ماڻهو ٿي ڏسجي. ڇا چوندي.“

”يار سيڪنڊ صاحب،“ مون کيس سمجهائيندي چيو. ”خدا کي مڃ. ان ۾ ته ڪا گار يا خراب ڳالهه آهي ڪانه. اها ڳالهه ته پنهنجي ملڪ جي عورتن اڳيان به ڪري سگهجي ٿي. هيءَ پوڙهي ڪا اسپيشل قسم جي شريف آهي ڇا؟!“

بهرحال، سيڪنڊ انجنير کي ان اسڪالپس دڪان ۾ ڇڏيم ته تو واري ”شريف پوڙهي“ به هن دڪان ۾ آئي اٿئي. سيڪنڊ انجنير کلي چيو: ”ها سائين. هن ڪنڊ ۾ Panties (زنانا ڪڇا) چوري ڪري ڪوٽ جي کيسي ۾ پئي وڌائين.

مون ڏسي ورتو مانس. ڏاڍو شڪي ٿي. ان ڪري آءٌ ساڻس ملڻ بنا لنوائي هن پاسي هليو آيس.“

- ## دڪانن تان چوري

هنن ملڪن ۾ دڪانن تان چوري (Shop_lifting) خلاف ڪيڏي پوليس، اليڪٽرونڪ اوزار، ڪلوز سرڪٽ ٽي وي ۽ سخت سزائون آهن پر تہ بہ ننڍا وڏا مڙئي لڳا پيا هوندا آهن، ”ڪجهہ تواريو ڪجهہ چورايو“ جي اصول تي. سرڪاري انگ اکرن مطابق فقط ڪئناڊا جي دڪانن مان، هر سيڪنڊ ۾ ڇهہ سو رپين جي سامان جي چوري ٿئي ٿي. يعني سال ۾ ڪروڙها رپيا. ۽ اهو نقصان دڪاندار ظاهر آهي تہ شيون مهانگيون ڪري گراهڪن مان ئي وصول ڪن ٿا. نہ رڳو چوريءَ جو نقصان پر جاسوسن ۽ پوليس جو خرچ، اليڪٽرانڪ اوزارن ٽي_وي ذريعي جانچ پڙتال جو خرچ_ سڀ ڪجهہ. نتيجي ۾ هر شيءِ اصل قيمت کان گهٽي مهانگي وڪامي ٿي.

بهرحال هتان سيڪنڊ انجنير فقط مفلر ورتو. شايد اهو سوچي ته هن هٿ ٺوڪي Sale مان ڪجهه ته وٺجي، متان دڪان وارا ٻيءِ سنڊس ڪئناڊا وارو دوست دل ۾ ڪري.

هونءَ پڙهندڙ آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي مڙني دڪانن جي Sale کي اهڙو فراڊ ۽ ٺڳي نه سمجهن. دنيا ۾ صحيح معنيٰ ۾ سيل لڳي ٿي ته فقط ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾. ٻيو ڪٿي به نه.

آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾، ناليرن دڪانن: وول ورٿ، ڪارويٽ، ايس ائنڊ اي، مئسي، باسڪو رابن، ڊرگ مارٽ، ڪي مارٽ، وغيره وغيره ۾ Sale واري ڏينهن دڪاندارن کي پئسي ڪمائڻ کان وڌيڪ پنهنجو دڪان خالي ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي، جيئنبي موسم مطابق ڪپڙا يا نئين فئشن جو آيل سامان رکي سگهجي.

# بالٽيمور_ آمريڪا (U.S.A.)

## • عيسائين جي عبادت گهر ۾

ڪالهه شام جو جهاز جي ڊيڪ تي چڪر ڏئي رهيو هوس تہ هن شهر جي Sea_mens' Mission طرفان مائڪرو بس ايندي ڏٺم ۽ اتي جو انچارج. اسان جي جهاز تي ڪم ڪندڙ ڪرسچنن کان علاوه ٻين خلاصين کي بہ چرچ ۾ هلڻ لاءِ دعوت ڏيڻ لڳو. پر ڪير بہ انهن شوقن لاءِ ان وقت تيار نہ هو. مون کي اوچتو ڏسڻ جو خيال آيو سو بس ۾ چڙهي وينس. رستي تي ٻين ملڪن جي جهازن اڳيان پڙ، گاڏي ٻيهاري جهازين کي دعوت ڏني ويئي، پر فقط هڪ يوناني جهاز تان بہ چوڪرا ٽ چڙهيا_ سي بہ الاجي ڇا سوچي نڪري پيا جو اتي چرچ ۾ پهچي اٻاسين جو ڦهڪو لڳائي ڏنو هئائون.

چرچ شهر کان ويهہ ميل پري ٻهراڙيءَ ۾ هئو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڪو نهي راس ٽيو هو. سچو عمدي عمارتي ڪاٺ

جو ڪنڊائتو نهيل هو. سامهون، اسٽيج ڪجهه مٿاهين نهيل هئي جنهن تي وڏا عالم ويٺا هئا. سنڌن پٺيان، پٺ تي ڪا به حضرت عيسيٰ يا بيبي مريم جي مورتي نه هئي. فقط هڪ تمام وڏو پنجويهه فٽ ڊيگهه جو پاڪ منڊيئڙو لڳل هو. هڪ همراهه ڪئليفورنيا کان خاص ليڪچر ڏيڻ لاءِ آيو هو جنهن وڏي پُر سحر انداز ۾ لفاظي جادوگريءَ سان ماڻهن کي متاثر ڪيو. پاڻ پنجيتاليهه سالن جو ٿيندو ۽ ٻڌائين ته پنڌرهن سالن جو جڏهن هو ڇوڪرو هو ته هن کي نشي پتي جي عادت خراب سنگت مان پئجي وئي ۽ هو هر قسم جو نشو لڳاتار سورهن سالن تائين واپرائيندو رهيو. هن ٻڌايو "حالت اها ٿي وئي جو نه ماڻهن سان گڏ نه جانورن سان. پر پنهنجي پر ۾ پاڻ کي ڏاڍو سياڻو سمجهندو هوس ۽ سوچيندو هوس ته ڪا وڏي ڳالهه ٿو ڪريان. سڄي پاڙي ۽ شهر جو داداگير ٿي پيو هوس. ڇهه دفعا جيلن ۾ ڏڪيو ويس، پر نڪري اچڻ تي وري ساڳيا لاٿون ساڳيا چڳهه. گهران پئسا نه ملندا هئا ته چوريون ۽ ڦرون ڪري به نشو ڪندو هوس. ذهني توازن سان گڏ جسماني صحت به خراب ٿي وئي. پر منهنجي مٿي ۾ اهو ئي اُٿ ته ماني ملي يا نه،

پر نشو ضرور ڪيپي. گهڻن ئي مون کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي پر سڀ بيڪار ثابت ٿيو.

”پوءِ هڪ دفعي، اوچتو منهنجي من ۾ ڳالهه آئي تہ اها غلط ڳالهہ آهي ۽ پڪو ارادو ڪري، سدائين لاءِ نشو ڇڏي ڏنم. پنهنجو پاڻ کي مذهب ڏي رجوع ڪيم. اڄ ان نئين زندگيءَ کي ٻہ سورهن سال ٿي ويا آهن ۽ خدا جي فضل سان ٻچندو اچان. گهڻين ۾ ريل جي ڏٻي ۾، ڪتن ٻلن وانگر راتيون ۽ ڏينهن گذارڻ واري کي هاڻ گهر ٻار آهي. آئون خوش آهيان تہ ٿورو ڪمايان ٿو پر حلال جي روزي کايان ٿو..“ وغيره وغيره.

هن جي سڄي تقرير جو مفهوم اهو هو تہ اڄ ڪلهہ جي مشيني ۽ تکي دور ۾، جتي چپي چپي تي گناهن جي ڄار وڇايل آهي، اتي وڇايل سڪون حاصل ڪرڻ جو فقط اهو ئي طريقو آهي تہ مذهب سان دل لڳائجي. دنيا جي رنگينين سان لاڳاپو رکڻ بدران پوءِ جي ٿمر جو سوچجي ۽ پنهنجي حقيقي رب سان ناتو جوڙجي.“

## • ”براڊ وي“ ـ بالٽيمور جو بدنام روڊ

ڪاٺ جي بينچن تي چوڌاري ويٺلن ڏي نهاريم. گهڻي ڀاڱي پوڙها ۽ اڌڙوٽ هئا، پر چڱا خاصا نوجوان به هئا. جيڪو همراهه اسان ڪي بس ۾ وٺڻ آيو هو سو به ڇويهه ستاويهه سالن جو ٿيندو. مون سمجهيو ٿي ته هِتِن ماڊرن ۽ مشغول ملڪن ۾ ماڻهو فقط بارن (شراب خانن) ۽ ڊانسنگ ڪلبن ۾ ئي ويندا هوندا. مذهب جهڙين ڳالهين ڏي، سو به آچر واري عياشي جي ڏينهن تي، ته هنن لاءِ ڏکيو ڪم هوندو. پر اهو خيال غلط ثابت ٿيو. هِتِي ماحول ۽ ملڪ ۾ به ماڻهو مذهب کي اهميت ڏين ٿا. هنن عياشين جو پنهنجي نموني سان ذڪر ڪرڻ مهل ۽ نشي ڪان پاڪ رهڻ جي دعا گهرڻ مهل ڪيترائي پوڙها ۽ نوجوان پڻ، هٿ مٿي ڪري اوچنگارون ڏئي ٻاڏائي رهيا هئا.

ان علائقي ۾ شايد فقط گورا رهن ٿا، جو ڪو به ڪارو مون کي نظر نه آيو. هڪڙو اسان جي اڳيان ضرور ويٺو هو. جنهن لاءِ پهرين مون سمجهيو ته ڪو فارينر هوندو پر پوءِ جڏهن بس ۾ هلڻ لڳاسين ته هو به ساڳيءَ ۾، اسان سان چڙهيو

۽ ٻڌايائين تہ هو بالٽيمور جو رهاڪو آهي، بندرگاهہ وٽ رهي ٿو ۽ رازڪو ڌنڌو اٿس.

مائڪرو بس جڏهن بالٽيمور شهر پهتي تہ يوناني جهاز جي ڇوڪرن ڊرائيونگ ڪندڙ همراهہ کيڇيو تہ ”براڊوي“ روڊ تان هلڻ مهل ڪين اتي لاهي ڇڏي.

”هن وقت رات جو ٻارهين بجي ڌاري براڊ وي تي؟! براڊ وي تہ هتي جو تمام بدنام روڊ آهي، جنهن تي رڳو شراب _ گهر، جوا خانا ۽ رستن تي فاحش عورتون نظر اينديون، جيڪي توهان کي ڌتاري گهر وٺي وينديون. ۽ اڪثر اهڙا مثال ٿيندا رهن ٿا تہ پئساڦري، ڪا نشي جي شيءِ کارائي بيهوش ڪري، ڪنهن سنسان هنڌ تي اڇلايو ڇڏين. جتان جهاز تائين پهچندي پهچندي ماڻهو بي حال ٿيو وڃي.“

”نہ. اسان تہ براڊ وي تي لهنداسين. اسان جا ٻيا يوناني اتي آيل هوندا. سڄو ٽولو ٿي گهمنداسين.“

شيدي رازو جيڪو هيستائين تہ پنهنجي منهن ”آسماني روشني....“ حمد ڳائي رهيو هو، تنهن نيٺ ٿڌو شوڪارو ڀري پنهنجي حساب سان”لاحول“ پڙهي، کين چيو: ”پٽ اها سٺي ڳالهہ ناهي. خاص ڪري هينئر ”عبادت گهر“

مان ٿي، ماڻهو نيڪ ڪمن جو سوچي، وڃي گهر ننڊ ڪري. اهي رنون اهڙيون آهن جو هڪ دفعو انهن مان بيماري لڳائڻ ته پوءِ رب پناهه ۾ رکي. توهان ڏاها ٿيو بچا.“

ان وقت پئي ماڻ ٿي ويا پر جيئن ئي ٻه چار بلاڪ بس اڳتي هلي، ته وري هڪ يونانيءَ چيو: ”اهو آهي براڊ وي؟“

”نه. اهو اڃان نه آيو آهي.“

”اچي ته اسان کي ٻڌائجان. اسان لهنداسين.“

پر بس وارو همراهه شايد ان روڊ کان لنوائي پئي ويو. يونانين کي ته شڪ پئجي ويو ته هي براڊوي وٽان هلڻ نٿو چاهي، سو هڪ هنڌ بس بيهاري لهي پيا. بس هلڻ تي شيديءَ ٻڌايو ته هتي، نيويارڪ، فلاڊلفيا ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ ته ايترا ڏوهاري قسم جا ماڻهو رهن ٿا ۽ ايڏي ته لاقانونيت آهي جو اسان، هتي جا ماڻهو پڻ ڊڄون ٿا. مون کين، هڪ ٻڌل واقعو ٻڌايو ته ڪيئن هڪ دفعي هڪ جهازيءَ کي ڇوڪرين ڪار ۾ لفٽ ڏني ۽ گهر وٺي وڃي سيڪس ڪانپوءِ ماري اڇلي ڇڏيائون. ان ڪري ڪيترن ئي فارينرس ۽ جهازين کي بالٽيمور جهڙن شهرن ۾ اڪيلو يا سج لٿي ڪانپوءِ ٻاهر نڪرڻ جي جهل ڪئي ويندي آهي.

## • اڄ جو انسان ”روحاني سڪون“ بدران ”جسماني لست“ پٺيان ڊوڙي ٿو

بس واري همراهه ۾ شيديءَ کان مون پڇيو: آمريڪا هيڏو ترقي يافته ملڪ آهي پر ان ۾ ايتري لاقانونيت ڇو آهي، جو غنڊا ۽ نشي ۾ ڌت عورتون، عام جام واٽهڙن کي ڦرينديون وتن. ڇا پوليس ان جو نوٽيس نٿي وٺي، جيتوڻيڪ پوليس به جتي ڪٿي موجود آهي.

”بس پوليس به ڪڏهن مدد ڪري ٿي. ڪڏهن ان ڦڏي جي ڪمن ۾ پوڻ نٿي چاهيءِ نٽائي ٿي وڃي. بهتر آهي هرڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي اهڙين جاين ۾ خراب ڳالهين کان پري رکي.“

”پر آخر ان لاقانونيت جو سبب ڇا آهي...؟“

”سبب اهو ئي اهي ته آزاد ملڪ آهي. هر ڳالهه جي اجازت آهي. پستول بندوق رکڻ تي به ڪا جهل پل ناهي. ڪو به ٻيڙي ماچيس وانگر جڏهن مرضي ٿئيس ته دڪان تان هٿيار وٺي، پاڻ سان رکي سگهي ٿو ۽ پنهنجي بچاءَ جي بهاني، جنهن

ڪي وٽيس ان کي ڊيڄاريندو وتي. نتيجي ۾ لاقانونيت وڌي وئي آهي ۽ ڏوهه ڏينهون ڏينهن وڌندا وڃن. ٻيو وري هتي جي ٽي_وي ۽ هالي ووڊ فلمن ننڍي ٻار کي ئي غلط سوچڻ جي ترغيب ڏني آهي. اسان ننڍا هئاسين تہ اسان کي راند لاءِ لاٽون يا ڪاٺ جي ڪار بابو وٽي ڏيندو هو ۽ هينئر وڏا ٿي هي حال ٿيا آهن. پر سوچيان پيو تہ اڄ جو ٻار جن کي اسان ننڍي هوندي ئي کيڏڻ لاءِ پستول ۽ بندوق جهڙا رانديڪا ڏنا آهن سو وڏو ٿي الائي ڇا ڪندو.“ رازي ٻڌايو.

بس واري گوري آمريڪن تنهن تي چيو: ”منهنجي خيال موجب ڏوهن وڌڻ ۽ گناهن طرف لاڙو ٿيڻ جو وڏو ڪارڻ اهو آهي جو اڄ جو انسان ”روحاني سڪون“ بدران ”جسماني مزي“ پٺيان ڊوڙي رهيو آهي. ۽ جسماني لذت پئسو ٿي گهري، جنهن جي هيڪاندي هبڇ ماڻهو کي ڏوهاري بنائي ڇڏيو آهي. ظاهر آهي ان پئسي کي حاصل ڪرڻ لاءِ چوري ڪري، ملاوٽ ڪري، ڪنهن جو حق غضب ڪري، رشوت وٺي غلط ڪم ڪري، وغيره وغيره _ سڀ ڏوهه آهن. پوءِ ڪو ڏوهه هيٺاهون ڏاڪو آهي تہ ڪو مٿيون.“

فورٽ ايوينيو اچي چڪو هو. شيديءَ ٻڌايو تہ هو هتي لهندو جو سنڊس اپارٽمينٽ ٻن بلاڪن بعد آهي. ان بعد سگهو ئي ’فورٽ ميڪنهري‘ واري پل ٽپي ’لوڪسٽ پائنٽ‘ تي بيٺل اسان جي جهاز وٽ مون کي بس اچي لاٿو. رات جا ٻارهن وڄي چڪا هئا. ڊيوٽي آفيسر کان علاوه باقي سڀ جهازي ان وقت گهاٽي ننڊ ۾ هئا.

- **ايٽرن شيڊن جا شيدي ڪٿي نہ ملندا**

هتي، جيترا رنگن ۽ قد بت جا ماڻهو رهن ٿا اوترا شايد ئي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ هجن. جي پڇا ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ ڪنهن جو پيءُ انگلينڊ کان اچي رهيو هو تہ ڪنهن جو ڏاڏو ڏاڏو چيڪوسلاويڪيا يا هنگري کان هتي اچي رهيو. ڪي رهاڪو اصل پولنڊ جا هوندا تہ ڪي جرمني يا روس کان آيل. اهڙي طرح يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا کنڊ کان علاوه دنيا جي انيڪ ٻيٽن جا ماڻهو پڻ هتي اچي ”آمريڪن“ ٿي ويا آهن. پوءِ ڪي ڏهہ ويهہ سال اڳ جا Settle ٿيل آهن تہ ڪي ٽي چار پيڙهيون پهرين کان. آفريڪا جي بہ ڪنهن هڪ ملڪ جا

شيدي ناهن، جو سنڌن رنگ بت هڪجهڙو هجي، پر جيڏو وڏو آفريڪا کنڊ آهي ۽ جيترا گهڻا پيٽ دنيا ۾ تهتي، ٽرنيڊاڊ، جئميڪا، ڊومينن، فلپين، پورٽريڪو جهڙا آهن اوترن ئي رنگن ۾ منهن مهانڊن جا ماڻهو هتي آمريڪا ۾ آهن. ڪن جو ڪارو رنگ، تکو ۽ چلڪيدار آهي ته ڪن جو ميرانجهڙو. ڪن جو هلڪو ڪارو آهي ته ڪن جو پيپئي جهڙو. ڪن جو ڪارو رنگ چاڪليٽيءَ جي ويجهو آهي ته ڪن جو ڳوڙهي ناسيءَ سان ملندڙ. ڪن جو ناسي ۽ سيلٽيءَ جي وچ ۾. ڪاري رنگ جي ايترن شيدن جا شيدي ڪٿي به نه ملندا.

سنڌن مٿي جا وار وري ماڪوڙن جي ٽنگن جهڙا وڪڙيل ۽ مروٽيل. ڪن جا وار سَرَ جي ڪانن جهڙا اُڀا ــ جهڙو مٿي تي سيڙه يا ڇاهو رکيو پيا وڃن. ڪن جا وار پڪين جي آکيرن وانگر آرٽ جو ڪرشمو ته ڪن جا ماکيءَ جي مانارن جهڙا. ڪپڙا ته سنڌن ڏسي تعجب ٿو لڳي. آمريڪا مان فئشن اسان جهڙن ملڪن ۾ اچي ٿو. پر هتي جي شيدين کي شاباش هجي جو فئشن جي دنيا ۾ رهندي به پرواهه ئي نه! آفريڪا جهڙي غريب کنڊ جو شيدي موسم ۽ فئشن جو ڪجهه خيال رکي ان مطابق وڳو پوشاڪ پائي ٿو پر هتي جا رهاڪو شيدي،

عجيب رنگن، جهڙوڪ سائو، گلابي ۽ پيازي، فيروزي يا واڱڻائي رنگن جا سوٽ پائيندي ڪو شرم محسوس نه ڪندا. پر اهي به سولي نموني سان پاتل هجن، عاليشان سوٽ تي ڦاٽل يا ڇنل جوتو يا قميص جا چاڪ ٻاهر نڪتل يا اُڌڙيل. يا پتلون بوٽ بلڪل تازا دڪان تا وٺي پائي پر انهن مٿان پنڌرهن سالن جي پراڻي، ڦاٽل يا ڇتين لڳل سوڙهي يا جهڙي جئڪٽ! سڄي لئه خراب. زالون ۽ ڇوڪريون ته مردن کان به ٻه رتيون وڌيڪ. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هي سڄو ڏينهن هن ملڪ ۾ جيئرا اچا ڳڻدا فيشنبل ماڻهن سان گڏ هلن ٿا، هالي ووڊ جون فلمون ڏسن ٿا U.S.A. جي ٽي وي ۽ رسالن ۾ بهترين ڊريس ۽ پائڻ جا طريقا پڙهن ٿا ۽ ڪمائين به ڪافي ٿا. ته به گنديءَ ڪپڙي پهرڻ جي معاملي ۾ ”پاڻيءَ مٿي جهوپڙا. مورک اچ مرن“ وارو حال اٿن. اهڙن ڪپڙن وارن جون تصويرون .L.P لانگ پلي گراموفون رڪارڊن تي نظر اينديون.

هتي ڳائيندڙ شيدين جا ڪيترائي سٺا گروپ آهن. شيدي ماڻهو هوڻ به فطرتاً چرچائي ۽ خوش مزاج ٿئي ٿو. ۽ پنهنجي هنر ۾ پيڙ پڙ. (هتي جو شيدي ڏوهن ۽ ڌاڙن چورين ۾ به پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. بهرحال ڳائڻ جي خيال کان مون کي ته

هتي جون شيدياڻيون: ڊائنا راس، ڊوناسمر، ٽري ڊگريز سپريم، وابرٽا ڪيلي وغيره وغيره سڀ ڪان وڏيڪ پسند آهن ۽ ڳوٺ جون پڻ. قدرت سندن آواز ۾ خاص قسم جو جادو، مدهوش ڪندڙ ميٺاج ۽ Thrill ڏنو آهي. اسٽيج شوز تي جن ڊوناسمر، ڊائنا راس وغيره کي مستي ۾ اچي، مائيڪ هٿ ۾ جهلي ”آءِ لو يو، آءِ لو يو_ لومي لومي لومي بيبي...“ لڳاتار پنجيتاليهہ_ پنجيتاليهہ منٽن لاءِ نچندي، جهومندي ۽ تڙڦندو ڳائيندي ڏٺو هوندو، سي ان ڳالهہ ۾ يقين رکي سگهن ٿا تہ مريض جي آپريشن ڪرڻ وقت سندن سُر، ”انستيٽڪ_ايجنٽ“ ثابت ٿي سگهي ٿو، جنهن اڳيان اڪوپنڪچر بہ ڪجهہ ناهي.

ساڳي طرح چرچن ۾ سنڌ جو محمد مسخرو هجي، يا آمريڪا جو سيمي ڊيوس_ يا ڪينيا، سينيگال، زائر، گني، نائجيريا، يوگنڊا جو شيدي_ ساڻن ڪو انگريز، چيني جپاني يا يورپي، مقابلو ڪري نہ سگهندو.

# ٽوڪيو_ جاپان

- ## پنهنجو پتو بہ تہ ڏي

اڄ يوڪوهاما کان اسان جي جهاز جي رواني ٿيڻ کان ٿوري دير اڳ، اسان جو ڳوٺائي اشفاق ميمڻ موڪلائڻ آيو. پاڻ هن وقت هڪيدو (جپان جي اتراهين ٻيٽ) ڏي، سندس آفيس طرفان، واپاري ٽوئر تي ويجي رهيو هو. افغانستان کان آندل لومڙين جون کلون (جن مان منڪ ڪوٽ ٺهن ٿا) صفائي ۽ سنائي لاءِ هڪيدو موڪليون وڃن ٿيون. پاڻ سندس جپاني شهر جي امپورٽ ايڪسپورٽ ڪمپنيءَ ۾ ٽوڪيو آفيس جو ڊئريڪٽر آهي. هو ٽويوٽا وئن ۾ چڙهي آيو هو جيڪا سڄي سامان سان ڀريل هئي. سامان جي ڪري هن اندر بندرگاهہ ۾ اچڻ مناسب نہ سمجهيو. ان ڪري پري کان، ٻنوڙي جي پويان بيهي مون کي سڏيائين. ڪيس ان Vanگاڏيءَ سميت هڪ پئسينجر جهاز ۾ چڙهي هڪيدو (Hokkaido) ٻيٽ جي

شهر سپورو (Sapporo) وٽڃڻو هو. سنڌس جهاز جي Sailing، اسان جي جهاز جي لنگر کڻڻ کان پورءِ ڪلاڪ پڻ بعد هئي.

اسان ٻئي سنڌس گاڏي جي بونٽ مٿان ويهي خبرون ڪرڻ لڳاسين. سنڌس چرچن ۽ سنڌي ڳالهائڻ جو اسٽائيل جيترو ڳوٺ ۾ مشهور آهي اوترو ئي هتي جپان ۾ پڻ. سنڌس جپاني ڳالهائڻ جو لهجو ۽ نمونو اهڙو آهي جو جپاني بہ متاثر ٿيو وڃن. ٿوري دير مس ڪا ٿي هوندي تہ هڪ ”ڪسٽم پوليس“ جي ڪار اسان اڳيان لنگهي اڳتي وڃي بيهي رهي. اشفاق کي چيم تہ هاڻ هنن کي شڪ پيو اٿئي تہ اسان الائي جپان ۾ يا جپان کان ٻاهر، ڪا شيءِ اسمگل ڪري رهيا آهيون. هڪ ڄڻو جيسين ڪار جا شيشا چاڙهي لاڪ ڪري تيسين ٻيو همراهہ اسان جي ويجهو پهچي ڀڳل سڳل انگريزيءَ ۾ اسان جي Identity پڇڻ لڳو ۽ شڪي نگاهن سان گاڏيءَ (Van) جي اندر نهارڻ لڳو_ جيڪا سڄي، لوهڙين جي ڪلنءِ ايراني غاليچن سان ڀريل هئي. مون پنهنجي جپاني پاس ڏيکاري، سامهون بيٺل جهاز ڏي اشارو ڪري، ٻڌايومانس تہ:”وتاشي وا فونينو فتوتسا.“(آئون جهاز جو چيف انجنيئر آهيان.“

اشفاق ڪان ڪاروباري ڪاغذن جو پڇيائين، جيڪيجانچي همراهہ ٽڏو ٽيو ءِ پوءِ جپانيءَ ۾ خبرون ڪرڻ لڳو. اشفاق کي چيائين پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ تہ ڏي. اشفاق ڪارڊ ڏئي چيس: ”ڇا رڳو منهنجي ائڊريس وٺندين؟ پنهنجو اتو پتو بہ تہ ڏي.“

ڪسٽم آفيسر شايد پنهنجي ائڊريس ڏيڻ نٿي چاهي، پر نيٺ ٻتونءَ مان ڪارڊ ڪڍي چيائين: ”ڏيانءِ ٿو پر هن کي غلط استعمال نہ ڪجانءِ.“

”اڙي تون ڏي تہ سهي! هينئر ئي ماڳهين ڊپ وٺي ويئي. غلط ڪم ڪرڻ سان توهان اهڙا آهيو جو ڇڏيندائو.“

اشفاق اهڙي نموني سان چيس جو ڪانئس بہ کِل نڪري وئي. چيائين منهنجو جونيئر پيو اچي ۽ هو سکيا هيٺ آهي. دل ۾ نہ ڪجو جي هو توهان کان ڪجهہ پڇي يا ڏيکارڻ لاءِ چوي.

”پرواهہ ئي نہ ڪر.“ اشفاق چيس.

- **ماهو نوجوتان_ اڏامندڙ غاليچو**

سنڌس جونئر اچڻ سان، صحيح طرح ڊيوٽي ڪرڻ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ هڪ دفعو وري اسان جا شناختي ڪارڊ ۽ ٻيا ڪاغذ هڪ هڪ ڪري غور سان ڏسڻ لڳو. اشفاق ٻڌايس: ”سپورو پيو وڃان.“ تنهن تي منهنجي پاس (Pass) ڏسي، اشفاق ڪي مون لاءِ چيو: ”هي تہ سپورو نٿو وڃي سگهي. هن ڪي تہ فقط ڪيوٽو، اوساڪا، ڪوبي ۽ يوڪوهاما وڃڻ جي اجازت آهي.“

”هي ماڻهين توهان جي جپان ڪي ئي اڄ رات سايونارا پيو چوي.“ پر همراهہ ڪنگهيو بہ نہ. مرڪڻ بدران ساڳيو گهنڊ نرڙ تي وجهي آرڊر ڪيائين تہ گاڏي کوليو. گاڏي چيڪ ڪندس. اشفاق وٺن جو پوبون در کوليو ۽ ساڳي وقت سينئر آفيسر مون ڪي ۽ مون هن ڪي اک پٽي تہ هي چڱو تنهنجو جونئر نڪتو. مٿان رکيل کلون ۽ غاليچا اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لڳو. غاليچن جا رنگ، پئٽرن ۽ سنهو ڪم، سينئر ڪسٽم آفيسر ۽ آئون بہ ڏسڻ لڳاسين. ڪي ننڍڙا ننڍڙا رومالن جيڏا چورس غاليچا هئا، ڪي مصلي جيڏا هئا ۽ وڏي ۾ وڏا بہ کٽ جيڏا مس ٿيندا. اشفاق مون کي ٻڌايو:

”هي خاص ايران جي شهر مشهد ۽ اصفهان جا آهن ۽ هنن تي ايڏي تہ محنت سان سنهو ڪم ٿيل آهي جو اتي ايران ۾ ئي مون کي پنڌرهن هزار رپيا في داڻو پيو هو ۽ ڪسٽم ڊيوٽي، سيل ٽئڪس، ياڙا يتا ۽ فائدو رکڻ بعد هتي پنجويهہ کان ٽيهن هزارن تائين ويندو.“

جونئر ڪسٽم آفيسر کي بہ غاليچا ڏاڍا وڻياءِ هاڻ ٿورو ڊرو ٿي قيمت پڇڻ لڳو:”سمي ماسين! آنو ڪوري وا اِڪُورا ديسڪا؟“

اشفاق قيمت ٻڌايس تہ وات ڦاٽي ويس.

”تڪائي ديس. تڪائي ديس.“ (تمام گهڻي آهي).

اشفاق مون کي آهستي چيو:”هيءَ شوقينن جي شيءِ آهي جن وٽ پئسي کان وڌيڪ شيءِ جو قدر هجي.“

ڪسٽم آفيسر ڪجهہ نہ سمجهيو. هٿ لائي هڪ ٻئي پٽيان ڪجهہ غاليچا ڏسندو ويو. هڪ غاليچي تي ماڻهن جون تصويرون هيون ۽ ڪورٽ جو نظارو ٺهيل هو.

”هيءَ حضرت سليمان جي ڪورٽ آهي.“ اشفاق ٻڌايس.

”ڪٿي جا آهن___؟“ ڪسٽم واري پڇيو

”مشرق جا ئي آهن. ايران جا.“

”برابر. مون پڻ پنهنجن وڏن کان ان بابت ٻڌو آهي.“ ڪسٽم آفيسر چيو.

”پيو به ڪي ٻڌو اٿئي يا بس___؟“ اشفاق پڇيس.

”ها.“

”ڇا بابت؟“

”ماهونو جوتان _ اڏامندڙ جادوئي غاليچو.“

”بلڪل صحيح ٻڌو اٿئي.“

”اهي واقعي ٿيندا آهن ڇا؟“ جپاني ڪسٽم آفيسر پڇيو.

”ڇئين ته اهي به نهرائي ڏين،“ اشفاق چيس، ”پر ناڻو خرچ ڪرڻو پوندءِ_ ماهونو جوتان لاءِ.“

جونئر ڪسٽم آفيسر بهرحال ”ماهونو جوتان“ (جادوئي اڏامندڙ غاليچي) لاءِ آرڊر ته نه ڏنو پر اها سا مهرباني ڪيائين جو منهن جو گهنڊ گهٽائي، ڪلي موڪلائي، هليو ويو.

پر پنج ڇهه منٽ پيا مس ٿيا ته وري ٻي ڪسٽم آفيسر جي ڪار اسان کي ڏسي بيهي رهي ۽ وري ساڳيا انٽرويو هلندا رهيا. نيٺ اشفاق کي چيم ته هاڻ يا ته پاڻ به ڪلي موڪلايون،

جو هتي بيٺا هونداسين ته هر ڪو شڪ ڀو رهندو ۽ ڪسٽم وارا اسان مان بيزار ٿيندا. اسان هنن مان. يا ته گنزا ويجهي آهي اوڏانهن هليا هلون، يا ته جان محمد ڪيريو جي گهر هلي ڪچهري ڪجي.

# آمريڪا (U.S.A)

**توهان ئي آمريڪا آندو آهي ۽ هاڻ اسان جي توهان ئي سار لهو**

يورپ جي ماڻهن جڏهن آمريڪا کنڊ ڳولي اچي قبضو ڪيو تہ کين پوک ۽ ڪاٽين جي ڪوٽائي لاءِ مزورن جي ضرورت پئي. گهاٽن ٻيلن، مڇرن سان ڀريل علائقن، ٽڪرين ۽ ساموندي ڪنارن تي سيءَ ۽ گرميءَ ۾ پورهيو ڪرڻ لاءِ آفريڪا جا شيدي ئي جوابهو. بهرحال اڄ ڪان سوين سال اڳ مزوريءَ لاءِ آمريڪا ۾ جيترا شيدي زوريءَ آندا ويا، انهن کان ڪئين دفعا گهٽا، پنهنجي مرضيءَ تي هنن پنجاهہ سٺ سالن ۾ آيا آهن. نہ فقط آفريڪا جا شيديپر اوسي پاسي جي ٻيٽن، ويندي يورپ ۾ ذڪرڻ آمريڪا تائين جا هتي اتر آمريڪا U.S.A ۾ آيا آهن.

مختلف ماڻهن، قومن، ذاتين ۽ ملڪن جي گڏيل سڏيل ڪچڙي هتي U.S.A ۾ ڏسي سگهجي ٿي. ٻين لفظن ۾

آمريڪا ۾ وڻ وڻ جي ڪاني اچي گڏ ٿي آهي. پوءِ ڪي آمريڪا جي آزاد ماحول تي عاشق ٿي هتان اچي نڪتا آهن ته ڪي سندن بهتر معاشي حالت ڪري.

ميڪسيڪو ملڪ U.S.A جي پرسان آهي پر ان جون سياسي ۽ معاشي حالتون بهتر نه هجڻ ڪري روزانو سوين ميڪسيڪن لڪ چوريءَ غيرقانوني طرح بارڊر لتاڙي آمريڪا، روزگار لاءِ اچن ٿا. اهڙي طرح نڪرا گئا، گئاٽامالا (Gutamala)، هونڊرس (Hondrus)، ڪاسٽاريڪا ۽ ٻين وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن جا ماڻهو سکي ستابي زندگي گذارڻ جي خواب جي ساپيان ماڻڻ لاءِ U.S.A ۾ اچن ٿا.

تنهنڪان سواءِ جميڪا، پورٽوريڪو ۽ ٻين ويسٽ انڊيز ٻيٽڻ جا پڻ هتي جام ملندا. اج ڪلهه چيڪوسلاويڪيا جا تمام گهڻا اچي رهيا آهن. پوءِ جيڪي گهٽو اڳ کان رهائش پذير آهن ۽ پاڻ کي صحيح معنيٰ ۾ آمريڪن سمجهن ٿا سي هنن نون آيلنتي خارون کائيندا آهن.

هڪ اهڙو آمريڪناسٽيوڊور، اسان جي جهاز تي ڪارگو چاڙهڻ جو انچارج هو. پاڻ اسي سالنجو ٿيندو. 1930ع کان 1950ع تائين جهاز جو ڪئپٽن به رهي چڪو

آهي. ڏاڍو زنده دل آهي. ساڻس گڏ جڏهن به ڪار ۾ ويندو هوس ته سڄي واٽ لطيفا ٻڌائيندو هو. سگنل وٽ جڏهن گاڏي بيهارڻي پوندي هئي ته رستو پار ڪندڙ ميڪسيڪن، پورٽوريڪن وغيره کي ڪچيون گاريون ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن ڪار هلائيندي لطيفو ٻڌايائين: هڪ آمريڪن، بندوق واري دڪان تان وڏي بندوق وٺڻ ويو. دڪاندار وڏي بندوق ڪڍي ڏنس. چيائين: ”اجان به وڏي کپي.“

دڪاندار پڇيس: ”ايڏي وڏي بندوق ڇا ڪندين؟“

”For Shooting Cans“خريدار وراڻيس.

”ڪهڙا ڪئن (دٻا) _؟“ ڪوڪا ڪولاجا ڪئن يا پيپ نٽ جا ڪئن_؟ دڪاندار پڇيس.

”نه.اهي ڪئن نه پر ميڪسيڪن، جئميڪن، پورٽريڪن، چيڪوسلاويڪن، آفريڪن.... وغيره وغيره.“

سو واقعي اهڙي ڪا بندوق هجي جو هنن کي ناس ڪجي_سگنل وٽ ذري گهٽ ماڻهن کي ڪار هٽندي لطيفو ختم ڪيائين ۽ گاريون ڏيڻ شروع ڪيائين.

هون ۽ هتي جي گورن ۽ حڪومت کي شيدين به چڱو سڃاتو آهي. ڳالهه ڳالهه تي گورن کي پراڻيون ڳالهيون ياد

ڏياري، مهٽا ڏيندا ”توهان ئي تہ اسان کي هتي آندو ۽ هاڻ توهان جو ئي ڪم آهي، اسان جي سار سنڀال لهڻ.“

- **الف اگهاڙو ڊوڙندو آيو**

جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ فطرتاً هتي جا شيدي ڳائڻ وڄائڻ، ناچ ٽپڪي، راند روند جهڙين شين جو شوقين آهن. بس اسٽاپ تي بس جو انتظار ڪرڻو هوندو تہ بہ انگريزن وانگر قطار ۾ هڪ هنڌ بيهڻ بدران، پر وارن دڪانن مان ايندڙ ميوزڪ جي لئہ تي نچندا رهندا. منجهن ڏاڍو ڪو نچڪو آهي. آمريڪا جا بهترين رانديگر، ڳائڻا، نچڻا، پهلوان، باڪسر_ سڀ شيدي آهن. هڪ شيديءَ ڏاڍي مزيدار ڳالهہ ٻڌائي. چيائين: ”اسان اجان تعليم ۽ ٻين هنرن ۾ گهڙيا نہ آهيون، پر اسان جون مائرون چونديون آهن تہ پٽ جيڪو ڪم ڪريو اهو سچي دل ۽ جان سان، محنت ۽ ارڻ ورچائيءَ سان ڪريو_ پوءِ چاهي اهو ڪم گهٽيون ٻهارڻ ڇو نہ هجي.“

منهنجي خيال ۾ اها ڳالهہ بيحد عقلمندي واري چئي سگهجي ٿي.

ڏوهن جي معاملي ۾ به شيدي پٺتي نه آهن. جيلن ۾ گهڻو تعداد انهن جو آهي ۽ شيدين کان هتي جا گورا ۽ ڪڏهن ڪڏهن واسطيدار ڪاتا به ڊڄن ٿا. ڪن ڪن شهرن جا ڪي علائقا شيدين جي غيرقانونيت ڪان بدنام آهن. ڌارئين ۽ شهرين کي اها ئي تاڪيد ڪئي ويندي آهي ته رات جو اڪيلا نه نڪرو. شيدين سان وڙهڻ کان گريز ڪريو. امرجنسي ۾ يڪدم پوليس کي فون ڪريو وغيره.

خاص ڪري نيويارڪ جو بروڪلن جتي اسان جو جهاز گهڻو بيهندو آهي، چڱو بدنام آهي ۽ هتي آيل جهازي پڻ ٻڌائيندا آهن ته اڪيلي ته ڇا پر به ٽي نڪرڻ ۾ به ڊپ آهي. هڪ ڏينهن جهاز جي سموڪ روم ۾ ان عنوان تي ڳالهيون هلي رهيون هيون ته هڪ جهازيءَ ٻڌايو ته هڪ دفعي پنج ڇهه خلاصي گڏ اچي رهيا هئا ته به شيدي ڦري آيا. شيدين جي دڙڪي تي چار ته ڀڄي ويا، به ڇٽا هنن جي وٺ ۾ اچي ويا، جن کي شيدين ڏاڍو ماريو ۽ پئسا به ڦريائون.

هڪ دفعي ته ڳالهه ٿا ڪن ته ڪنهن جهاز جو ”پئنٽري_ مئن“ شام جو الف اگهاڙو جهاز تي ڊوڙندو آيو_ سندس سڀ ڪجهه شيدين ڪسي ورتو هو.

ٽرڊ آفيسر ٻڌايو تہ هتي جا حبشي فقط گيئر واري چاقوءَ کان ڏڄن ٿا، جيڪو ٽِڪ ٽِڪ، ٽِڪ ٽِڪ ڪري کُلي ٿو. تنهن تي سيڪنڊ آفيسر، فلڊلفيا شهر جو قصو ٻڌايو جتي سندن جهاز ٻہ سال اڳ، ڪجهہ عرصي لاءِ ترسيل هو. "اتي جي 'مارڪيٽ_ اسٽريٽ' ۽ 'چيسٽ_نٽ اسٽريٽ' ۾ دڪان بند ٿيڻ بعد ڪارن جا ٽولا ويٺا هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن لنگهندڙن تي رمارڪ ڏيندا آهن، بهتر ڳالهہ تہ اها آهي تهنن جي سڏن ۽ ٽوڪن تي ڌيان ئي نہ ڌرجي."

- **ٽِڙڪاٽي چاقوءَ جادوءَ جو ڪم ڪيو**

هن وڌيڪ ٻڌايو: "هڪ رات، ٻارهين وڳي ڌاري، سخت سيءَ ۾ ڏڪندا اسان چيسٽ نٽ اسٽريٽ مان ٿيندا، جهاز تي پئي آياسين. اسان سان ٻہ ڪن جونئر انجنيئر ۽ ٻہ ٽي هتي جون گوريون دوست پڻ هيون، جي اسان سان جهاز تي رهيل هيون. باسڪو دڪان اڳيان ڪجهہ ڪارا ڪيسن ۾ هٿ وجهي بيٺا هئا. هڪ ڄڻو فٽ بال کي ٺپا ڪارائي رهيو هو.

ڇوڪرين ته اسان کي اڳهين ئي ٻڌايو هو ته سندن رمارڪن تي اسان ڪا به ورندي نه ڏيون، نه ته اجايو جهڳڙو وڌي ويندو.

”اسان هنن جي اڳيان پھتاسين ته هڪ شيديءَ سڏ ڪيو. اسان جواب نه ڏنس. تنهن تي ٻئي همراهه، اسان سان گڏ هلندڙ ڇوڪرين کي گار ڏئي چيو ’ڪتيون! توهان جهاز تي ڏنو ڇا آهي، جو روز شراب لاءِ پڳيون وجو؟‘ اسان تڏهن به نه ڪڇيو. اسان جي پويان ٻه خلاصي به پئي آيا، جي اچي اسان جي ويجهو پھتا هئا. فٽ بال واري ڪاري ان وقت ڇا ڪيو جو فٽ بال اچلي هڪ خلاصيءَ کي هنيو. خلاصي ته باهه ٿي ويو ۽ کين گار مٿان گار شروع ڪري ڏنائين. شيدين کي ته بهانو ٿي کتو وڙهڻ لاءِ. اسان جي چوڌاري ڦري آيا. هڪ ٻه جيڪي ڪنڊ پاسي ۾ لڪل هئا سي به اسان کي گهيري ويا. اسان ڪل ست اٺ ڄڻا ٿياسين ۽ هو به اوترا ٿيندا پر هنن سان جيڪي حبشي ڇوڪريون هيون سي به اسان مردن کان وزن ۾ ٻيڻيون ڏيڍوڻيون ٿينديون. ڏاڍي ڳالهه ٿي پئي! اسان ته چيو هاڻ ڄاڻ ته اسان جي جسم جون هڏيون پڳيون نه ته به ڇِڀيون ته ضرور ٿينديون. هنن بيوقوف خلاصين مارائي رکيو. پر ٻنهي خلاصين تي ڪجهه به اثر نه ٿيو. هڪ انهن ۾ پڙهيل هو تنهن

سينو تاڻي شيدين کي انگريزيءَ ۾ رعب سان چيو: `Let our officers and their girls to go, then we shall fix you right_`

”۽ پوءِ ٻنهي خلاصين ڪيسن مان گراڙيءَ وارا چاقو ڪڍي وڏي رعب سان سندن اڳيان ٽڙ ٽڙ ڪري جو کوليا تہ سڀ ڪارا ڍرا ٿي ويا ۽ سندن اڳواڻ، جو ويجهو بيٺو هو، تنهن هڪ وک پٺتي ڪري خاص آمريڪن شيدڪي لهجي ۾ چيو:

`Hey Brother! Look!! We no fighting.`

”ان سان گڏ پويان بيٺل شيدي تہ ٿنين پٺيان لڪي ويا. اسان کي بہ ساهہ ۾ ساهہ پيو. ٽڙڪاٽي چاقوءَ جادوءَ جو ڪم ڪري ڏيکاريو.“

سو اهي آهن هتي جي شيدين جون خبرون.

# ميڊيٽرينين (پونچ) سمنڊ

- **سڄي دنيا فتح ڪرڻ وارو اڄ خاموش آهي.**

اڄ ريڊيو آفيسر جي ڪئبن ۾ ويس ته هو سڪندريا (مصر) جي ريڊيو وائرليس اسٽيشن سان لهه وچڙه ۾ اچڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هو. ”هيلو! ريڊيو اليگزينڊريا! هيلو! ريڊيو اليگزينڊريا! ڊو يو هيئر مي؟“

اڳيان ٻه سائين مصري هئس، جيسين ٻڌنس يا ڪو ٻيو بهتر چئنل، نيا پو وٺڻ لاءِ ٻڌائينس، تيسين ريڊيو آفيسر جي رڙ هيٺ رڙ مٿي هئي. آئون ماٺ ۾ ئي سندس آفيس مان ٻاهر نڪتس. سمجهي ويس ته ميڊيٽرينين سمنڊ ٻه پار ٿي ويو ـــ جيڪو جبرالٽر ءِ سُوٽا ڪان شروع ڪيو هئوسين. هاڻ ٻگاڙهي سمنڊ ۾ واپس اچڻ لاءِ ساڳي سئيز ڪئنال مان لنگهڻو پوندو. ريڊيو آفيسر ضرور ’ريڊيو سڪندريا‘ جي معرفت اسان جي ’پورٽ سعيد‘ واري آفيس کي اطلاع ڏيڻ چاهيو ٿي ته اسان

فلائيٽ وقت سئيز ڪئنال جي در وٽ پهچي ويندا سين. پائلٽ، پاڻي ۽ ٽپال پهچائڻ جو بندوبست ڪيو ويو.

چارٽ روم ۾ اچي، نقشي تي جهاز جي پوزيشن ڏٺم. ستاويهه ڊگريون Longitude ۽ ٽيٽيهين ڊگرين Latitude تي هئاسين ـــ يعني سڪندريا جي پرسان لنگهڻ ۾ سو کن ميل مس هئا. جهاز اڃان Auto تي هلي رهيو هو. ڪيس Manual ۾ تبديل ڪري، هٿ سان هلائڻ ۾ اڃان به وقت هو. سڪاني نظر رکڻ `Look_out` لاءِ برج جيڪابي پر تي بيٺو هو ۽ ٿرڊ آفيسر رڊار جي اسڪرين ۾ ايندڙ ويندڙ جهازن جي اچ وڃ جو حساب رکي رهيو هو. آئون چارٽ روم ۾ وري نقشي جي مٿان ٿونٺيون رکي نيل نديءَ جي ڇوڙ ۽ ٿورو پرڀرو هٽرادو ڪوٽيل واهه ـــ سئيز ڪئنال ڏسڻ لڳس. ڪجهه گهڙين بعد ذهن ماضيءَ ۾ هليو ويو... هجري سن شروع ٿيڻ کان اڳ، حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان به اٽڪل ٽي سو ٽيهه سال اڳ، يونان جي شهر مقدونيا جو شهزادو سڪندر اعظم سڄي دنيا فتح ڪرڻ جي خواب پوري ڪرڻ لاءِ جڏهن يونان کان نڪتو هو ته سڄي هند سنڌ، ايران عجم ۾ هيءُ ئي هڪ جڳهه ڪيس پسند آئي جنهن تي پنهنجو نالو رکيائين: اسڪندريا ـ Alexandria! اڄ ان

ڪي ڪئين ايام گذري ويا. ان وقت هو ڪيترين ئي منزلون لتاڙي ڪٿان ته اچي نڪتو هو! سندس سڄي دنيا حاصل ڪرڻجي شوق کي نيل نديءَ جون ٻوڏون، وچ اوڀر جي اڏامندڙ واري ۽ سنڌ جون لُڪون به گهٽائي نه سگهيون. ڪالهه جو دنيا فتح ڪرڻ وارو اڄ خاموش ڌرتيءَ اندر آهي. سندس قبر تي لکيل هي شعر ياد آيو:

”۽ هاڻ هي مٽيءَ جو ڍير،
هن لاءِ تمام گهڻو آهي.
جنهن شخص لاءِ، جڏهن جيئرو هو،
سڄي جهان جي ڌرتيءَ ٿوري هئي.“

ڪيڏو زمانو ان کي گذري ويو_ پر ٿورو ئي اڳتي نيلنديءَ جي ڪاٻي ڪپ تي سقارا ۽ دهشور شهرن وٽ فرعونن جا ٺهيل پرامڊ (اهرام) ٿا ڏسجن ته سڪندر وارو زمانو به انهن اڳيان پوءِ جو ڇايل ٻار ٿو لڳي. سڀ کان پراڻو پرامڊ، عيسوي سن کان به 2650 سال اڳ ”جوسر فرعون“ لاءِ تيار ڪيو ويو هو. ۽ اها دنيا جي پراڻي ۾ پراڻي پٿر جي ٺهيل شيءِ آهي جا اڄ تائين با سلامت بيٺي آهي.

## • مصرين جي جياپي جي تند_ نيل ندي

مصر، سوڊان ۽ اتر آفريڪا جي صحرائي ريگستان جي سوين ميلن تائين واريءَ کان سواءِ ٻيو ڪنهن بہ شيءِ جو تصور نٿو ڪري سگهجي. اتي سوڊان کان شروع ٿيندي، سڄي مصر مان لنگهي، بحر روم ۾ وڃي ڇوڙ ڪندڙ ڊگهي نيل ندي، ماڻهن جي جياپي جي تند آهي، ۽ هزارين سالنڪان ماڻهن جي حياتي، تهذيب ۽ تمدن ان سان وابستہ رهيو آهي.

نيل ندي، خارطوم (سوڊان) وٽ ٻن ندين، نيري نيل ۽ اڇي نيل جي سنگم کان پوءِ شروع ٿئي ٿي ۽ سوڊان، نوبيا جو علائقو ۽ پوءِ سڄي مصر مان وهندي، ميڊيٽرينين ۾ اچيو ڇوڙ ڪري. ندين جي ميلاپ واري جڳهہ خارطوم (جنهن جي شڪل هاٿيءَ جي ڏند جهڙي هجڻ ڪري، اهو نالو رکيو ويو آهي) سوڊان جي گاديءَ جو هنڌ آهي. 1821ع ۾ ملٽري ڪئمپلڳڻ بعد وڏيو ويجهيو. هتي مهدي ۽ سندس درويشن، جنرل گورڊن کي شڪست ڏئي ماريو ۽ 1885ع ۾ لارڊ ڪِچنر ماڊرن شهر ٺهرائڻ جا بنياد رکيا.

تکي رفتار واري ”نيري نيل ندي“ حبش (Ethopia) جي تانا ڍنڍ مان وهڻ شروع ڪري ٿي ۽ جابلو علائقن مان لنگهندي وقت اتي جي مينهن ۾ لٽ سان سٽبي، اپامندي، خارطوم وٽ، اوپر آفريڪا کان آهستي کان وهندي اچي نيل سان ملي ٿي. اڇي نيل جي ڊيگهه نيريءَ کان گهڻي آهي جيڪا وڪٽوريا ڍنڍ مان وهڻ شروع ٿي ٿئي.

هوائي جهاز مان مٿان جيڪڏهن سنڌو نديءَ کي ڏسبو ته نانگڻ وانگر ڏسڻ ۾ ايندي_ خاص ڪري سنڌ جي علائقي ۾ ته صاف چٽي نظر ايندي، جو اها ئي هڪ پاڻيءَ جو ذريعو آهي جنهن جي پاسن کان آبادي ۽ ساوڪ نظر اچي ٿي، باقي علائقو سڪل پونو اڇي ڪاغذ جهڙو آهي_ ڪٿي ڪٿي، هاڻ واهن جي کوٽائي بعد ساوڪ جون چِٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، نه ته سڀ ننڍا وڏا شهر نديءَ جي ويجهو ملندا. واريا سن علائقن ۾ دنيا جون پراڻيون تهذيبون، نديءَ جي ڪناري تي ئي ملنديون. ظاهر آهي ماڻهو جانورن جي ڪِڍ ۾ جانور پاڻيءَ جي ڳولا ۾، درياءَ ڏي ڊوڙندا، اچي نديءَ جي پر تي رهڻ لڳا. ڪين لڪڻ يا گهر ٺاهڻ لاءِ ٻيلا به اتي ئي مليا ٿي. هزارين سالن کان ماڻهو پاڻيءَ مان فائدو وٺندو رهيو آهي.

ساڳي طرح اڄ کان هزارين سال اڳ، آفريڪا جي اتر اوپر وارا علائقا سڪي ٺوٺ ٿيڻ تي ماڻهن پڄي، اچي نيل نديءَ جيڪناري تي اچهو ورتو. ساڳي طرح، تمام مثان، سڄي نيل نديءَ جو فوٽو سئٽلائيٽ ذريعي ورتل ڏسبو تہ سڄو سوڍان، نيوبا جو علائقو ۽ سڄو مصر، واري ئي واري جو اچو پوش لڳندو، جنهن تي نيل ندي ايئن لڳندي ڄڻ ڪنهن گُل جي ڏنڊيءَ سميت چٽسالي ڪئي هجي. خارطوم کان قاهري تائين نيل ندي ڏانڊيءَ وانگر ڏِگهي ليڪ لڳندي. قاهري کانپوءِ نيل ندي (بحر روم ۾ ڇوڙ ڪرڻ تائين) ساڄي ۽ کاٻي ڪيترين ئي شاخن ۾ ايئن پکڙجي ٿي وڃي ڄڻ گلاب جو گل هجي.

- ## مصر، نيل نديءَ طرفان سوغات آهي

هرڪا ندي آخر ۾ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ ايئن گل يا ٽڪنڊي جي شڪل ۾ شاخن ۾ ورهائجي ويندي آهي. نديءَ جي ڇوڙ کي انگريزيءَ ۾ ڊيلٽا سڏجي ٿو، جو شايد اصل يوناني لفظ آهي، جو ندي جي ڇوڙ جي شڪل يوناني الف ب ــ ”الفا، بيٽا، گاما“ جي هڪ اکر ”ڊيلٽا“ جهڙي آهي.

اسان جي سنڌو نديءَ ۾ پاڻي گهٽجڻ ڪري سندس چوڙ_ جيڪو ٺٽي ۽ ڪراچي ضلعي ۾ ٿئي ٿو ايترو آباد ناهي جيترو گهڻو اڳ عربن ۽ انگريزن جي زماني ۾ هو جڏهن ديبل جهڙا بندرگاهه هئا. ٺٽو مصر جي قاهري وانگر علم و ادب ۽ واپار جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. جتان سنڌو نديءَ جو چوڙ يا ٽڪنڊو شروع ٿيندو هو. پورچوگالين ۽ انگريزن جا جهاز سنڌو نديءَ مان اندر اچي، مٿي ملتان تائين هليا ويندا هئا.

نيل نديءَ جو چوڙ ايئن آباد آهي، جيئن اڄ ڪلهه ڪلڪتي جي هگلي نديءَ جو چوڙ يا چين جي يانگزي ندي يا برما جي اراوادي نديءَ جو چوڙ. هونءَ مصر تمام وڏو ملڪ آهي جنهن جي پکيڙ چار لک چورس ميل جي لڳ ڀڳ ٿيندي پر مٿي بيان ڪيل ڳل ۽ ڏانديءَ (يعني نديءَ جي ويجهڙائي) واري آباد علائقي کان سواءِ باقي رڻ پٽ ئي رڻ پٽ آهي، جنهن ۾ فرعون جي زماني کان وٺي نه ته ڪو رهي سگهيو آهي ۽ نه ڪنهن ٻني ٻاري ٿيڻ جو آسرو آهي. ۽ اهو نيل نديءَ وارو سائو ستابو علائقو چوڏهن هزار ميل مس ٿيندو.جنهن ۾ پوڻا چار ڪروڙ ماڻهو رهن ٿا. سوچيو وڃي ته جيئن سنڌو ندي سنڌ جو ساهه آهي، جنهن جي بنا سنڌ ۾ رهي نٿو سگهجي، تهڙي طرح

شروع کان نيل ندي مصر لاءِ موت ۽ زندگيءَ جو سوال رهي آهي. اڄ کان اڍائي هزار سال اڳ هروڊائٽيس لکيو هو: ”مصر نيل نديءَ جي طرفان سوغات آهي.“ ـــ ۽ اها ڳالهه اڄ به ساڳي آهي.

## • فرعون پٺيان فرعون آيو ٿي

نقشي ۾ ڏيکاريل هن ڊگهي ليڪ ـــ نيل نديءَ، مصر جي ماڻهن کي ڇا ڇا نه ڏنو ۽ ڇا ڇا نه سيکاريو: تهذيب، تمدن، گڏجي رهڻ ۽ گڏجي هن نديءَ جي ٻوڏن جو مقابلو ڪرڻ جو هنر، جاگرافي، ائگريڪلچر، ٻارا ٻارا ٿاهي پوک جو طريقو ـــ ٻين لفظن ۾ جاميٽري جو هنر، سائنس، موسميات، علم نجوم ـــ اڄ به مصر اوڙي پاڙي جي مڙني عرب ۽ آفريڪي ملڪن ۾ تعليم ۽ هنر ۾ پنهنجو شان پاڻ رکي ٿو.

هيڏانهن هوڏانهن ڪا اڌ گابري ساهيءَ جي، هي ئي دنيا جو هڪ ملڪ آهي جتي پنج هزار سالن کان لڳاتار ڪنهن نه ڪنهن جي حڪومت هلندي اچي. فرعون پٺيان فرعون آيو ٿي. هڪ گهراڻي حڪومت ڪري بس ٿي ڪئي ته

ٻئي گهراڻي وارو ٿي ورتو. فرعونن جي ڏگهي قطار ايرانين پڄي. ٻه هزار سالن کان به مٿي، مصر، ڌارين جي حڪومت هيٺ هڪ پرڳڻو ٿي رهيو. ان عرصي ۾ يوناني، رومي، عرب، مملوڪ، ترڪ، فرينچ ـــ ويندي آخر ۾ انگريز جن ٿيويهه سال اڳ، نيٺ هن ملڪ جي پڇر ڇڏي. بهرحال حاڪم ڪٽي ڪهڙا به رهيا، پر هيءَ نيل ندي صدين کان ايئن وهندي رهي ۽ مصري ـــ هن نديءَ جا ماڻهو، انهن ايندڙ ويندڙ حاڪمن جي لاهن چاڙهن بدران نديءَ جي لاهه چاڙهه مطابق پنهنجي زندگي ٺاهيندا ۽ سنواريندا آيا آهن.

اڄ به ڪيترن مصرين لاءِ، مصر تي حڪومت سدا موجود نيل نديءَ جي ئي هلي ٿي ۽ فرعون جي زماني جي هاريءَ ۽ اڄ جي هاريءَ ۾ شايد ڪو ذري ماتر فرق آيو هجي. اڄ به ٻني ننڍين ٻارَن ۾ ورهائي ٿي وڃي، ۽ ٻي ٻها پاڻي اڄ به نديءَ مان ڏيڳي يا سانَ سان، نار ذريعي مٿي ڇڪيو وڃي ٿو. اڄ به انهن جو ساڳيو اناج ڪائڻ لاءِ آهي ۽ اڄ به هو ساڳي پوک ”ڪپهه“ ڪن ٿا.

- **مصرين جي هر ڳالهه الڳ ٿلڳ آهي**

هتي جي تاريخ ۽ نيل نديءَ، هتي جي مصري ماڻهن کي، پهاڙي جي ريگستاني عربن کان جدا طبيعت بخشي آهي. اسان ڌارين لاءِ ٿي سگهي ٿو هڪ شاميءَ کي اردنيءَ کان يا لبنانيءَ کان ڌار ڪرڻ ڏکيو ڪم هجي، جو سڀني عربن جون شڪليون ملن ٿيون ۽ هڪ جهڙا لڳندا. پر مصري انهن سڀني ۾ الڳ ٿلڳ لڳندو _ هن جا نقش ٻين کان مختلف لڳندا. سندس عربي ٻه ٻين عربن کان مختلف لڳندي. هن جي عربيءَ ۾ ڪي فرعون جي زماني جا پراڻا ۽ ڏکيا لفظ ملندا ته ڪي وقت ٻه وقت مصر تي حڪومت ڪندڙ يورپين جي ٻولين جا لفظ ملندا. جيتوڻيڪ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪانسواءِ، مصر مسلمانن جو ملڪ آهي ۽ سرڪاري ۽ غير سرڪاري طرح اسلام مذهب اٿس. پر سندس ماڻهن جون عادتون، رواج، ريتون رسمون پاڙي وارن عرب ملڪن جي ماڻهن کان بلڪل الڳ ٿلڳ آهن.

اڄ ٻه اوسي پاسي جا عرب، پنهنجن پٽن کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ لاءِ قاهره موڪلين ٿا، جيڪو سڄي وچ اوير ۾ علم حاصل ڪرڻ جو وڏو مرڪز آهي. الاظهر يونيورسٽي

ڏهين صديءَ کان وٺي هلي رهي آهي ۽ آڪسفورڊ، ڪئمبرج ۽ ساريان کان به پراڻي آهي.

Cairo_University ۾ پنجانوي هزار شاگرد تعليم وٺن ٿا ۽ اها يونيورسٽي نه فقط وچ اوڀر ۾، پر سڄي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي آهي_ جنهن جو اعتراف تازو جنوري 1978ع جي ٽائيم رسالي به ڪيو آهي. قاهري جون چار يونيورسٽيون هتي جي گهرج کان تمام گهڻا گرئجوئيٽ ڪڍن ٿيون ۽ هتي جا ڏهه لک کان وڌيڪ گرئجوئيٽ پرپاسي وارن عرب ملڪن ۾ وڏن عهدن تي نوڪري ڪري رهيا آهن ۽ پگهار مان پنج ڪروڙ ڊالرن کان به مٿي، هر سال پنهنجي ملڪ (مصر) موڪلين ٿا.

هاڻ هڪ دفعو وري سئيز ڪئنال کلي چڪو آهي، جيڪو مصر اسرائيل جي ڇهن ڏينهن واري جنگ ۾ بند ٿي ويو هو. ان جي ڪمائي بند ٿيڻ جو اثر نه فقط مصر جي ايڪانامي تي ٿيو پئي پر سيئي ملڪ پريشان ٿي ويا هئا. جو جهازن کي سڄي آفريڪا جو ڦيرو ڪرائڻ ۾ نه فقط پئسو پر ڪيڏو وقت پڻ ضايع ٿي ٿيو. اسان جهڙن جهازين جو به هاڻ پلو ٿي ويو. نه ته يڪ ساهيءَ هل هلان هوندي هئي. هاڻ ته يورپ

جڻ سڏ پنڌ تي ٿي پيو آهي_ خاص ڪري فرانس، اسپين، اٽلي، ترڪي، روس، رومانيا، يوگوسلاويا، آفريڪا جا لبيا، تيونس ۽ الجيريا وغيره.

اسين اسڪندريه بعد به ڪن ٻيون ڏگريون (120 ناٽيڪل ميل) هلي پورٽ سعيد وٽ لنگر ڪيرائيندا اسين، جتي ٻيا به ڪيترائي جهاز قطار ۾ پنهنجي پنهنجي واري اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هوندا. پوءِ جهازن جو قافلو هڪ ئي رفتار سان آهستي آهستي سئيز ڪئنال پار ڪرڻ تائين گڏ هوندو ان ڪانپوءِ هرڪو ٽڙي پکڙي ويندو_ پنهنجي رفتار ۽ منزل مطابق.

- **عرب ۽ عربي زبان**

ڪو وقت هو جو غريب عرب ڪنهن کي ياد به نه هو. پر ڏسندي ئي ڏسندي "پيٽرو_ڊالر" عربن کي مشهور ڪري ڇڏيو آهي، مغرب، جيڪو عربن تي چٿرون ڪندو هو تنهن

ڪي عربن جي هاڻ هر ڳالهہ وٽي ٿي. ايڊيٽريقدر جو انگلنڊ جي عورتن جي رسالي جي ايڊيٽر، شيخ يمنيءَ جو انٽرويو وٺڻ لاءِ خاص رياض هلي آئي. ٻيو تہ ٺهيو پر هن هر شيءِ جي واڪاڻ ڪئي آهي، ويندي عربستان جي واريا‌سن پٽن، جهَڪُن ۽ جهولن تائين لکيو اٿس تہ هتي جي موسم ڏاڍي سٺي آهي. اها مغربي پريس جيڪا هميشہ غلط تاثر ڏيندي رهي ٿي تہ عرب ڪٽر قسم جا Orthodox آهن، جاهل آهن، غير مهذب آهن، هن ڪي هاڻ ڏسندي ئي ڏسندي عرب وڻڻ لڳا آهن.

اهو عرب جيڪو هونءَ هوائي جهاز ۾ چڙهندو هو تہ مغرب جا اُن تان ڪِلون ڪندا هئا تہ هي اُٺ تي چڙهڻ وارو هتي ڪٿان، سي ماڻهين پنهنجيون هوائي ڪمپنيون انهن عربن جي رحم ڪرم تي هلائي رهيا آهن. ۽ ڪيتريون ئي هوائي ڪمپنيون اشتهارن ۾عرب بہ ڏيکارين ٿيون. هڪ هوائي ڪمپنيءَ جي اشتهار ۾ عرب شڪرو جهلي جهاز اڳيان بيٺل ڏيکاريل آهي. هڪ ڏور اوير جي هوائي ڪمپنيءَ تہ ماڻهين هڪ عرب ڪي وچ ۾ وهاري ملايا ڪان وٺي جپان ڪوريا تائين ملڪن جي هڪ هڪ ايئرهوسٽس چوڌاري وهاري اهو ڏيکاءُ ڏنو آهي تہ هر ايئرهوسٽس هن جي خذمت لاءِ آتي آهي.

عربي زبان هاڻ ايتري مشهور ٿي رهي آهي جو يورپ ۽ آمريڪا جي ڪيترن ئي يونيورسٽين ۾ پڙهائي وڃي ٿي. ٽائيم ۽ نيويارڪ جهڙن آمريڪي انگريزي رسالن ۾ عربي اشتهار اچڻ لڳا آهن. لورپول جي ريلوي اسٽيشن ۽ مانچسٽر جي هوائي اڏي تي، اتي جيشين جا اشتهار عربي زبان ۾ لکيل آهن. انگلنڊ، آمريڪا ۽ هانگ ڪانگ جي ڪيترين هوٽلن جا 'مينو' عربي زبان ۾ آهن.

لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ هجي يا ٽوڪيو جي گنزا. شل نہ ڪنهن دڪاندار جي، ٻاهر لنگهندڙ عرب تي، نظر پوي. در تان وڃي منٿ ميڙ ڪري وٺي ايندس. اڳ ۾ اهو ڪم آمريڪن ڪند اهئا_ مثال طور ٽئڪسي واري کي ڀاڙي کان وڌيڪ ٽِپ ڏئي، هن کي پنهنجو ڪرڻ. سو هاڻ عرب ڪري رهيا آهن. هڪ عرب، لنڊن ۾ هوٽل ڇڏڻ وقت، هوٽل جي ٻئري کي نئين ورتل رولس رالس ڪار Tip ۾ ڏئي ڇڏي. نتيجي ۾ هاڻ انگريز، آمريڪن، جپاني، جرمن ٻئرا، ٽئڪسي ڊرائيور، دڪاندار، مزور، پنهنجي هم وطنيءَ کي ڇڏي، عرب اڳيان پٺيان ڦرن ٿا. توهان ڀلي ڪيسي خالي، ڪٽل هجو پر تماشو ڏسڻو

اٽانوَ تہ عربن وارو ڏکهو جبو پائي انگلنڊ جهڙي خوددار ملڪ جي ئي ڪنهن بازار مان لنگهو.

سپ ڪان وڏيڪ تعجب ڪارائيندڙ نظارو: لنڊن ۽ نيويارڪ جي سب وي ۾ ڪنهن پوڙهي انگريز يا آمريڪن پالش واري ڪان عرب وينو جوتا پالش ڪرائي!!

# ڪولمبو_ سري لنڪا

- ## سرا گڊ سلوني گرلس

ٽي بجي، سيڪنڊ انجنير شعيب ڪي فون ڪيم تہ ٻاهر هلڻ جو ارادو آهي يا نہ؟ در اصل ڪولمبو ۾ آئي ايترا ڏينهن ٿي ويا آهن جو هاڻ ڪيترن ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي ۽ هر ڪو جهاز جي رواني ٿيڻ جو انتظار پيو ڪري_ پر سائين اڳيان بہ سري لنڪا جا مزور آهن، جيسين آفت جيڏي جهاز ڪي سامان سان ڀرين.

”هلون تہ هلون ڪيڏانهن؟“ سيڪنڊ انجنير پڇيو.

”بس نڪري ٿا پئون. هڪ تہ هيئر ڪٽ ڪرائيندا سين. شاپنگ بہ ڪٽي ڪندا سين. چانهہ مصالو وغيره جي“

بندرگاهہ جي لانچ اچڻ ۾ اجان اڌ ڪلاڪ هو. هيٺ ڏاڪڻ وٽ آيا سين تہ پرائيويٽ لانچ بيٺي هئي. پنج پنج رپيا ڏئي چڙهي پيا سين ۽ اچي پئسينجر جيٽي تي لٿا سين. ڪسٽم ڪائونٽر مان لنگهندي ٻاهر نڪتا سين. ميرين،

ڦاٽلوردين ۾ هيڏانهن هوڏانهن وائڙن وانگر بيٺل ڪسٽم آفيسر، پنهنجا پيلا ڏند ڪڍي ڦڪي مرڪ ڏني ۽ هڪ همراهه چپنتي ساڄي هٿ جي ڏسٽي ۽ وچين آڱر رکي سگريٽ ڇڪڻ جو اشارو ڪيو. يعني سگريٽن لاءِ گهُرَ ڪئي. سيڪنڊ انجنير هڪ ٻن کي سگريٽ ڪڍي ڏنو. اهو هنن لاءِ ايڏو ٿورو هو جو مهرباني چوندي چوندي قربان ٿي ٿيا. هڪ ته آهستي اچي ڪنن ۾ ڦسڪو هنيو ته جيڪي وڌانوَ سو وٺي اچجو. منهنجو نالو جوزف آهي. توهان کان ڪجهه ٽئڪس نه وٺنداسين. بس ڪجهه شيونگ بليڊ سپاٽي ڏجو.

ڪولمبو پهچي خبر ناهي ڪيترا دفعا ڏينهن ۾ دعا گهرندو آهيان ته منهنجا مولا ڪنهن ملڪ جي معاشي حالت خراب ٿيڻ کان پناهه ۾ رکجانءِ. هڪ ملڪ کي سڌرندي يا ترقي ڪندي ته پيڙهيون لڳي وڃن ٿيون پر ڊهندي ويرم ئي نٿي لڳي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته اسان جي ملڪ کي هيڏا لوڏا آيا آهن پر ڪا ته آسماني طاقت ضرور آهي، جنهن جي رحم ڪرم هيٺ اجا تائين ڪنهن حال ۾ آهي. اهو سوچيندي گيٽ نمبر پهرين (پئسينجر ٽرمينل) کان ٻاهر نڪتاسين. ڪجهه ٽئڪسين وارا ۽ ڪجهه استعمال ٿيل

پوسٽ ۾ ٽڪليون، رسالا، ڍهلڙيون ۽ ناريل جا رانديڪا وڪڻڻ وارا بيٺا هئا. هر ڪو ٽئڪسيءَ وارو پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳو.

”سر هيئر. مائي ٽيڪسي ويري گڊ.“

(Sir here. My Taxi very good)

”نه. ٽيڪسيءَ جي ضرورت ناهي.“

”اوڪي گرل؟ گڊ سلوني گرلس، سر؟“

ڪاريون، سنهڙيون، بدبودار، هڏاوان پيرا، ائناٽامي ڪتاب جي ٽائيٽل ڪور جون تصويرون، Unbalance Diet جو جيئرو جاڳندو ثبوت ۽ ها، سفليز ۽ سستي ميڪ اپ سان ٿقيل ۾ سلون جي اسٽينڊرڊ کان شايد اهي ”گڊ گرلس“ هجن. ۽ سندن سولو شڪار ۾؟ Sailor. هڪ رات جي مزي بعد سڄو مهينو پينسلين جون سيون هڻائيندو رهي يا سمنڊ تي سور جي عذاب ۾ تڙپندو رهي. نه فقط پنهنجي پر پنهنجي اولاد جي زندگي به تباهه! اڄڪلهه سفليز مرض ۾ بادِ فرنگ بدران بادِ سلون، بادِ ٿائلنڊ، بادِ فلپين، بادِ هندستان، بادِ غربت ۾ بادِ مشرق هئڻ گهرجي. ۽ انهن ڪارين ڪوجهين بدبودار بيمار ڇوڪرين سان نفرت ڪرڻ گهرجي يا همدردي ۾؟! ان ۾ آخر سندن ته ڏوهه ناهي. پر معاشري جو، معاشيات جو، ملڪي

سياست جو سمجهڻ کپي. تڏهن ته سنگاپور، هانگ ڪانگ، جپان، جرمني، اٽليءَ جون ڇوڪريون جي اڄ کان ويهه پنجويهه سال اڳ، مانيءَ جي ڳيپي يا ڦاٽل چولي چٽمپل تي پنهنجو جسم وڪڻي ڇڏيندڙيون هيون، سي اڄ هزارين رپين ۾ به توهان جي مرضيءَ جو ساٿ نه ڏينديون. توهان ڪنهنجيون بنيادي گهرجون پوريون ڪريو پوءِ ڪا رنڊي ٿئي، پوءِ ڪو چور ٿئي ته ان سان نفرت ڪريو.

- **چئن شادين تي به سري لنڪا جو وارو نه ايندو**

ٻه ننڍڙا ڇوڪرا، اٺ ڏهه سالن جا، اڳيان رستو جهلي بيهي رهيا. "سر مساج گرلس. ويري نيئر ڪم ڪم."

بهرحال اهي روزمره جا دستوري جملا ٻڌندا اسان هلندا رهياسين. هڪ غريب ملڪ ۾ ڏاريون ٿي اچڻ ڪيڏو عجيب آهي. يا ته جيسين ڪو اسان وانگر عادي ٿي وڃي. سيڪنڊ انجنير کان پڇيم ته پنڌ ئي هلندو يا ٽئڪسي ڪجي.

”پنڌ. جهاز تي تہ اڄ ڪلهہ هلڻ جو موقعو ئي نٿو ملي. سڄو جهاز جو ڊيڪ، ڪارگو سان ڀريل آهي.“

بهرحال ويجهي رستي لاءِ بندرگاهہ جي هڪ عمارت مان اندران لنگهي، اچي بندرا نائڪي گيٽ ۽ ٽئپروبين هوٽل جي وچ ۾ پهتاسين. ڪنهن زماني ۾ ٽئپروبين ۽ گال فيس هوٽلون هتي جون بلي بلي هوٽلون هيون. سائين وڏي ڳالهہ سمجهيون وينديون هيون، جيئن ڪراچيءَ جي برسٽل، ميٽروپول ۽ خيبر، زميندار وغيره. پر هاڻ تہ انٽرڪانٽينينٽل، هاليڊي اِن، لنڪا اوبيراءِ جهڙيون انٽرنيشنل ساک ۽ سونهن جون هوٽلون کلي پيون آهن. انهن وڏين هوٽلن کان سواءِ ڪيٽريون ئي ننڍڙيون هوٽلون ۽ مسافر خانہ: ايلفينٽ واڪ هوٽل، نيولئنڊس هوٽل، پئراماؤنٽ، هريندرا هوٽل ۽ مسافرخانو حباش اِن، وغيره وغيره_ جن ۾ ڪڏهن توهان ويندائو تہ مئنيجر جو پهريون سوال: ”يو وانٽ اِٽ فار شارٽ ٽائيم آر فل نائيٽ_ چند ڪلاڪن لاءِ ڪمرو گهرجي يا سڄي رات لاءِ؟“ ٻڌي توهان سمجهي ويندائو تہ توهان ڪٿي بيٺا آهيو ۽ ڪهڙي موڙ تي.

ٽئپرويين هوٽل جي سامهون پارڪ اسٽريٽ تي اسان جي ڪتابن جي هڪ پرستار ارجن جو دڪان `Attraction` نالي آهي. سندس وڏا سنڌ ورڪي ورهاڱي کان به گهڻو گهڻو اڳ، ٻين ڪيترن سنڌين وانگر، هتي ڪولمبو ۾ اچي Settle ٿيا هئا ۽ هتي جي زبان سنهالي ۽ پنهنجي مادري زبان سنڌي ڳالهائين. سيڪنڊ انجنير ڪي چيم ته ارجن کان چانهه وٺندا هلون.

سندس دڪان تي اسان جي جهاز جا ٻئي ڊيزل مڪينڪ: دائود ۽ بخشي بيٺا هئا. هو خريداريءَ بعد دڪان ۾ ڪم ڪندڙ سلوني ڇوڪرين سان جهَڳي هٽي رهيا هئا. اسان کي ڏسي ٻاهر ٿي نڪتا، پر سيڪنڊ انجنير کين جهلي چيو ته اسان ڪري پيچو نه. ننڍ وڏائي فقط جهاز تي ڊيوٽي مهل رهڻ کپي. ٻئي همراهه بيحد محنتي، پڙهيل ڳڙهيل، سٺي خاندان جا، بيحد چرچائي ۽ خوبصورت جوان آهن. مختلف اسٽائيل ۽ فئشن جا ڪپڙا پائڻ جا شوقين. انهي وقت به ٽڏي آسماني رنگ جا هڪ جهڙا ڪپڙا پهريل هين. ڪانئن خريداريءَ جو پڇيوسين.

بخشيءَ ڪلندي چيو: ”سر هتي ته چانهه ڪان سواءِ ٻيو ڇا ٿو وٺي سگهجي.“ سندس ڪِل ۾ سخت ٽوڪ هئي.

پنج سال اڳ، جڏهن ڪان هِن، اسان واري جهاز ران ڪمپني ڀرتي ڪئي آهي، هيءُ مون سان چوٿون سفر اٿس. پهريون دفعو جڏهن هڪ ٻئي جهاز تي هئاسين ته آئون ٿرڊ انجنير هوس. سڄو ڏينهن انجڻ روم ۾ مشينن تي گڏ ڪم ڪندا هئاسين ۽ چرچا گهڻا پئي.

ڪڏهن ڪڏهن رات جي وقت امرجنسي ۾، جوشيلي سمنڊ ۾، انجڻ جي ڏکين حصن ۾ــ جتي ٽڏو پاڻي، ڪوسو تيل يا ٻاڦ Leakتي رهي هجي، ۽ ٻيو ڪو ڪم ڪان منهن ڦلهڙو ڪري، اتي اسان وارو هي بخشي، پهرين سڏ تي مرڪندي انجڻ روم ۾ داخل ٿيندو۽ مانيءَ ۽ ننڊ جي فڪر کان بي پرواهه ٿي تيسين ڪم ۾ لڳو رهندو جيسين مشينريءَ جو مونجهارو صحيح ٿئي. اڄ آئون جڏهن چيف انجنير ٿي ويو آهيان، تڏهن به ساڳيا چرچا پوڳ قائم آهن ــ پر ڊيوٽي ٽائيم بعد. سندس چرچن جو پنهنجو نمونو هوندو آهي. اڳ دفعي جڏهن ڪولمبو ڇڏي رهياهئاسين ته لنگر کڻڻ وقت بخشيءَ

ڪلنڊي چيو: ”سر! ڪولمبو ڪي موهن جو دڙو ٿيڻ ۾ باقي ڪي چند سال پيا.“

مون ان بابت تہ سوچيو بہ نہ هو. سامهون ڪولمبو بندرگاهہ جونڪنڊهرن جهڙيون عمارتون سالن کان رنگ پوچيءَ لاءِ سڪي رهيون هيون. ڇتين جون ڪريل ڪمانون ۽ ڪامون، پٿين جا لٿل ڇاپوڙا، دونهاٽيل ڇِمنيون ۽ مينهن ۾ سنياريل دروازا ڏسي، بخشيءَ جي چرچي تي کِل آئي. ۽ هاڻ وري سندس ان جملي: هتي چانهہ کان سواءِ پيو ڇا وڃي ۾ لفظ ”هتي“ تي زور. چيومانس، ”ڇو اڇي ڪولمبو جي پويان پيو آهين.“

”آئون؟ سائين توبانهہ ڪريو. آئون تہ ڪولمبو جي حسن ۽ سونهن جو مداح آهيان.“ ائين چئي هن پاسيري اکين سان دڪان ۾ ڪم ڪندڙ ٻڌ ڇوڪرين: رينا ۽ سنيلا ڏي ڏٺو. هُوءِ ساڙهيءَ ۾ سمارٽ لڳي رهيون هيون، سهڻيون هرگز نہ. اسان جي اڙدو سمجهي تہ نٿي سگهيون، پر لهجي مان محضوظ ٿي رهيون هيون. انگريزيءَ ۾ ڪائنئن پڇيومان تہ هن اسان واري همراهہ توهان کان پنهنجي زال لاءِ بہ ڪجهہ باتڪ جا وڳا وغيره ورتا آهن يا نہ.

”ڪپڙو ءِ سري لنڪا مان“ ڇوڪرين ٻڌران، بخشيءَ پنهنجي ٻنهي ڪنن جي پاپڙين کي ڇڪيندي (توبه زاري ڪندي)، چيو. ڇوڪرين کلندي چيو ڇا هن جي شادي ٿيل آهي؟ بخشيءَ کان يڪدم اڙدوءَ ۾ پڇيم ته ڪٿي معاملو خراب ته نه پيو ڪريان؟

”نه سر. خدا جو قسم اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. ضيا صاحب چار شاديون ضروري ڪيون ته به سري لنڪا جو وارو نه اچي سگهندو.“

”اسان کي ته هن اها ڳالهه ٻڌائي ڪانه.“سنيلا چيو.

- **رڪ صندليءَ تي پير**

”ان ڪري جو مٿان توهان سندس سلوني گرل کي ٻڌايو جيڪا هتي توهان جي ئي اوسي پاسي ۾ ٿي رهي.“

”ڪڻ ٻڌا جو قسم“ هاڻ بخشي کي ورائي ويون. ارجن چيو ته هنن کي به ڏينهن کن موڪل ڇو نٿا ڏيو ته ڪئنڊي، هِڪدوا وغيره ڏسي اچن. اتي جا چانهن جا باغ ڏسڻ وٽان آهن.

”سڄي Voyage موڪليون ڪيون اٿن_نيويارڪ کان ڊئنمارڪ تائين. ان هوندي به هڪ ڏينهن جي موڪل تي به هي حال آهن. هنن کي ڪئنڊي وڃي چانهه جو باغ ڏسڻ جو شوق ٿورو ئي آهي. اجايو توکي به ٻه ڏينهن دڪان بند ڪرڻو پئجي نه وڃي.“

سيڪنڊ انجنير تيسين چانهه وٺي دائود کي ڏني ته جهاز تي ڪٽي هلي ۽ اسان پاسي واري گهٽيءَ ۾ حجام جي دڪان تي وار ٺهرائڻ لاءِ چڙهياسين. حجام اڇي ڪوٽ، گوڏ، ننهن مٿان بيلٽ (پر بوٽ بنا) در وٽ ئي بيٺو هو. ڪرسيءَ تي وهاري ڪوٽ کي سڌو ڪندي چيائين: ”مشين خرابٿي پئي آهي، ڪئنچيءَ سان وار ڪترين؟“

ڪيس دل ۾ گهٽ وڌ چئي، سيڪنڊ انجير کي چيم ته يار هڪ ته مٿي تي وار ليٺ ڪونه ۽ جيڪي بچيا آهن، اهي هل ته ڪنهن ٻئي هنڌ فضيلت سان ڪترايون. اجان ڇهه نه ٿيا آهن. انٽر ڪانٽينينٽل جو باربر شاپ کليل هوندو.

چاتام روڊ وٺي مٿي سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل ”هوٽل انٽرڪانٽيننٽل ڏي آياسين. رستي تي ڪيترائي هِپي ڇوڪرا، ڇوڪريون ۽ ٽورسٽ هلڪي ڦلڪي لباس ۾ رستن

تي وائڙڻ وانگر ڦري رهيا هئا. ڪي هٿ جا ٺهيل رانديڪا، هتي جا مشهور مٺيا، پٿر ٻُڙا وني رهيا هئا. هوٽل سال سايل، نيو چائنيز شاپ، هردرماٽي شاپ ۽ ٻيا دڪان لنگهي ’پيِ_بي فئشن شاپ‘ نالي هڪ سنڌيءَ جي وڏي دڪان تي چڙهيس. سڄي ڪولمبو ۾ رڪارڊن، ڪئسٽن ۽ ڪپڙن جو هي وڏو دڪان آهي، جتان انگريزي، سنهالي، تامل ڪان سواءِ اڙدو، هندي ۽ سنڌي گانن جا ڪئسٽ ملڻ جي به اميد هئي.

”سنڌي ڪئسٽ هوندا؟“ مون پنجويهن سالن جي سن وارن، ٻن سنڌي ڇوڪرن کان پڇيو. ٻـ ٽي هندي فلمن جا ڪئسٽ ڪڍي ڏيکارين ٿا. تعجب به لڳي ٿو ته ڪجهه چڙ به. آءُ ڪين انگريزيءَ ۾ سمجهايان ٿو ته هندي نـ سنڌيءَ جا. ڇا توهان سنڌي نٿا سمجهو_؟ هڪ جواب ڏيڻ بدران هليو ويو. ٻئي ٻي رخيءَ سان چيو: ”خبر ناهي هي سڀ پيا آهن. هنن ۾ مان شايد ڪو هجي.“

انهن ۾ مان هڪ پنجابي ۽ ٻيو سنڌيءَ جو هو. جاچڻ لاءِ ڪئسٽ رڪارڊر ۾ وجهي وڄائين.

”رک صندليءَ تي پير_ منهنجا مور لاڏا.

ڇَپ ڇور، مُڇ موڙ_ منهنجا مور لاڏا.“

وري سوکن انگ اڳتي هلائي ٻئي هنڌ وڃڻ لاءِ دٻائي ٿو:

”ٽپالي گهوٽ جو خط ڏيکار_ دل گهري توکي خرچي ڏيندس.“

سڀ گانا ڀڳونتي ناواٽيءَ جا هئا. ڪانئس وري پڇيم ته آيا هن وٽ ڪي ٻيا به سنڌي ڪئسٽ متان هجن.

”منهنجي ڀاءُ کي شايد خبر هجي.“

- **اها سڌ اسان جي وڏن کي**

پر واري ڪمري ۾ نهيل آفيس ۾, انهن ڇوڪرن جو وڏو ڀاءُ فرينچ ڪٽ ڏاڙهيءَ ۾, ڏينهن جي ڪمائيءَ جو ليکو ڪري رهيو هو. مون ڪانئس سنڌي رڪارڊن جو پڇيو. هن مون ڏي پهرين تعجب مان چتائي ڏٺو لڳو ته هن کان اڳ ڪنهن به سنڌي رڪارڊن جو نه پڇيو هجي.

”نه.“ هن مختصر ۾ رکو جواب ڏنو.

”ڇو پلا هتي هيترا سنڌي رهن ٿا پر راڳ گاني جو شوق نه اٿن ڇا؟“ مون کي ائين لڳو ڄڻ آئون هڪ غلط سوال

ڪري ويٺس. دڪاندار ڪنڌ سان ’نہ‘ ڪري وري پئسا ڳڻڻ شروع ڪيا پر مون کي اجان اتي ئي بيٺل ڏسي ٻڌايو:

”هي هڪ ڪئسٽ خبر ناهي ميلواٽيءَ (سنگاپور کان) ڪيئن موڪليو آهي. اسان ڪيس هندي ۽ انگريزي ڪئسٽن لاءِ لکيو هو.“

آئون ڪئسٽ جا، سلوني اٺاويهہ رپيا ۽ پنجاهہ سينٽ ڏئي هيٺ لٿس. سيڪنڊ انجنير، در وٽ لڳل گرو گوبند سنگهہ جي وڏي تصوير ڏسي رهيو هو. پر مون ڪنهن سنڌي پير جي تصوير لڳل هئي. هانگ ڪانگ، سنگاپور، لاس پاماس (اسپين) ملايا ۽ ڪيترن ٻيٽن تي سنڌي هندو مليا هوندا جن جا روحاني رهنما مسلمان پير، سيد، شاهہ آهن.شاهہ لطيف ۽ سچل جي مريدن کان سواءِ هالن جي مخدومن ۽ پير پاڳاري جا بہ ڪئين مريد جتي ڪٿي مليا هوندا.

در وٽ ئي بيٺل هڪ ٻئي سنڌي همراهہ کان ان تصوير بابت پڇيم تہ ڪنهن جي آهي.

”خبر ناهي. اها سُڌ اسان جي وڏن کي.“

- **اهو منهنجو مڙس آهي**

ٻاهر فٽ پاٿ تي هڪ جوڳي واسينگ نانگ رکيو ويٺو هو ۽ يورپين ان جا فوٽا ڪڍي رهيا هئا. ڪين ڏڪا ڏئي، پير چپي، ميڙ کان ٻاهر نڪتاسين. ڪنڌ تي نانڪنگ هوٽل ۾ ڪجهه جهازي، ڪجهه سياح ۽ ڪجهه سلوني ماني کائي رهيا هئا. هن چيني هوٽل جو فرينچ مالڪ، ڪائونٽر تي ٻالم ٿيو ويٺو هو. نانڪنگ هوٽل جي اها فائدي واري ڳالهه آهي ته سندس ڦاٽڪ جيڏين درين مان رستي تان لنگهندڙ اندرين کي ۽ اندريان ٻاهرين کي هر وقت ڏسي سگهن ٿا. ان ڪري ڪنهنجوانتظار ڪرڻو هجي يا رستي جو واءُ سواءُ لهڻو هجي ته نانڪنگ ۾ هلي وهجي. نانڪنگ هوٽل جي پاسي ۾ ٻئن ۽ رانديڪن جي دڪان جي مسلمان مالڪڻ ماسيءَ، اسان کي ڏسي سلام ڪيو ۽ خير عافيت پڇي. سڀي ڪولمبو ۾ پاڻ صحتمند آهي عمر سندس چاليهه ۽ پنجاهه سالن جي وچ ۾ ٿيندي. اسان کان پڇيائين ته "زيارت" جهاز ڪڏهن ٿو اچي.

"خبر ناهي." مون رستي تان ئي جواب ڏنس.

"چو_؟" سيڪنڊ انجنير، جو پهريون دفعو هتي آيو آهي، تنهن وائڙاو ٿي پڇيس.

”ان تي منهنجو هڪ دوست آهي.“ ماسيءَ وراڻيو.

سيڪنڊ انجنير ڪلندي مون کي آهستي چيو : ”مارا! پوڙهي ڏاڏي شوقين ٿي ڏسجي.“

”خبر اٿئي، پاڻ واري بخشيءَ کي ذري گهٽ موڇڙا ٿي هنيائين. بخشيءَ پڇيس:’ماسي ٻار گهڻا اٿئي؟‘ چيائين : ’هڪ پٽ اٿم‘ تنهن تي هو ڇوڪرو جيڪو سندس اڳيان دڪان جون شيون صحيح ڪري پيو رکي، تنهن ڏي بخشيءَ اشارو ڪري چيس ’هي آهي تنهنجو پٽ؟‘ تہ دانهن ڪري چيائين: `No he is my husband`سو اهي آهن ماسيءَ جون ڳالهيون.“

نانڪنگ هوٽل کان ٿورو اڳيان، سيلانڪو هائوس جي سامهون واري بس اسٽاپ وٽ هڪ همراهہ مون کي پاسو ڏئي ڊالر متاثڻ لاءِ چيو: ”هيلو! چئينج مني؟ ويري گڊ ريٽ! ٽوئنٽي رپيز فار ون ڊالر.“ آئون انڪار ڪري رهيو هوس تہ ايتري ۾ سيڪنڊ انجنير رستو ٽپي اچي اسان تائين پهتو ۽ يڪدم هن همراهہ جي ڳچي ۾ هٿ وجهي: ”يو ايڊيٽ. چيٽر...“ وغيره. خارن مان چئي ڪٽي ڏڪو ڏنو.

آئون واڻڙو ٿي ويس ته اسان جو سيڪنڊ انجنير جيڪو عمر ۾ مون کان به وڏو آهي، بيحد شريف ۽ ٿڌي طبيعت جو آهي. گذريل ڏهن سالن ۾، ڪيترن جهازن ۽ ملڪن ۾ ڪيترائي دفعا ساڻس گڏ رهڻ ٿيو آهي پر ڪڏهن به ڪيس مون ڪاوڙيل نه ڏٺو هوندو. سو اڄ هڪ ڊارئين همراهه ڪي اجايو لڳاتار گاريون ڪيئن ڏيندو ويو. ۽ وري اڳلي به ڪجهه نه ڪڇيو. سيڪنڊ انجنير کان پڇيم:

”يار ڳالهه ڇا آهي___؟“

”هي وڏو چور اٺانوَ. اسان جا ارڙهن ڊالر کائي ويو آهي.“ سيڪنڊ انجنير ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيندي وراڻيو.

مون سندس ڳالهه ئي نه سمجهي. چيومانس:

”پوءِ هينئر ڪيس ڇڏي ڇو ڏنئه. جهليونس؟“ پر سيڪنڊ انجنير ماٺ ٿي ويو. ڪو به جوابنه ڏنائين. ويتر وچ ۾ ٻيون ڳالهيون اچي نڪتيون ۽ اهو عنوان ئي وسري ويو. انٽر ڪان به اچي وئي، سو هوٽل ۾ گهڙي سڌو ”باربرشاپ بيوٽي پارلر“ ۾ آياسين.

## نيمالا، اٿپالا ۽ ڏواجالا_ سريلنڪا جون حجام ڇوڪريون

هڪ پاسي سنگلي (هتي جي مڪاني ٻُڌ) ڇوڪري، ڪنهن عورت جي وارن جا چلا چلا ٺاهي رهي هئي. سامهون پٽ تي ڊاڪٽرن جي ڪلينڪ تي لڳل ميڊيڪل ڊگريءَ وانگر، ڪم جي ساک جو سرٽيفڪيٽ هو: ”مئنيوئل ڊي سلوا“ Licensed cosmetologist and specialized, hair colourist California. (U.S.A)

اسان جهڙن غريب ملڪن ۾ فقط هنر ۾ هوشياري شايد نٿي هلي. ان سان گڏ ڪنهن وڏي ملڪ جو ليبل پڻ ضرور هجڻ گهرجي. گذريل چوٿي صديءَ ۾ حجام ’هيئر ڊريسر‘ مان، ’بيوٽيشن‘ ٿي ويو آهي. درزي، اُستي ۽ ٽيلر ماسٽر مان ’ڪلاٿ ڊزائينر‘ ٿي ويو آهي. نوڪر، بٽري ۽ ويٽر مان اسٽيورڊ ٿي ويو آهي. اهي اسان جهڙن غريب ايشيائي ملڪن جا ئي ڪرشما آهن.

فقط وڪٽر موجود هو ٻيو حجام شايد گهر وڃي چڪو هو. وڪٽر حجام (جنهن کي هتي نئين ايجاد ڪيل عهدي مطابق ”آپريٽر“ سڏيو وڃي ٿو)، کي چيم ”تنهنجو پگهار ته اهو ئي ٿي سؤ رپيا هلندواچي، پر هيئر ڪٽ جا پئسا گذريل ٽن

سالن ۾ هوٽل وارن پنڌرهن رپين مان پنجويهه رپيا چوڪري
چڏيا آهن؟ هاڻ ته منهنجي مٿي تي هڪ پاڳي چار وار به نه رهيا
آهن. مون کان پئسا به ان حساب سان وٺندا ڪيو.“

”صفا نه ڏيو.“ وڪٽر کلندي چيو.

”پر تنهن جي ڪئشير صاحبه ته اڳواٽ ئي بل ٺاهي
چڏيو هوندو.“ ڪئش تي، پاسي کان سويازا_ سلوني چوڪري
ويٺي هئي، تنهن دانهن ڪري چيو ته ”ڏهه سيڪڙو ٽپ جا به
لکي چڏيا اٿم.“

”هي تنهنجو نيمالا، آتپالا، نراجالا ۽ ٻيون ٻوڏي
چوڪريون ڪيڏانهن لکي ويون آهن. هڪ کي سيڪنڊ
انجنير جي هيئر_ڪٽ لاءِ ته موڪل.“

”سيني جي شادي ٿي وئي ۽ نوڪري چڏي ڏنائون.“

”۽ تنهنجي، سويازا___؟“

”منهنجي به ٿي وئي، وچڻ وقت ڪاٻي هٿ جي ٻاچ ۾
منڊي ڏسندو وڃجانءِ.“

”تو نوڪري نه چڏي آهي؟! يا تو وري مڙسين کي
نوڪري چڏائي آهي_؟“

”نہ اھو بہ ڪري پيو تہ آئون بہ. اڄ ڪلھہ جي ڳاتي پڳي مھانگائي جي زماني ۾ اڪيلي جو پگھار ڪٿي ٿو پورو ٿئي.“

سيڪنڊ انجير ڪي چيمر تہ يار ھوءَ پئسن واري ڳالھہ تہ ٻڌاءِ.

- **اھڙي نڳ ڪي انعام ملڻ ڪپي**

”ان تان لھي وڃو. در اصل چيف آفيسر ۽ مون سان دوکو ٿيو ھو. ۽ چيف آفيسر جھليو آھي، ٻڌائڻ ڪان.“

مون ڪان ڪِل نڪري وئي. ”اوھان سان دوکو! ڏاڍي ٻڌائي. توھان ٻئي جھاز جا سياڻا ٿي ڪري توھان ڪي ڪو ٺڳي ويو. اھڙي نڳ ڪي تہ انعام ملڻ گھرجي.“

”بس ڪڏھن ڪڏھن، ’سياڻو ڪانگ گونھہ ڪائي‘.وارو حساب ٿي ويندو آھي.“

”پوءِ تہ اھا ڳالھہ ٻڌائڻي پوندءِ. اھا تہ لکڻ جھڙي ھوندي.“ مون وري ٿھڪ ڏيندي ايلاز ڪيامانس. وڪٽر ۽ سويازا بہ تعجب مان پڇڻ لڳا تہ ڇاھي.

”سم ٿنگ گريٽ هئز هئپنڊ. پر توهان جي ڀڏڻ جي ناهي.“

”نہ. تون وري ڪتابن ۾ لکندين“.

”ڪتابن ۾ تہ اهڙيون ڳالهيون ضرور لکبيون جيئن پنهنجن تجربن ۾ جنين مان ٻين کي ڄاڻ ۽ سمجهہ پوي. باقي نالا ڪٽي اصلي نہ لکبا. سو فڪر ڇاجو. اجان بہ اعتراض هجي تہ اها ڳالهہ پنهنجي نالي ڪري لکان تہ ويڏن مونسان ٿي. بس؟“

”نہ. اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ناهي. ان ڏينهن، يعني ٻرين ڏينهن چيف آفيسر ۽ آئون ٻاهر نڪتاسين، تہ هي همراهہ رستي تي ملي ويو_ يارڪ اسٽريٽ تي ’رجسٽرار آفيس‘ جي اڳيان. اسان کي پئسا مٽائڻ لاءِ چوڻ لڳو تہ ڊالر جا ويهہ رپيا ڏيندس. اسان بہ سوچيو تہ سودو سٺو آهي. اسان کي هڪ لفافو ڏنائين تہ ڊالر ان ۾ وجهي ڏيو. جو پوءِ پنهنجي کيسي ۾ وجهي، پڇڻ وارو هو تہ مون کٽي جهليومانس ۽ پئسا واپس گهرڻ تي لفافو ڪڍي چيف آفيسر کي ڏنائين. چيف آفيسر کان بہ پڪ کيم تہ پئسا مليا تہ هن هائوڪار ڪئي. مون تہ سمجهيو تہ چيف آفيسر پئسا ڏنا هوندا. پر هوٽل تي پهچي پئسا ڪڍڻ لاءِ

لفافو ڪوليوسين تہ ان مان نوٽن بدران پنن جا ٽڪرا نڪتا. در اصلاتڪل ڪري پئسن وارو لفافو ڪيسي ۾ لڪائي ان بدران اڳواٽ تيار ڪيل پنن وارو لفافو هن ڪڍي ڏنو ۽ اهڙي طرح اسان کي بيوقوف بنايائين.“

”پر جي اهو ماڻهوسا ڀڳيو هو، جو هينئر مليو تہ پوءِ ڇو ڇڏيس؟ پوليس ڏي وٺي هلونس ها.“

”پوليس هتي نظر ئي ڪٿي ٿي اچي ۽ ٻيو تہ پئسا وياسي ويا هاڻي هي ڪٿان هٿ ڪري ڏيندو. افسوس رڳو اهو هي جو ڪيترائي فارينر روز ٺڳبا هوندا ۽ هنن چند ٺڳن ڪري هو سڄي سري لنڪا بابت خراب راءِ رکندا هوندا.“

وار نهرائڻ ڪانپوءِ اسان هتي جي ’مون اسٽون هال‘ ۾ اچي ويٺاسين. ڪراچي ڪانٽينينٽل جي نسرين هال، ڊيمي تسي لونج وانگر هتي جي هوٽل جي ڪافي روم، بار روم، ڊانسنگ هال، سئمنگ پول جا نالا هتي جي مشهور مٽِين تي رکيا اٿن. جيئن تہ: موناسٽون، ڪئٽس آئي ڪلب، سفائر بار روم وغيره. سلون ۾ انهن پٿرن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي پٿر آهن: گارنيٽ، اميٿسٽ، اڪامئرين، زرڪان، ربي وغيره وغيره. اهي هتي جي کاڻين مان ملن ٿا، جن کي ٽُڪي، گهڙي

لسو ڪري مُنڊيون يا هارن لاءِ ٻڙا ۽ نگ ٺاهيا وڃن ٿا. ان معاملي ۾ سري لنڪا دنيا جي وڏين منڊين مان آهي، جيئن ڏکڻ آفريڪا، بيلجم، اسرائيل وغيره ۽ دنيا جي پيٽ ۾ هتي چڱا سستا ملن ٿا. پئسي وارا ماڻهو جن لاءِ سون به ڪجهه ناهي آهي پنهنجا پئسا پٿرن ۾ لڳائي رکندا آهن، جي ڪنهن وقت به سون وانگر وڪڻي سگهجن ٿا. ڪي ڪي پٿر: آسماني سفائر ۽ ڪئٽس آئي جهڙا ته ايڏا مهنگا آهن جو منڊيءَ جو ٻڙو به لکن جو ٺئي.

- ## ڪولمبو مٽين ڪان مشهور آهي

پٿر خريد ڪرڻ لاءِ يا ته وڏوءِ سنو دڪان ساک وارو ڳولجي يا ته خود ڪي انهن جي سڃاڻپ هجي. اهو معلوم ڪرڻ ته سولو آهي ته ٽوپاز پٿر زردي مائل اڇي رنگ جو ٿئي، يا سموڪي ٽوپاز ناسي رنگ جو. سفائر پٿر ۾ ٽارچ هڻڻ سان منجهس ڇهه ڪنڊو تارو ڦرندو نظر ايندو. Cat Eye پٿر ۾ ٽڏي پيلي رنگ جي اُڀي ليڪ ترندي نظر ايندي يا ڊائمنڊ مان اڇي رنگ جي روشني ڦوهاري وانگر ٻاهر نڪرندي نظر ايندي پر

ساڳي پٿر ۾ ڪي ڪي خاميون ــ برٿ مارڪ (ڄائي ڄم جا نشان) لينگها ۽ داغ، سنڌس قيمت ڪيرايو ڇڏين. (هونءَ ڊائمنڊ سلون جي ڪاٽين ۾ نه ٿئي). هتي سڀ ڪان گهٽو ۽ سستو پٿر ”مون اسٽون ۽ ٽوپاز“ آهي.مون ــ سٽون ٽيوب لائيٽ جهڙو اڇو ٿئي. سنڌس لاڪيٽ، پؤنچيون، منڊيون، پنڙا جام ملندا ــ خاص ڪري وچون ءَ وارو لاڪيٽ ته جتي ڪٿي وڪامندو نظر ايندو.

هوٽل انٽرڪانٽينينٽل مان نڪرڻ وقت سج لهي سامهون هندي وڏي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻڻ تي هو. انگريزن جي زماني جو ٺهرايل بندري قد جو لائيٽ هائوس رکي رکي سمنڊ ڏي روشني موڪلي رهيو هو. اسان هوٽل جي پوئين پاسي کان نڪري، لائيٽ هائوس وٽان لنگهي، سمنڊ جو ڪنارو ڏئي هلٽلڳاسين. سامهون منوميل کن پري، سمنڊ جي ڪناري تي ئي، هوٽل گال فيس نظر اچي رهي هئي. ان جي پويان پنج ست ميل کن پري مائونٽ ليئوينيا هوٽل جون فقط بتيون نظر پئي آيون. هڪ سانوٽيءَ جي موسم، ڦوهه جوانيءَ ۾، ٻيو چوڏهين تاريخ ڪا ويجهي هئي، سمنڊ جون ڇوليون ڪناري سان وڙهيون ٿي وڙهيون. سنڌن ڇنڊا ۽ ريتي گال روڊ جو ونوي ٽپي

پرئين پاسي ڪان وچي ٿي نڪتا. پر ايڏا وڏا چنڊا بہ نہ هئا جويچ (ساموندي ڪناري) تي ماڻهن کي ٻيهڻ بہ نہ ڏين. جيستائين نظر وئي ٿي، هر روز وانگر، چوڌاري ماڻهو ئي ماڻهو هئا. شام جي وقت ڪولمبو ۾ سڄو زور سمنڊ جي ڪناري تي هوندو آهي، خاص ڪري پارليامينٽ هائوس وٽ، مسٽر بندرانائڪي جي پتل جي بت اڳيان (جيڪو ٽيهہ فٽ کن ڊگهو ٿيندو ۽ روسي حڪومت سري لنڪا گورنمينٽ کي سوکڙي طور تحرائي ڏنو آهي.)

- ### سري لنڪا جي عورت جي بدنصيبي

سمنڊ جي ڪناري تي ٿالهن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل اناناس، ڪيلا، چٽا، ڪلفيون ۽ ٻيو سامان، ڇوڪرا ۽ عورتون وڪڻي رهيون هيون. وايومنڊل ۾ ساموندي گهميل هوا ۾ لغڙ ئي لغڙ نظر آيا ٿي. لغڙ هر قسم جا، اڇا، رنگين، چٽڪمرا، خاص ڪري سرڻن ۽ نانگن جي شڪلين جا سري لنڪا ۾ وڪامندا آهن. ڪجهہ سلوني ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون (اونداهہ ۾ رڳو سندن ڪپڙا ۽ ڏند نظر آيا ٿي)، ريتيءَ تي ليٽي رهاٽيون ڪري

رهيا هئا. ڪي وري سيمينٽ جي بينچن تي هڪ ٻئي جا چپ (يا انهن تي لڳل ريتي ۽ سمنڊ جو کارو پاڻي) چٽي رهيا هئا. سندن ڳالهين جي ٽون ۽ چهرن مان، رومانس کان وڌيڪ، شڪوه ۽ شڪايت بکي ٿي. هتي جو ڇوڪرو مڙيئي ڏنگو مڙس لڳي ٿو ۽ ڇوڪريءَ کي برابريءَ واري دوستي يا پيار نصيب ناهي. گهڻي ڀاڱي هتي جا ڇوڪرا سست، پورهئي کان هڏ ڍڳل، پڙهائيءَ کان پري، غير جوابدار هجڻ باوجود به هتي جون غريب سلوني ڇوڪريون، سندن ڏهه ڏهه نخرا کڻن ٿيون. ڪا ڇوڪري پئسي واري هوندي ته گهران به آٽي ڪيس ڏيندي، پر ڇوڪرو هن کي سچي محبت جي ٻاهرين ڏيک ۾، خيالي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي، بنا سڙهه جي اهڙي اونداهيءَ وير ۾ گهاٽ ڏي اماڻي ڇڏي ٿو جو هن ويچاريءَ جو انت، اڪثر مئٽرنٽي هال، بار، ڇڪلو يا خودڪشي ٿئي ٿو. پنهنجي مستقبل جو ساٿي ماڻڻ ته پري جي ڳالهه، مائٽن کان به هٿ ڌوئي ويهي ٿي. ڪراڪ فرڊ، ٽراپيڪانا، ٽري اسٽارس، پئرامائونٽ، سيلانڪو وغيره هوٽلن ۾ نچندڙ سوين ڇوڪريون ان قسم جي ڏک ڀريل ڪهاڻين جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهن. ڪيترين شادي شده ڇوڪريون، ٻارن ۽ مڙس جو پيٽ ڀرڻ لاءِ به سؤ يا ٽي سؤ رپين

جيتري گھٽ پگھار تي هتي جي خط استوا واري ڪاڙهي ۾ ننڍينڊڪانن، هوٽلن، آفيسن ۽ ڪارپارڪنگ ۾ صبح کان شام تائين بيٺي پير نوڪري ڪن ٿيون. هو نوڪريءَ تي پهچڻ لاءِ صبح جو سوير پنهنجن ڏوراهن گهرن کان نڪرن ٿيون ۽ واپس بسن ۾ لڙڪنديون رات جو دير سان وڃي پنهنجن پڪن تائين پهچن ٿيون. ڪي ته ديهي والا، راتمالانا، ڪاتوبادا، سوراتوا، پاندو ويليڪادا، بولاواتا ۽ ويراگالا جهڙن ڏور هنڌن تان اچن. گهٽي پورهئي، فڪر ۽ اٽپوري کاڌي کين عمر کان وڌو ۽ هڏائون پيرو ٻڍائي ڇڏيو آهي.

- **اچي ته توهان ئي سمجهايوس**

سمنڊ جي ڪناري تي سڪون حاصل ڪرڻ بدران هي ڏک ڀريون ڳالهيون سوچي، منهنجو وياڪل ٿيڻ ب عجيب آهي. آخر هي منهنجو ملڪ ته نه آهي جو مون کي ڏک ڪرڻ کپي. پر ڪاش انسانيت جون حدون به ملڪن وانگر جاگرافيڪل ۽ سياسي هجن ها ته پوءِ شايد مون کي ويچار نه ٿئي ها.

ڪجهه ننڍڙا ٻار ڊوڙي اسان کي چهٽن ٿا: ”هيلو سر. ون سگريٽ پليز_!“

ڇا سندن عمر ۾ ڇا سندن شوق! آئون دل ئي دل ۾ هڪ دفعو وري حيران ٿي ويچاريان ٿو.

”آءِ ڊونٽ سموڪ.“ آئون پنهنجا خالي هٿ ڏيکاريان ٿو. مون سان گڏ هلندڙ سيڪنڊ انجنير، دکندڙ سگريٽ ڇپن ۾ جهلي هنن لاءِ پاڪيٽ مان ڪڍي ٿو.

”سگريٽ ڏئي ڪو سوچي ته هو ساڻن همدردي ٿو ڪري، مورکپڻو آهي.“ مون سيڪنڊ انجنير کي پنهنجي راءِ ڏني. سيڪنڊ انجنير سگريٽ واپس کيسي ۾ وجهي کين ٽالهه واري ڪان ڇونئرا وني ڏنا، پر هنن اهي نه ورتا. اسان کي تعجب ٿو لڳي. هن ڪچيءَ عمر ۾ سگريٽ پيڙيءَ جو اهڙو نشو جو کائڻ جي شيءِ کان به انڪار ڪري رهيا آهن. هو ڇا ڇوندا آهن ته پيٽ ديوتا آهي. پر ڇا نشو ان کان به وڏي طاقتور شيءِ آهي؟ ٿي سگهي ٿو! سيڪند انجنير ڇڙٻڏئي ٻارن کي ڀڄائي ٿو. هندي سمنڊ جي ڇولين جا ڇنڊا بچاءَ واري پٽ ٽپي اسان کي آلو ڪن ٿا. ريتيءَ تي وينل ڇوڪري اسانتي ڪلي ٿي. سندس ڪلڻ اسان کي به وٽي ٿو_ سهٽي ته ايتري ناهي، معصوم

ضرور آهي. ڪنهن کي خوشي حاصل ٿئي اها سٺي ڳالهه آهي. آئون ڪپڙا ڇنڊيندي، هڪ پوڙهي مائٽ وانگر، سندس مٿي تي هٿ رکي پڇان ٿو: ”ويئر از يوئر بئاءِ فرينڊ؟“

”اڃا آيو ناهي.“ هوءَ اتي بيهي جواب ڏئي ٿي.

”ڇو ڀلا_؟ ايندو يا توکي انتظار جو عذاب ڏئي ويو آهي.“ آئون اسڪول ماستر وانگر سوال ڪيان ٿو.

”نہ نہ. ايندو ضرور ايندو.“ هوءِ کلي وراڻي ٿي.

”پر اصولي طرح هُن کي تنهنجو انتظار ڪرڻ کپي ۽ نہ تو جهڙي سهڻي ڇوڪريءَ کي.“ آئون ائڪٽنگ قائم رکان ٿو. هوءِ سهڻي تہ ناهي پر کهڙي ڇوڪري آهي جا پاڻ کي سهڻو سڏائڻ نٿي پسند ڪري. بهرحال هن بہ خوبصورت موڊ جو مظاهرو ڪندي چيو: ”اڇي تہ توهان ئي سمجهائجوس. منهنجي تہ هن تي نٿي هلي.“

’اوڪي‘ چئي اڳتي وڌون ٿا. سيڪنڊ انجنير اسان جي گفتگو تي کلندو رهي ٿو. ڪاش ٻن ٽن سالن بعد وري ڪڏهن اچان تہ هيءَ ساڳي ڇوڪري ائين کلندي ۽ خوش ٿيندي نظر اچي_ هڪ آس. هڪ دعا، هڪ تمنا اجائي ۽ واٿهڙو سهي، پر منهنجي دل مان اڀري ٿي.

## • آپگهات نہ ڪجو

ڪولمبو جي سامونڊي ڪناري تي ٽورو اڳتي، ڪنهن هوائي ڪمپني سان تعلق رکندڙ يورپي، لغڙ وني رهيا هئا. هڪ آسٽريلين جوڙو پانچا مٿي ڪري هيٺ سمنڊ ڏي وڌڻ جي تيارين ۾ هو.

”آپ گهات نہ ڪجو.“ سيڪنڊ انجنير زور سان چين ۽ هنن کلي باءِ باءِ ڪئي. ڪولمبو جي هن بيچ تي هميشہ ڪاج واري رونق هوندي آهي.

گال فيس هوٽل وٽ سمنڊ جي ڪناري تي رکيل بئنچ تي ٽيلهو رکي زال ۽ مڙس ۽ سندن ننڍڙي ڌيءَ ويٺي هئي. اسان هنن جي اڳيان لنگهڻ وقت کين بہ ’هيلو‘ چئي ڪيڪاريون ٿا. هو اسان کان اسان جو ملڪ پڇن ٿا. مڙس الو مسٽر دين مسلمان آهي ۽ سندس زال عيسائي.سندس ڌيءَ جو نالو چترادين هنڊڪو آهي. ۽ ٻي وڏي ڌيءَ ڪماري دين، هتي جي لنڪا اوبيراءِ جي هيلٿ ڪلب ۾ نوڪري ڪري ٿي. هو گمپا شهر کان پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ لاءِ ڪولمبو آيا آهن. جيئن تہ هتي

جي ٻين وڏين هوٽلن وانگر لنڪا_اوبيراءِ هوٽل ۾ به هتي جي رهاڪن کي اچڻ جي عام اجازت ناهي، سو سمنڊ جي ڪناري تي پيل بئنچ تي هن جو انتظار ڪري رهيا آهن. هوٽل سامهون سڌ پنڌ تي ئي آهي. ڪيس موڪلملڻ ۾ اجا ٻه ڪلاڪ ڪن آهن.

”هتي مذهب ۾ ماڻهن جا نالا ڪيترو نه گڏوچڙ آهن.“سيڪنڊ انجنير مون کي آهستي اهستي ان ڳالهه ڏي ڌيان ڇڪايو.

”جيئن پنهنجي ملڪ ۾ سڪندر، زرينا، سهراب، رستم وغيره جهڙن نالن تان عرب ڪلن ٿا ته اهي ڪهڙا مسلمان هئا، جن جا نالا پاڻ وٽ عام ٿي ويا آهن.“ مون سيڪنڊ انجنير کي ورندي ڏني.

اسان ڪان هو پاڪستان جون خبرون پڇن ٿا. پاڻ ٻڌايائين ته هو 1947ع کان اڳ، هندستان ۾ لياقت علي خان جو ڊرائيور به رهي چڪو آهي. هو پنهنجا ڏک سور کولي وهن ٿا ۽ اسان جي ملڪ جي تعريف ڪن ٿا. سڪينڊ انجنير کي چيم:

”هڪ ڳالھ آهي بنگلاديش ۽ سري لنڪا جي مقابلي ۾ پنھنجو وطن يورپ ۽ آمريڪا کان گهٽ نٿو لڳي. گذريل سال بنگلاديش مان موٽڻ بعد ڪياماڙي، چاڪيواڙو ۽ موسيٰ لين بہ اسان کي پڪڊلي، ٽائيمس اسڪائر ۽ گنزا کان سهٽي لڳي.“

رات جا اٺ ٿيڻ تي هئا. اسان ڪانئن موڪلايو.

”توهان مهرباني ڪري اوبيراءِ هوٽل ۾ وڃي منھنجي ڏيءَ کي تہ موڪليو. توهان فارينر آهيو ۽ سنئون سڌو اندر وڃي سگهوٿا. آئون هيڏو پري کان بس ۾ آئي آهيان ۽ پنھنجي ڏيءَ سان ملڻ بنا وڃڻ نٿي چاهيان.“

”اسان جيتوڻيڪ مانيءَ لاءِ ’هاليڊي اِن‘ ۾ وڃي رهيا هئاسين جتي اسان جي ملڪ جو مينو آهي پر هاڻ توهان لاءِ ”سردار_ جي“ جي هوٽل_ لنڪا اوبيراءِ ۾ ٿا وڃون. پر اها تہ ڳالھ غلط آهي تہ توهان جي ملڪن جون هوٽلون ۽ توهان تي ئي ايڏي سختي؟“

”بساهو ئي سنو آهي جو ان قسم جون وڏيون هوٽلون سلون ۾ کلي ويون آهن ۽ اسان جي ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون اٿن. باقي هو بہ ائين مجبور آهن. هتي جا ماڻهو اهڙا آهن جو

سنڌن هڪ ته ٿانوَ ٿپا نه ڇڏيندا ۽ چانهه جي ڪوپ لاءِ ڏرٽو ماري جو اچي ويهي رهندا ته ڏارين جي ويهڻ جي به جاءِ نه بچندي_ پوءِ اسان جو ملڪ فارين ايڪسچينج ڇا ڪمائي سگهندو.“

- **اوبيراءِ هوٽل جي مالڪ جي ڪهاڻي**

اسان گول (Galle)روڊ وٽي، لنڪااوبيراءِ هوٽل جي ڪافي ڪارنر ۾ اچي ويٺاسين. پنج ڇهه ٽيبل ڀريل هئا جن تي يورپ ۽ آسٽريليا جا آيل ٽورسٽ ۽ واپاري ويٺا هئا. هڪ ٽيبل تي، ٽيليفون ڀر ۾، اسان جي جهاز جو ٿرڊ ۽ ففٿ انجير پڻ هئا.

’لنڪا اوبيراءِ‘ هتي جي سيني هوٽلن ۾ سهٽي ۽ وڏي آهي_ پئسا ڪو ڀيو ڀري ته هن ۾ ضرور رهجي. عمارت ۽ سروس جي سلسلي ۾ پڻ سنڌس پنهنجو انداز آهي. اوبيراءِ صاحب جي پڙدن، ڪراڪري، سروس گرلز جي چونڊ قابلِ داد لڳي ٿي. هوٽل جي مالڪ ’موهن سنگهه اوبيراءِ‘ جي ڪهاڻي به هڪ قسمت ۽ ڀاڳ جي ڪهاڻي آهي. پاڻ ننڍي هوندي،

انگريزن جي دور ۾ سرڪاري ڪامورو هو. 1922ع ۾ پنجاب ۾ پليگ پکڙجڻ ڪري هو موڪلون ڳوٺ گذارڻ بدران، شملي هليو ويو. اتي جي مشهور هوٽل ـــ سيشل، کيس ڏاڍو متاثر ڪيو. هن سڌو مئنيجر جي ڪمري ۾ گهڙي، کانئس نوڪريءَ لاءِ پڇا ڪئي.

”ڪهڙي نوڪري توهان ڪرڻ چاهيو ٿا؟“ مئنيجر پڇيو.

”ڪو به پورهيو. ڪا به نوڪري ـــ هن هوٽل ۾ جيڪا ڏئي سگهو.“

ٻن ڏينهن بعد، سٺ رپيا پگهار تي، مسٽر اوبيراءِ ڊيسڪ ڪلارڪ جي حيثيت سان، سيشل هوٽل ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو ـــ اهو ايترو گهٽ پگهار هو جو ان هوٽل جي ڪلب جي داخلا ٽڪيٽ به ان کان گهٽي هئي. پر هي يار في الحال لڳي ويو ۽ اها سنڌس نئين زندگيءَ جي شروعات هئي.

اڄ اڌ صديءَ بعد، سخت محنت، پورهئي، هوش ۽ جذبي ۽ سٺي ڀاڳ کيس ايسٽ انڊيا هوٽلس جو چيئرپرسن ۽ ٽن کنڊن ۾ سنڌس هوٽلن جو بادشاهه بڻائي ڇڏيو آهي. ’اوبيراءِ‘ نالي سنڌس هوٽلون نه فقط هندستان ۾ آهن پر اسپين

ڪان انڊونيشيا تائين پکڙيون پيون آهن. خاص ڪري عرب ملڪن ۾ تہ ”اوبيراءِ“ هوٽلن جي گهرج روز بروز وڌندي وڃي. هي اهي امير ملڪ آهن جن وٽ جيترو گهڻو تيل آهي اوترو ئي رهائش جو مسئلو. موهن سنگهہ اوبيراءِ پنهنجي ذات ”اوبيراءِ“ جي نالي سان هوٽلون ٺاهي رهيو آهي. ابوڌابي، دمام ۾ ٺهي چڪيون آهن. رياض ۾ ”رياض اوبيراءِ“ ٺهي رهي آهي.

پاڻاسي سالن جو ٿيندو_ ساڻس گڏ سندس 48 ۽ 44 سالن جا بہ پٽ: ٽِڪي سنگهہ اوبيراءِ ۽ بيڪي سنگهہ اوبيراءِ پڻ ٻانهن ٻيلي آهن ۽ هي سندن خانداني پورهيو ٻڻجي چڪو آهي. سندن ساليانو فائدو ڏهہ ڪروڙ ڪان بہ مٿي آهي. سندن پهرين پنجٽيهہ ماڙ اوبيراءِ شيرٽن بمبئي واري هوٽل فقط نقصان ۾ وئي سا بہ شروع ۾. ان بعد ڪين اهڙو ڏکيو ڏينهن نہ مليو.

- **سادات چيو: عرض قبوليوسين**

ٻي جنگ عظيم ۾ انگريزن سندس ڪلڪتي واري ’هوٽل گرانڊ اوبيراءِ‘ تي قبضو ڪري منجهس فوج ٽي رکي تہ

پاڻ برٽش ڪمانڊر سان ملڻ لاءِ پهچي ويو ۽ کيس عرض ڪيائين: ”توهان جي سرڪار هوٽل حاصل ڪرڻ بعد 1500 سپاهين جي کاڌي خوراڪ تي ڪيترو خرچ چاهي ٿي؟“

جنرل حساب لڳائي چيو ته هڪ ماڻهوءَ تي روزانو فقط ڏهه رپيا ڪن ايندو. اوبيراءِ کيس اٺ رپين جي آڇ ڏئي ٺيڪو ڪنيو.

”پنجن سالن تائين،“ اوبيراءِ ڪلنڊي نيوز ويڪ رسالي جي نمائندن: بئري ڪم ۽ سوسان ڊيڪ کي ٻڌايو.”انهن سپاهين جي کاڌي تي منهنجو فقط ٽي رپيا خرچ ايندو رهيو.“

تازو مسٽر اوبيراءِ مصر جي صدر انور سادات سان ملي کيس سنئون سڌو چيو:

”سرڪار! توهان جي حڪومت سدا آباد رهي. گستاخي معاف ٿئي ته عرض ڪريان ته قاهري ۾ نيل نديءَ جي ڪناري تي سٺي هوٽلن کي جڳهه ڏني وئي آهي سواءِ هندستان جي. اسان کي ان جي موڪل ڇو نٿا ڏيو؟!“

سادات گهڙيءَ لاءِ گهري سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ چيائين: ”Request Granted“

سيني هوٽلن کي ڪاڏي، سروس ۾ نموني ۾ هڪجهڙو رکڻ لاءِ هن دهلي ۾ ’اوبيراءِ هوٽل اسڪول‘ کوليو آهي جتي هر ملازم کي اڌائي سالن جي ٽريننگ وٺڻي لازمي آهي. گهڻي ڀاڱي، هر هوٽل ۾ هندستاني ماڻهو رکيا ويا آهن. جيئن هوٽل ڪٿي ڪهڙي ملڪ ۾ به هجي پر ماحول ساڳيو هجي.

## ڪولمبو جي گرين ڪئبن ۾ حيدرآباد جي بامبي بيڪري

”ٽئڪسي. ٽئڪسي“ اوبيراءِ هوٽل مان نڪرڻ وقت اتفاق سان سينٽ ائنڊ ريوز چرچ وٽ ئي خالي ٽئڪسي ملي وئي. ويهڻ کان اڳ ڪراڪ فورڊ ڪلب جو ڀاڙو پنڌرهن رپيا ساڻس طيءِ ڪرڻو پيو.

”پيٽرول اڄ ڪلهه سري لنڪا ۾ تيرهن رپيا گئلن ٿي ويو آهي.“ گهڻي ڀاڙي جو ٽئڪسيءَ واري ڪارڻ ٻڌايو.

”اهو مهانگو ته نه آهي. پاڪستان ۾ ته ارڙهن رپئي آهي يعني ستاويهه سلوني رپيا ٿيا.“

”اسپيئر به ته صفا ٽٽا ملن ۽ جيڪي ملن ٿا، تمام مهانگا.“

”اها ڳالهه ڪر. سري لنڪا ۾ هلندڙ 1948ع ۽ 1950 جي ماڊل سائز مورس ڪارن لاءِ فئڪٽري کھڙا وينئي اسپيئر پارٽس ٺاهيندي. ڪارخاني وارن اهي ڪارب ٺي پيچي چڙيا هوندا.“

ٽئڪسي گول روڊ تي ويلاوتا ڏي هلڻ لڳي. گول روڊ ڪولمبو جو ڄڻ بندر روڊ آهي. پاڻ بندر روڊ ڪان بہ تمام ڊگهو. رات جا اجا اٺ ڪنبہ ڪي مس ٿيا هئا. دڪان بند ٿي چڪا هئا. مرٽينگ روشنيءَ ۾ اسان سندن نالا پڙهڻ لڳاسين: نهال فارميسي، گرين ڪئبن (هتي جي بامبي بيڪري_ جنهن جا ڪيڪ هن مهنگائي ۽ ملاوت جي زماني ۾ بہ کائڻ لائق آهن)، شوپا، هوٽل درو، ليبرٽي سئنيما. ڪنال پٽيا علائقو ختم ٿيڻ تي بامبل پٽيا شروع ٿئي ٿو. ڪاپي پاسي ٽورنٽنايونيو ۽ لِلرس روڊ وغيره جنهن تي ريڊيو سري لنڪا اسٽيشن، سفارتخانا ۽ ٻيون خوبصورت عمارتون آهن. ڪراچيءَ جي ڊفينس سوسائٽي ڄڻ آهي.

ٽيڪسي گول روڊ وٺي هلندي رهي. پڪڊلي ڪيفي اوميگ اِن، جيم هائوس جويلرس، نوراني ڊپارٽمينٽ اسٽور، تاراچند شاپ، گريٽ وال چائنيز هوٽل، گولڊن گيٽ هوٽل،

تولارام اسٽور، سئوي هوٽل، ويلاوٽا مارڪيٽ، سامهون سفائر هوٽل. ٽئڪسي سگنل ۾ ٽرئفڪ ڪري ترسي ٿي. کاٻي پاسي رستي جي ڪپر تي دڪانن مٿان فليٽ جي بالڪنيءَ ۾ ويٺل ڪاڪو لال چند اسان کي ڏسي ٿو وٺي ۾ اسان کيس. ڏاڍي ڳالهه ٿي. سيڪنڊ انجنير کي چيم: ”ابا لهه. ٻه منٽ ئي سهي. هنن وٽ ليئو ضرور پاڻي پوندو، نه ته دل ۾ ڪندا.“

- ## ڪاڪو لالچند ۽ پاروتي

ٽئڪسيءَ کي پئسا ڏئي لهي پئون ٿا. مين گيٽ مان ٿي ڪاڪي لالچند جي فليٽ ڏي مٿي ڏاڪڻ تي چڙهياسين. ڪاڪو لالچند ۽ سندس گهر واري پاروتي هميشه وانگر ڪچهريءَ لاءِ آتا ويٺل ـــ ان ڪچهريءَ ۾ پاڻ فقط ڳالهائڻ جو پارٽ ادا ڪن. ٻڌڻ جو مهمان. سٺ ستر سالن کان ٻه جهونا ٽيندا. هتي جي وڏن واپارين مان آهن. پئسو اڻ ميو اٿن.

پنهنجي اڪيلي ڌيءَ سنيتا جي ڪجهه سال اڳ شادي ڪرائي هاڻ اڪيلا ۽ واندا. وار وٺيءَ تي بالڪني ۾ ويهي گول روڊ تي ايندڙ ويندڙ گاڏين ۽ ماڻهو ڏسن. سندن مرشد حيدرآباد جو هڪ مسلمان بزرگ آهي جنهن جون تصويرون ۽ حضرت عليءَ جا نالا پتين تي لڳل. ڪنڌ ۾ گنيش ڀڳوان جو بوتو پڻ رکيل. ڏاڪڻ وٽ 1978ع جو ڪئلينڊر جنهن تي ڪرشن پنهنجن گوپين سان گڏ ڏيکاريل!

پاروتي، ويهڻ سان گهر جون، جهاز جون ۽ ملڪ جون خبرون پڇي ٿي_ فقط پڇي ٿي جو جواب ڏيڻ کان اڳ سندس ٻيو سوال شروع ٿيو وڃي. ”ڪڏهن اچڻ ٿيو آهي ڪولمبو ۾؟“

”ديدي ڪالهه آيا آهيون.“ ٻئي سوال کان بچڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻو پيو. نه ته ان جي وضاحت ڪير ڪري ته ڪولمبو ۾ هيترا ڏينهن هوندي به اڳ نه آيائو؟

”پلا ڇا پيئندائو؟“ ڪاڪو لالچند رڌڻي مان هڪڙا نڙيل پڪوڙا ۽ نائيس بسڪيٽ (جن مٿان کنڊ ٻرڪيل ٿيندي آهي). ساسر ۾ آڻي ٽيبل تي سينگاري ٿو. ۽ سلوني نوڪرياڻيءَ کي چانهه ناهڻ لاءِ ننڊ مان اٿاري ٿو. پاروتي پڪوڙن جي واکاڻ ۾ اپ ۽ ڌرتي هڪ ڪري ٿي. ”هن منهنجي

گهوٽ کي (سندس مڙس اسي سالن جي پيٽي ۾ به هن لاءِ اجا گهوٽ آهي) منهنجي هٿن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ڪاڏو وڻي ڪونه. چوندو ڪُنو پلي هڪ پچي پر هجي تنهنجي هٿن جو."

"ديدي! چڏ هاڻ اهي ڳالهيون. هر ڳالهه جي ڄمار هوندي آهي. اسان توهان جي اولاد جيڏا به ان عمر کان نڪري ويا آهيون."

پر ديدي سو ڪٿي ٿي ٻڌي. پنهنجيءَ ۾ ئي شروع...

"چڱو چڱو گهڻو ڪئي. هاڻ منهنجي ڳالهه ٻڌ. اڄ مارڪيٽ ويس ته تازو ڪوتمير آيو هو. مون چيو چٽني ان جي واهه جي ٿيندي. يڪدم رڀئي جو ورتم. چوريءَ کي چيم ڪجهه پن سنئالا ته ڏي، ملڪ ۾ چڱو ڏسو ڪاهي پيو آهي. ٿوري دير اڳ اچو ها ته چٽني ڪارائين هان. پلا مانيءَ پور ڪائي ويندائو؟ چٽن جي دال منٽن ۾ ناهي وٺان. ڪتاڻ به رکي آهي. يا ڪٽي وچ. سمنڊ تي دل ڪچي ٿئي ته ٿوري چٽي چڏيندو ڪر."

"نه نه ديدي. جلدي ۾ آهيون." ڪيس جهليوسين. پاڻ وٺشنو آهن سو گوشت مڇي ته پري پر ڪڪڙ جو بيضو به نه کائين. سندن عقيدي موجب ڪنهن جي به جان نه وٺجي. ٿي سگهي ٿو آني ۾ به ٻچو ٿي ويو هجي.

## • جاوتري ۾ جاڦل

”سلون جو ڪھڙو حال آهي اڄ ڪلهہ؟“

”هن حڪومت ۾ آسرو آهي تہ سري لنڪا سڌرندو. هن حڪومت واپارين کي همٿايو آهي ۽ ڏارين کي سري لنڪا گهمڻ جون سهوليتون ڏنيون آهن. هن پيٽ جي وڏي آمدني سياحن مان آهي.“

”پلا هتي جي اصلوڪن رهاڪن جو توهان لاءِ ڇا رايو آهي ۽ هاڻ اهي ڏنڌي ڌاڙي ۾ ڪيئن آهن؟“

”اڃان تہ اسان اتي ئي آهيون ۽ اسان کي ڪڏي بہ نٿا سگهن جو سڄي واپار ۽ وڏين نوڪرين ۾ اسان ۽ ڏکڻ هندستان جا تامل نادو پکڙيا پيا آهيون. هتي جي ماڻهن کان ملڪ جو ڪاروبار هلي سگهندو سهي؟ ڪين فقط ننڊون ڪپن. سمهڻ جا سردار آهن. ڪين ڪائڻ لاءِ چانور. حڪومت طرفان مفت ملن. پوءِ اهي ڏاري جهڙا چانور ڪايو ستا پيا آهن. ٻيو نشو_ ارڪ شراب يا تاڙي. ڪن کي تہ ايڏي نشي جي ٻِٽ آهي جو هفتي جا مليل چانور پهرين ڏينهن ئي وڪڻي شراب پي

چڙهندا پوءِ ٻئي ڏينهن ڪان پنندا وتن. واپارَ ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ته ڪا سُڌ ئي نه اٿن. باتڪ ڪپڙي جي چرائي (اجرڪ وانگر) اسان ڪانئن پنجين ڇهين رپئي نهرايون ۽ دڪان تي سينگاري فارينرس کي پنجاهه سٺ ۾ ڏيون. ڪين خبر به نه. ڪين رڳو پورهئي ڪان به اڳ ڪجهه پئسا، نڙڪو عيش لاءِ ملي وڃن. پر هاڻ مڙيئي ڪجهه هوش ۾ ايندا وڃن، پر تڏهن به ويهه ٽيهه سال ڪن چڪي ويندا سين.“

چانهه پي يڪدم اٿي بيٺا سين. ”چڱو هاڻي الله توهار.“

”وري ڪڏهن ايندائو.“ ڪاڪي پڇيو.

”اڄ رات ئي Sailing آهي.“ آئون وري ڪوڙ ڳالهايان ٿو.

”تنهنجي اڱوات اڄڻ جي جاڻ هجي ها ته تولاءِ زمين تان ڪمال پٺ، دالچيني، جاوتري ۽ جاڦل گهرائي رکان ها. سري لنڪا ۾ منهنجي گهوٽ جو ته ڏاڏو 1882ع ۾ اچي رهيو هو ۽ ڪئنڊي پاسي زمينون به اٿن.“

هيٺ ٽئڪسيءَ لاءِ آياسين. پنج ڏهه منٽ گذري ويا ٽئڪسي نه ملي. هڪ همراهه فاڪس وئگن ۾ اچي رهيو هو تنهن لفٽ ڏني. پاڻ سڪيورٽي پوليس جو رٽائرڊ عملدار، تامل

هو. ساٿس گڏ سندس زال بہ ويٺل هئي. اسان جي پڇائڻ تي تہ نيويارڪ کان سلون لاءِ ڪارگو کڻي آيا آهيون ۽ جهاز تي ڪم ٿا ڪريون، هن ٻڌايو تہ سندس هڪ ڌيءَ نيويارڪ ۾ ڊاڪٽر آهي ۽ ٻي بہ بہ چار مهنا اڳ اتي هئي، پر هاڻ لنڊن ۾ انٽرنشپ لاءِ آئي آهي. ٽيون پٽ جهاز تي ريڊيو آفيسر ٿيڻ لاءِ ٽريننگ وٺي رهيو آهي.“

پاڻ اصل ڏکڻ هندستان جا آهن. پاڻ ٻڌايائون تہ پٽ کي نوڪري ملڻ بعد، سلون ۾ سندن هڙ ملڪيت وڪڻي، زال مڙس زندگيءَ جا آخري ڏينهن مدراس ۾ سڪون سان گذارڻ جو ارادو رکن ٿا_ جو هتي سري لنڪا ۾ هنن لاءِ حالتون، ڏينهون ڏينهن ڏکيون ٿينديون وڃن. هتي جا جهونا ۽ اصلوڪو رهاڪو، اسان کي پڙهيل ڳڙهيل ۽ نوڪرين ۾ ڏسي سڙن ٿا.” هنن ٻڌايو.

- **چنڊ تارا آٿڻ وارو**

اسان کي هوٽل ڪراڪ فورڊ ۾ اندر وڃي لاٿائون. بيٺل پوليس وارن ۾ سنترين ڪيس شايد سڃاتو. ادب سان سلوٽ ڪيائون. اسان ڏهه ڏهه رپيا داخلا في ڏئي اندر گهڙياسين. رگو فارينرس کي اندر اچڻ جي اجازت آهي. سري لنڪا جون فقط ڇوڪريون اچي سگهن ٿيون. اها ڪيڏ، هن هوٽل ۾ ان ڪري به ڪئي وئي آهي جيئن چڱن ڀلن خاندانن جون ڇوڪريون بنا راز فاش ٿيڻ جي هتي ايندي ون رهن. اوسي پاسي جي ڪيترن شهرن کان آيل ٽيهه چاليهه کن ڇوڪريون ڦري رهيون هيون. ڪي فارينرس سان نچي رهيون هيون، ڪي پي رهيون هيون. هو گهر ۾ اوڙي پاڙي وارن کي اهو ٻڌائين ته ڪولمبو شهر ۾ ڪنهن اسپتال، هوٽل، جهاز ران يا هوائي ڪمپني وغيره ۾ رات جي ڊيُوٽي ڪن ٿيون. سندن سولو شڪار ڌاريان آيل سياح، واپاري، ايمبسين جا ماڻهو ۽ جهازي ٿين. هڪ ٻاويهن سالن جي ٻڌ سلوني گيتا نالي ڇوڪريءَ ٻڌايو ته هن کي ذري گهٽ هر رات ڪو نه ڪو گراهڪ هن هوٽل ۾ مليو وڃي ۽ مهيني ۾ ڇهه ست هزار رپيا ڪمائي ٿيو وڃي. ”ماءُ پيءُ پوڙهو اٿم. وڏن ڀائرن کي به نوڪري ناهي. ڀينرن جي شادي اڃان نه ٿي آهي. امان کي گهر جي خرچ لاءِ

روز ٽيھہ چاليھہ رپيا ڏيان ۽ ڪيس ٻڌايو اٿم تہ ڪولمبو جي هڪ هوٽل ۾ نوڪري ڪريان ٿي ۽ اهي پئسا روزانو سروس ـــ ٽپ طور ملن ٿا. باقي پئسا بئنڪ ۾ رکندي وڃان. هڪ نون ڪمرن جو گھر ٺهرائي رهي آهيان، جنهن تي ڏيڍ لک رپيا خرچ ايندو. ٻن سالن کان پوءِ جڏهن ٺهي راس ٿي ويندو تہ پوءِ اهو مسواڙ تيڏئي هن مجبوريءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪنديس.“

ٽيويهن سالن جي اڇي رنگ جي برگر ڇوڪري ليوني، جنهن جي ماءُ ڊچ ۽ پيءُ سلوني آهي، تنهن جي بہ اهڙي ئي ڪهاڻي آهي: ”مان سوچي بہ نہ ٿي سگهس تہ مون جهڙي پڙهڻ ۽ راندين ۾ هوشيار ڇوڪري، اسڪول ۾ نمبر ڪٽڻ واريءَ جي زندگي، هتي اچي انت ڪندي. مائٽن جي لاڏلي ۽ ٻي اوني، سڄو ڏينهن هاٽ پينٽ ۾ گهٽين ۾ ڪڏن تي ٽپندي رهندي هيس. چار سال اڳ جڏهن مئٽرڪ ۾ هيس تہ اسان جي پاڙي ۾ رهندڙ هڪ پوليس ڪاتي ۾ نوڪري ڪندڙ ڇوڪري سان دوستي ٿي وئي. يقين ڪريو مان ان وقت ايڏي معصوم هيس جو مون کي سنائي ۽ خرابيءَ جي بہ خبر نہ هئي. مون کي پنجون مهينو پيٽ ٿي ويو تہ بہ مون کي ڄاڻ نہ پئي تہ ڇا مان ڇا ٿي ويو

آهي. انهن ڏينهن ۾ گهر جون حالتون بہ عجيب ٿي ويون هيون. امان گذاري وئي، بابو ٻي شادي ڪري آيو. ماٽيلي ماءَ ڪي جڏهن منُهنجي پرڪارن جي خبر پئي تہ باهہ ٿي وئي. مون سان همدردي ۾ مدد ڪرڻ بدران جنون پٽون شروع ڪري ڏنائين. آءُ رئندي ٻار جي پيءُ وٽ ويس. مون لاءِ چنڊ تارا آسمانجي جهول مان چني آڻڻ وارو ائين بدلجي ويو جيئن گڏهہ جي مٿي تان سڱ!هن تہ ڪيڏڻ لاءِ مون کي رانديڪو سمجهيو هو ۽ آئون هن جي واعدن ۽ ائڪٽنگ کي سچو سمجهي، هن جي هر حڪم کي مڃيندي آئي هيس. مون تان پنهنجي جان قربان ڪرڻ وارو ان گناهہ جو اعتراف ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ ٿيو. آئون سرڪاري اسپتال ۾ ٻار جي ڊليوريءَ لاءِ داخل وڃي ٿيس. ڪو مائٽ يا خير خواهہ نہ هو جو ڪٽي چانهہ جو ڍڪ بہ پياري. ڊليوريءَ بعد نوڪريءَ جو سوچيم. ماڻهو انگ اگهاڙو تہ رهي سگهي ٿو پر پيٽ بکيو ڪير رهي سگهي ٿو. پر نوڪري ڪهڙي ڪريان. ٻار ڪنهن جي حوالي ڪريان. رئندي پنهنجي ماٽيلي ماءُ ڏي ويس تنهن مون کي هيڏانهن جي ڳالهہ لاءِ رغبت ڏني تہ مون کي رنڊي ٿي رهڻو پوندو، جيئن ڪمائي مان پنهنجو، پنهنجي ٻار جو پيٽ پري

سگهان. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان ته ننڍي عمر جي ٿي ڪري ڇا وڏا وڏا ڪم ڪري رهي آهيان. ۽ اهو به سوچيندي آهيان ته مون جهڙيون ڪيتريون سوين هزارين غريب ملڪن جون ڇوڪريون هونديون جي ننڍپڻ جي بيوقوفين ۽ پيار پريل ٻولن ۾ اٽڪي، پنهنجي سڄي زندگي وڪڻي ڇڏينديون هونديون.“

- **سڄي رات رڳو پٽ پٽان**

هوٽل جي هال جي ڇت دونهين ۽ چونجهن ٻلبن سان پريل هئي. هڪدم گهڙڻ سان هڪ ٻئي کي چڱي طرح ڏسي به نه سگهجي. ڊائننگ فلور تي ڪجهه روشني هئي ۽ اسان ٻئي ڊانسنگ فلور جي پر واري ٽيبل تي ويٺل هئاسين. به دفعا ٻئرو ڊرنڪ پڇڻ لاءِ آيو پر اسان ٽڻائي وياسين. ڪوڪا ڪولا جا ساڍا چار رپيا لڳا پيا هئا. بيئر پنڌرهن رپياءِ ٽيون سنزانو شراب هو جنهن جو پيگ پنجويهه رپيا ڪن. ڪجهه نه ڪجهه اصول مطابق پنڻو ته هو پر في الحال اسان ڪوڪا ڪولا جهڙي سستي شيءِ کان به ٽڻائي وياسين. نيٺ مري مري ڏهه رپيا خرچ

ڪياسين ۽ ٻه ڪوڪا ڪولا گهرايونسين ۽ رپيو ٻئري ڪي ٽپ. پيئڻ تي دل ٻنهه نٿي وري. جو ان ئي وهم ۾ مري رهيا هئاسين ته خبر ناهي ڪيترن ڏينهن جي اها بوتل هجي. اسان جهڙن ملڪن ۾ ڪير ٿو صحت ۽ هائجن بابت سوچي ۽ پراڻو مال گراهڪن کي ڏيڍ ٻدران اچلي ڇڏي.

بوتل Vacuum_Tight به هجي يا نه ۽ ڪهڙي گئرنٽي ته شربت ۾ اهي ئي شيون پيل آهن جي اصل ڪمپنيءَ طرفان مقرر ٿيل آهن. جي ائين هجي ته پوءِ انگلنڊ ۽ بنگلاديش جي لڪس صابڻ ۾ فرق ڇو! پاڪستان ۽ آمريڪا جي سيون اپ ۽ ڪوڪا ڪولا جي لذت ۾ گهٽ وڌائي ڇو! سلون ۽ جاپان جي ساڳين نالن ۽ ڪمپنين وارين دوائن ۾ تفاوت ڇو___؟

اسان کي سٽيي آسامي سمجهي، ڊانسنگ فلور تان هڪ ٻڌ سنگلي ڇوڪري، ڪانتي نالي، اسان جي ٽيبل تي اچي ويٺي.

”هيلو انڊين ___؟“

”نو.“ اسان وراڻيس.

”پاڪستاني؟“ هن پڇيو.

”ڪو سياسي اعتراض!“

”نہ.“

اسان کي بور محسوس ڪندي ۽ جڏهن ڄمي ويٺي تہ سيڪنڊ انجنيئر پيئڻ لاءِ پڇيس:

”ڪوڪا ڪولا هلندي؟“ هن پنهنجي ڪوڪ آفر ڪيس.

”نہ ڊيئر. سنزائو پياريو.“هن نخرو ڪيو.

”ڇڏ يار، چرچا.گرميءَ ۾ ساهہ ٿو وڃي. پاڻ جهڙن غريب ملڪن ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي ئي مس مس نصيب ٿئي ٿو. پلا بيئر تائين گذارو ٿي سگهندو؟“ مون ڪلندي پڇيومانس.

”نہ هَني! مان سنزائو پيئنديس.“هنضد ڪيو.

”ماري ڇڏئي. هرويرو ٻئي جو کيسو خالي ڪندينءَ ڇا؟ هاڻ هڻ شيطان کي موچڙو اڄ ڪٽي ڪوڪ پي. مون کي خبر آهي تہ سنزائو جي نالي ۾ جام شربت بدران ”جام ڪوڪا ڪولا“ توهان کي ملي ٿي، ڇا ائين ناهي؟“

هوءَ کلي ٿي، آءٌ وڏيڪ پڇانس ٿو.

”پلا اهو ٻڌاءِ تہ شراب جي هڪ پيگ پٺيان توهان کي ڪميشن گهٽي ملي...؟“

هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي، جڻ هوٽل جو مئنيجر (سندس چواڻي ’باس‘) سندس مٿڪي وٽ بيٺو هجي. اسان کيس همٿايو. ٻڌاءِ ٻڌاءِ، پليز. ڊڄين ڇو ٿي. ڪنهن کي خبر پئي ته ٻه وڏ ۾ وڏ توکان هتي جي نوڪري کسيندا نه. اهڙي نوڪري ته تو جهڙي من موهڻيءَ کي، هتي جي هر هوٽل ۾ ملي سگهي ٿي.

نيٺ ڊڄندي ڊڄندي آهستي ٻڌايائين: ”فقط ٻه رپيا.“

”بس. ڇڳو پنج رپيا اسان کان وٺجانءِ ۽ اڄ ڪوڪا ڪولا ئي پيءُ. پنهنجي باس جي ايڏي ڪمائي ڪرائڻ مان ڇا فائدو؟“

”توهان جهازي نٿا لڳو.“هن چيو.

”توکي ڪيئن خبر پئي__؟“

”بس توهان جي ڳالهين ۽ ڪنجوسيءَ مان. واپاري آهيو؟“

”ڪلبن جي زندگيءَ تي ريسرچ ورڪ ڪري رهيا آهيون. ٽيسس لکڻ لاءِ. شاگرد آهيون. آمريڪا جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾.“

”پر آهيو ته پاڪستاني نه!“

”ها آهيون تہ پاڪستاني. لڳي ٿو تہ آمريڪن جي مقابلي ۾ پاڪستاني توڪي نٿا وڻن.“

”وڻن ٿا ان ڪري جو هو نقصانڪار نہ آهن. آمريڪن وانگر يا ٻين يورپين وانگر گهٽو پي جهيڙو نٿا ڪن. پر منجهن رڳو هڪ خراب ڳالهہ آهي. نہ پاڻ ننڊ ڪن نہ ٻئي ڪي ننڊ ڪرڻ ڏين. سڄي رات رڳو ٻَٽِ ٻَٽان.“

- **سچا هليا آهن پينگين وٽ...**

اسان جي زور سان ڪلڻ تي پر واري ٽيبل تان هڪ همراهہ اٿي اچي اسان کان اڙدوءَ ۾ پڇيو تہ پاڪستاني آهيو.

”ها خير؟“

”يار اسان بہ پاڪستاني آهيون. هڪ عرض آهي. اسان جي مدد ڪندائو؟“ هو پنهنجي ٽيبل تي ويهڻ لاءِ آفر ڪرڻ لڳو. آئون وڃي ساڻس ويٺس. پاڻ ڪراچيءَ جو هو بہ لائلپور جا ۽ بہ حيدرآباد جا سنڌي هئا.

”جهازي آهيو___؟“ مون پڇيومانِ.

”نه ادا_ اسان هتي گهمڻ جي ويزا تي گڏريل ٽن مهنن کان آيا آهيون ۽ نوڪري جي ڳولا ۾ آهيون. سوچيوسين ته من هتي ڪا ملي وڃي. سڄو ڏينهن آفيسن ۽ جهاز ران ڪمپنين جا ڌڪا پيا کائون.هرهڪ، ٻارهن هزار ڪن، هتي رهڻ جي دوران خرچ ڪري چڪو آهي پر اجان ڪو اميد جو ڪرڻو نظر نٿو اچي.“

”يار افسوس جي ڳالهه آهي جو توهان کي خبر ناهي کهڙي چرئي، سري لنڪا ۾ نوڪريءَ جي ڳولا لاءِ موڪليو آهي. هي ته سُچا هليا آهن پينگين وٽ ته عيد ڪڏهن ٿيندي“ وارو حساب ٿيو. هتي ڪان ته پنهنجي ملڪ جو ڪو حال آهي.“

”پنهنجي ملڪ ۾ جهاز جي نوڪريءَ لاءِ ’سي ڊي سي‘ ڏکيو ٿو نهي ملي. سو اسان ٻڌو ته يوناني جهازن تي، پاسپورٽ تي، ڪولمبو مان رکن ٿا. پر اسان ته جنهن به جهاز تي وڃون ٿا ته انڪار ۾ جواب ملي ٿو. هاڻ توهان ڪو ٻڌايو ته ڇا ڪريون.“

”افسوس جو مون کي ان بابت ڪو تجربو ناهي. پاڪستاني جهازن تي، جيڪي به خلاصي موڪليا ويندا

آهن. سي ڪراچيءَ جي ’گورنمينٽ شپنگ آفيس‘ چونڊ ڪري موڪليندي آهي ۽ ڪين C.D.C اها ئي ڏيندي آهي. باقي يوناني جهازن تي واقعي پاڪستاني ٿلهو پاسپورٽ تي هلندا رهندا آهن جي اٿينس يونان، ڪئناڊا يا ٻين ڏارين ملڪن مان وڃي چڙهندا آهن. ڪالهه ڪولمبو ۾ هڪ ’ڪئٽل_ شپ‘ آيل آهي، جيڪو آسٽريليا کان رڍون ۽ ڍڳيون ايران ڪٺي ويندو آهي. ان تي ڪافي پٺاڻ جهازي آهن انهن کان معلوم ڪري سگهو ٿا.اهو جهاز اسان جي جهاز جي ئي پر ۾ بيٺل آهي.“

آئون ڪانئن موڪلائي اٿيس. سيڪنڊ انجنير ياد ڏياريو تہ جهاز تي ڪٺي وڃڻ واري لانچ جو وقت اچي ٿيو آهي. جلدي جلدي ’ويلاوتا‘ مان ٽئڪسي ڪري بندرگاهہ جي گيٽ نمبرون وٽ اچي نڪتاسين. ڪسٽم ۽ پورٽ جي عملي ڪي رسمي ڪيڪار ڪري، اچي لانچ ۾ ويٺاسين.

# لِوَرپُول_(انگلنڊ)

## • هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون

مقبول ۽ اصغر (جونئر انجنير ۽ اليڪٽريڪل انجنير) جهاز تي ڪنجوس مشهور آهن. مقبول هڪ ڏينهن ڇَتِي وٺي آيو. ڪنهن چيو مقبول جهڙو ڪنجوس ماڻهو ڇَتي ڪيئن وٺي آيو آهي. انگلنڊ ۾ مينهوڳي تہ هن ڪان اڳ بہ هوندي هئي. اڳ ۾ تہ ڪڏهن بہ هن کي اهڙو خيال نہ آيو هو.

”بس يار ڦاسي ويو. مينهن اچي ورايس سو مجبوريءَ ڪري ورتائين.“ هڪ ٻئي چيو.

”بهرحال کوڙو لڳي تہ ڪونہ ٿو تہ مينهن لاءِ ڪري چاليهہ رپيا (ٻہ پائونڊ) خرچ ڪندو. ان ڪان تہ هو مينهن ۾ پُسي پت ٿيڻ بهتر سمجهندو آهي.“ ٻئي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي.

”سو ڪير ٿو چوي تہ هن پاڻ کي مينهن ڪان بچائڻ لاءِ ورتي، هن تہ سامان کي پسڻ ڪان بچائڻ لاءِ ورتي. پنهنجي جان ڪان وري بہ ڪيس خريداري پياري آهي.“

---

اصغر نيٺ پڙ ڪڍي ٻيهي رهيو ته هن کي ڪنهن به صورت ۾ موڪل گهرجي جو سندن گهر ۾ حالت صحيح ناهي. جهاز کي ته وطن پهچندي پهچندي اجان مهنو لڳي ويندو. آخر فيصلو ٿي ويو. ڪنهن چيو:

”اصغر ٻاءِ ايئر ڪراچيءَ پيو وڃي، سو به پنهنجي خرچ تي.“

”ڪمال آهي! واقعي ضروري ڪم ٿي پيو اٿس نه ته ڪنجوس ماڻهو شهر جو شهر هلڻ لاءِ به بس جو ڀاڙو نه ڏئي، سو هوائي جهاز جي لوورپول کان ڪراچي به هزار به سو رپيا ٽڪيٽ ڪيئن ڏيندو.“

”2200 رپيا نه پر 2150 چئه. 50 رپين جو جهاز جي باٿ روم مان شئمپو يا عطر نه ڪڍندو ڇا؟“

---

لنڊن ۾ رهندڙ هڪ پاڪستاني ڊاڪٽر اسلم گهلوءَ ٻڌايو ته انگريزن کي ان ڳالهه تان خار ٿي لڳي ته هنن جي

گهٽين ۾ رهندڙ پاڪستانين جي گهرن مان منجهند ڪان ٻوڙ ۽ مسالي سڙڻ جي ڌپ ٿي اچي.

---

اسلم گهلوءَ کان پڇيم ته ”انگريز پيريءَ ۾ نوڪري يا اوور ٽائيم نه ڪن ڇا؟“

”اهي رڳو آچر جي اخبار جا معما پرين ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ليٽي، ان ۾ بدن سيڪين.“

پاڻ ٻڌايائين ته الغوزي تي ڌن وانگر انگريزي Jazz آهي منجهس Thrill توري دير ڪانپوءِ ٿي اچي. وري به الغوزي يا بينن وارو سر ۾ جهٽ اچي ويندو آهي، پر Jazz وارو وقت ٿو وٺي.

---

لنڊن ۾ رهندڙ سنڌ يونيورسٽي جي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ جي هدايت الله ميمڻ ٻڌايو ته اسان وٽ غريب ماڻهو معنيٰ هن وٽ ٿي ويلا ڪاڻ لاءِ ۽ سرديءَ کان بچڻ لاءِ ڪپڙو به نه هوندو. پر هتي يورپ ۾ ڪوچوي ته هو غريب آهي معنيٰ هن جو مطلب آهي ته سال ۾ هو هڪ دفعي ڪان وڏيڪ ڪناري

(Canary)يا هوائي (Hawaii)ٻيٽ تي موڪلڻ لاءِ نٿو وڃي سگهي.

---

هئمبرگ جي سينٽ پولي علائقي ۾ هڪ پاڪستاني احمدي ڇوڪرو مليو. پاڻ پاڪستان مان غيرقانوني طور تي هتان اچي نڪتو هو. پنج ڇهه مهينا پيزا ٺاهڻ واري هوٽل ۾ بصر وڍڻ جو ڪم ڪيائين. هاڻ بئريگيري. ڪائنس پڇيم تہ اڄ ڪلهہ جرمني ۾ ڏارين کي اچڻ نٿا ڏين. خاص ڪري ايشيا جي ماڻهن کي ۽ جيڪي غيرقانوني اچي چڪا آهن انهن کي بہ لڏائين پيا. پاڻ ڪيئن هتي رهجي ويو آهي.

ٻڌايائين تہ هو ڪجهہ مهنا لڪندو رهيو. ”پوءِ هڪ ڏينهن، جڏهن مون کي ڪٽي جهليائون تہ غيرقانوني طور چوهتي ٽِڪي پيو آهيان تہ اهو بهانو ٺاهي همدردي حاصلڪيم تہ آئون قادياني آهيان، ان ڪري مون تي پاڪستان ۾ ظلم ڪياويا. گهر ساڙيو ويو. هاڻ واپس ملڪ ويندس تہ اتي جا ماڻهو مون کي ماري رکندا. اهو ٻڌي، هتي جي حڪومت سچ سمجهي، مون کي همدردي طور اجازت ڏئي ڇڏي

تہ هنن جي ملڪ ۾ پلي هميشہ لاءِ رهي پوان.“ هو ڪلڻ لڳو ڇڻ ڪو وڏي سورهيائيءَ جو ڪم سر انجام ڏنو هجيس.

هئمبرگ جي ريلوي اسٽيشن تي هڪ ٿلهي آفريڪن عورت ويٺي هئي. چيف آفيسر ۽ آئون ڪائنس پڇندا رهياسين تہ ڪهڙي ملڪ جي آهين؟ سندس مڙس باٿ روم ۾ ويل هو. ”گهانا...؟ ڪينيا...؟ نائجيريا...؟“ اسان ڏڪا هڻندا رهياسين، پر هوءَ بہ ٻڌائي نہ. چئي پاڻهي سلهيو. چيف آفيسر چيو: ”پيچ تہ پڇون، اڇو تہ سندس راڪاس جهڙو مڙس باٿ روم مان نڪتو ۽ اسان جا سرنهہ جا ڏاٽا ڪري ڇڏيندو.“

اسان کي ويندو ڏسي ٻڌايائين تہ هوءَ ٽانگانيڪا جي آهي. سڄي گوري اچي ملڪ ۾ هڪڙي ڪاري عجيب لڳي رهي هئي! ڪائنس موڪل وٺي اسان ساڻس گڏ فوٽا ڪيدايا. اسان کي ڏسي اوسي پاسي ۾ ويٺل ٻيا جرمن بہ فوٽو ڪيڻ ۾ لڳي ويا.

آفريڪا ۾ ائين ڪڏهن بہ ڪاري ماڻهوءَ سان گڏ فوٽو ڪيدائڻ جو شوق نہ ٿيو. پر هتي اها نئين ڳالهہ لڳي رهي هئي.

خير ڪارا تہ اسان بہ ٿياسين پر اسان اهي ڪاريون مينهون آهيون جي پيچ ڪارين ڏٺين تان ڪِلون.

---

ڊئنمارڪ جي هڪ سئنيما هال ۾ انگريزي فلم ڏسڻ وياسين. فلم جا پوسٽر ڊئنش زبان ۾ لکيلهئا. فلم "Walking Tall" هئي پر ان جو ڊئنش ترجمو "پيار منهنجو آخري هٿيار" (لوازماءِ لاسٽ وئپن) رکيل هو. هڪ هتي جي همراهہ ڪان فلم جو نالو پڇيم تہ ان ڊئنش ۾ ترجمي وارو نالو ٻڌايو تہ "پيار منهنجو آخري هٿيار" آهي. اسان بہ اها فلم نئين سمجهي ٽڪيٽ وٺي اندر ويناسين تہ خبر پئي تہ فلم Walking Tall آهي. ٻاهر ٽڪيٽ واري سان اچي جهيڙو ڪيوسين. تنهن چيو تہ اها تہ ڪا نئين ڳالهہ آهي ڪانہ. اسان انگريزي فلمن جا ڊئنش ۾ ترجما پنهنجي مرضي سان ڪندا آهيون. (جيئن اسان وٽ `Trap` فلم جو ترجمو 'خوفناڪ ماڻهو' ٿيو هو. ڪي ڪي تہ اسان وٽ بہ ڪمال جا ترجما ٿيندا آهن. هڪ دفعو بندر روڊ جي هڪ سئنيما وارن Lolita فلم جو ترجمو "لونڊي باز حسينا" لکي وڻ تي پوسٽر هٽي چڙهيو هو.)

بهرحال اسان جي جهيڙي مان وريو ڪجهہ ڪونہ. ڇُيڙي ڪري اچي فلم ڏٺيسين. فلم سٺي هئي. ان کان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي انگريزي فلمون ڊئنمارڪ ۽ ناروي جي اڌ کان وڌيڪ سئنيما هالن ۾ هلن. هتي جا ماڻهو انگلنڊ ۽ آمريڪا کان ڏاڍو متاثر ٿا ڏسجن. ساڳيو حال يورپ جي ٻين ملڪن جو آهي.

# راسٽڪ_ايسٽ جرمني

- ## لوهي پڙدي Iron Curtain جي هن پار

اڄ هتان ڪوچ ڪري رهيا آهيون. راسٽڪ (اوڀر جرمني) بابت ڪجهه ڳالهيون:

سوشلسٽ ملڪ آهي. گهٽي آزادي ناهي. جهاز اچڻ وڃڻ وقت سخت چڪاس ته متان سندن ڪو ماڻهو ڀڄي ته نٿو وڃي. پولينڊ،روس، بلغاريا وانگر هيٺ ڏاڪڻ تي به سنتري بيٺل، جيڪو چوويهه ئي ڪلاڪ هر ماڻهوءَ جي ايندي ويندي چڪاس وٺي ٿو ۽ وقت درج ڪري ٿو. شهر وڃڻ وقت ان کي پنهنجو پاسپورٽ (C.D.C) ڏئي وڃڻو پوي ٿو ۽ واپسي تي کڻڻو پوي ٿو. جهازين لاءِ بندرگاهه ۾ ”ڊيوٽي معاف دڪان“ آهي جتي هنن جي حساب سان شيون سستيون ڏنيون وڃن ٿيون. شهر ۾ سختيءَ جي باوجود ڪيترن هنڌن تي سولائيءَ سان ڊالر بيٺي اگهه تي مٽجيو ملن ٿا. سو ظاهر آهي جهازين جو گهڻو حصو، شهر مان بليڪ تي مٽائي. هتي جي ماڻهن جو ان

سلسلي ۾ هڪ ئي جواب تہ ڊالر پائونڊ گڏ ڪري هن ملڪ مان پيچڻ چاهيون ٿا.

هتي جي هڪ عورت مسز پاليڪ سان بس اسٽاپ تي ورتل انٽرويو جا ٽڪرا:

”... اسان ٻين ملڪن ۾ گهمڻ لاءِ بہ نٿا وڃي سگهون، سواءِ سوشلسٽ ملڪن: بلغاريا، رومانيا، چيڪوسلاويڪيا وغيره جي. هتي اسڪولن ڪاليجن ۾ جرمن ۽ روسي زبان پڙهائين. انگريزي مون پنهنجي مڙس کان سکي آهي، جيڪو جهاز تي خلاصي آهي. هتي گهڻو تڻو سامان روس جو وڪامي ۽ اسان جي ملڪ جو ڪچو سامان بہ جهڙي تهڙي اگهہ ۾ روس وڃي. (جيئن آزادي کان اڳ انگلنڊ ۽ انڊيا ڪنڊجو حساب ڪتاب هو) ٻين ملڪن جون شيون لڪ ڇپ ۾ ۽ بليڪ تي وڪامن.“

هتي، ويسٽ جرمني ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جي پيٽ۾ پگهار گهٽ، شيون مهانگيون ۽ اڻ لڀ آهن. مقابلو نہ هجڻ ڪري هر شيءِ جو معيار ڪريل. شهر ۾ اشتهارن جون نيان بتيون ۽ جهرمر جهرمر گهٽ.

”ويسٽ جرمني کي سنو ٿا سمجھو يا هن پنهنجي ايسٽ جرمنيءَ کي؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”گهمڻ ۽ ڪمائڻ لاءِ ويسٽ جرمني سٺو آهي پر رهڻ لاءِ ايسٽ جرمني. اسان جي ايسٽ جرمنيءَ ۾ اهڙا ساڳالهہ آهي تہ برايون نہ آهن. مثلاً: چوري، ڌاڙا، غندا گردي کلي عام فحاشي وغيره بلڪل نہ برابر آهن. جيڪي ويسٽ جرمني يا ٻين سامراجي ملڪن ۾ آهن.“

”پوءِ بہ توهان هتان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا رهو ٿا. ڇو ڀلا؟“

”بس. شايد، ان هوندي بہ اسان ڪنهن شيءِ جي کوٽ محسوس ڪريون ٿا_ اها آهي شخصي آزادي. ان کان علاوه اسان جو هي ملڪ، جيڪو ظاهري طرح تہ سوشلسٽ ملڪ سڏجي ٿو، پر حقيقت ۾ Police State هجڻ ڪري هر وقت خوف ۽ هراس جي زندگي بسر ڪيون ٿا.“

”باقي اڌ (مغربي) جرمني بابت تنهنجا احساس ڇا آهن؟“

”منهنجا مائٽ مغربي جرمني ۾ بہ آهن. ٻي جنگ عظيم دوران منهنجي ماءُ نانيءَ وٽ گهمڻ هِن پاسي آئي هئي.

جتي آئون ڇايس. پوءِ پيءُ وٽ وڃڻ کان اڳ اسان Iron Curtain ذريعي الڳ ٿي وياسين. ٻن ماڻهن کي ڌار رکي سگهجي ٿو پر هڪ جسم کي اڌ اڌ ڪرڻ ڪيڏو عذاب آهي. ايسٽ جرمني ۽ ويسٽ جرمني ٻہ هڪ ئي جسم آهن. هڪ ئي جان. پر خير وقت وقت ۾ قسمت قسمت جي ڳالھ آهي، سائين.“

ايسٽ جرمنيءَ جي هن شهر راسٽڪ مان، بلغاريا جو ٿهيل، بصرن ۽ ونگين جو آچار ورتم. ڪئميرا لاءِ روسي فلمي رول، پڪين ڦاسائڻ لاءِ پولينڊ جو امپورٽ ٿيل ڪوڙڪو، رومانيا جو پلاسٽڪ مان ٺهيل بڪ_ شيلف ۽ هتان جا ڪيڪ پيسٽريون پڻ ورتم.

هڪ پاڻ جهڙو ڪارو ايشين نظر آيو. خبر پئي تہ هو هندستان جو وڏو واپاري آهي. هتي مال جي بدلي مال موڪلڻ جي سلسلي ۾ واپاري دوري تي آيل آهي. پاڻ ٻڌايائين تہ روس ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن جي سڪي جي دنيا ۾ ڪا ٻہ ساک ناهي، ان ڪري هنن ملڪن سان واپار ڪندي هرڪو

ڪيبائي ٿو پر هڪ اهو بارتر طريقو ئي ڪامياب رهي سگهي ٿو. خاص ڪري اسان جهڙن غريب ۽ پٺتي پيل ملڪن لاءِ.

# سئم ڪانگ ــ چين

## • ٽولهہ گهٽائڻ جا جَتن

سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ ڪجهہ ڏينهن ترسڻ بعد اسان جو جهاز چين جي بندرگاهہ سئم ڪانگ ۾ آيو. چين جي ڪنهن بہ شهر ۾ نہ سنگاپور، هانگ ڪانگ جهڙا شاپنگ سينٽر ۽ نہ آمريڪا يورپ جهڙيون سئنيمائون ۽ رونقون. ڪلب يا بازاريون تہ آهن ئي ڪونہ. جتي گهمجي. چين ۾ وڏ ۾ وڏ جهازين لاءِ هڪ فرينڊ شپ اسٽور نالي دڪان، ۽ ٽيبل ٽينس کيڏڻ ۽ مائوءَ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ هڪ سيــ مين ڪلب آهي.

سو جڏهن ٻيو ڪو ڪم ڪار نہ هوندو آهي تہ ڪئپٽن، چيف آفيسر، سيڪنڊ انجنير ۽ آءٌ شام جو گڏجي واڪ لاءِ نڪرندا آهيون. رستي جي ٻنهي پاسن کان ڀِتائي گجر، مٽر، پالڪ ۽ ميٿي جهڙيون ڀاڄيون، پري پري تائين پکڙيل نظر اينديون. رستي جي ڪپرن تي چيني ٻار، ڪڪڙيون، بدڪون ۽ اڇي ۽ پوري رنگ جا سوئر. ٻارن جون

ڇڏيون پوري وچ تان ڪٽريل جيئن هنگڻ مٽڻ مهل ڇڏي خراب نہ ٿئي. ننڍو ٻار اسان ڏارين کي وائڙن وانگر ڏسي ٿو ۽ اسان هن کي.

ميل بہ اوت موت پنڌ ڪري پنهنجو پاڻ کي خوش رکڻ_ يا دوکو ڏيڻ لاءِ پنڌ جون تعريفون ڪندا آهيون.

”جيڪو ماڻهو روز بہ ميل پنڌ ڪري ٿو“ ڪئپٽن خالد علي خان انڪشاف ڪيو ”اهو پيريءَ تائين چاق چڱو ڀلو رهي ٿو. ٻوڙ جهڙي ٻي سني ۽ سولي ورزش تہ آهي ئي ڪانہ. خاص ڪري پيٽ کي اندر رکڻ لاءِ.“

”پيٽ جي ڪل کي آڱوٺي ۽ آڱر ۾ جهلي ڏسجي. جي اڌ انچ کان ٿولهہ وڌيل نظر اچي تہ معنيٰ خطرو آهي ۽ ورزش وڌائڻ کپي.“ سيڪنڊ انجنير ٻڌايو.

”جهاز تي پيٽ گهٽائڻ جي بهترين ورزش هيٺ ۾ هيٺ لهڻ چڙهڻ آهي يا ڏنڊ ڪڍجن.“ چيف آفيسر چيو ”پر امتحانن تي لهڻ وقت، سڄو سڄو ڏينهن هڪ هنڌ وهڻ ڪري ماڻهو ٻي ٻولو ٿيو وڃي. پاڻ وٽ اهڙا بندوبست ڪونہ آهن نہ تہ روز شام جو وڃي سئمنگ ڪجي، يا جمناسٽڪ ڪجي. بس هڪ ٻوڙ ئي آهي.“

”يار اسان تہ ان ڊوڙ لاءِ بہ ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿياسين.“ مون چيوءِ ڪين Apprentice واري دور جو چرچو ٻڌايو تہ اسان سان ان ڊوڙ ڪهڙي تعدي ڪئي هئي. ”پيٽاروءِ مئرين اڪيڊمي ۾ لڳاتار پي تي پريڊ ڪرڻ بعد ڪراچيءَ ۾ جڏهن چڙواڳڻ واري زندگي مليسين تہ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اسان سوچيو تہ اها ڳالهہ غلط آهي تہ رڳو All work no play وارو حساب رکجي. ٻيو نہ تہ صبح جو سوير اٿي ڪجهہ ميل ڊوڙجي. اسان سڀ، هاسٽل بدران، ڌار ڌار شهر جي مختلف هنڌن تي رهندا هئاسين. مون سان گڏ هڪ ٻيو ڪلاس ميٽ چيف انجنير سيف الرحمان، نارٿ ناظم آباد جي حيدري علائقي ۾ رهندو هو. ڇڏيون تہ اڳهين رکيون هيون باقي صدر مان وچي ربڙي بوٽ وٺي آياسين ۽ اهو پهہ ڪيوسين تہ صبح جو سوير منهن اونداهيءَ ۾، حيدري جي بس اسٽاپ ڪان وٺي ايل بلاڪ تائين_ اٽڪل بہ ميل ڪن، اوٽ موٽ ڊوڙنداسين.

- **هر مورچي تي رول ڪتا**

”ٻئي ڏينهن، صبح ساڻ، باڪ ڦٽڻ ڪان چڱو اڳ، وڏي شوق مان ربڙي بوٽ ۽ ڇڏيون پائي ڊوڙڻ لاءِ نڪتاسين. سڀ

ڪجهہ صحيح ٿيندو رهيو. پر ايل بلاڪ جي چوواٽي ڪان ٿورو اڳ ڊامر جي خالي ٻرمن ۾ ٽي چار ستل ڪتا، اٿي ٿا اسان جي ڪڍ لڳن. پوءِ تہ سائين اسان سان حالت هجي. ايل بلاڪ جو مقرر هنڌ بہ پنيان رهجي ويو پر اسان سڌو نيو ڪراچي ڏي ڊوڙندا وياسين. اهي ڪتا ٿورو ڊوڙي، ٿڪا ئي مس تہ ٻين ڪتن وارو وٺاين. اسان ڪي پنهنجو پاڻ تي رحم پئي آيو تہ ڪتا آهن سو `Relay – Race` پيا ڪن ۽ اسان `Country_Cross` ڊوڙ جي مصيبت ۾. بهرحال 'سخي حسن' جي قبرستان وٽ پهچائي پوءِ ڪتن جان ڇڏي. تن ڏينهن ۾ نارٿ ناظم آباد اجان ايترو آباد نہ ٿيو هو. فقط ڪجهہ گهر ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ دڪان حيدريءَ وٽ هئا، ٻيو مڙيئي خير. اسان سان جٺ تہ ڏاڍي ٿي. آيا ساهہ ڪٽي هڪٻئي کي چيوسين تہ يار ڪجهہ عقل جي ڊوڙ ڪيون ها ۽ سڌو ڀڄڻ بدران پويان پير ڪيون ها تہ هيستائين گهر پيڙا بہ اچي ٿيون ها ۽ ڪتن جي بہ فقط هڪ ٻٽيلن سان مقابلو ڪرڻو پوي ها_ پر هاڻ گهر تائين ڪيئن موٽجي. هر مورچي تي رول ڪتا منهن ڪڍيو ويٺا هوندا.

”خير سائين، پرهه ڦٽي. پوءِ جڏهن سورج شاخون ڪڍي صبح جو اعلان ڪيو تڏهن هڪ ڪنارو بس ماڻهن سان ٺپ، نيو ڪراچي ڪان ايندي نظر آئي. منجهس ويهڻ يا بيهڻ جي جڳهه تہ نہ هئي، پر ٻاهر ڏنڊي ۾ ئي هٿ وجهي، لڙڪندا اچي گهر نڪتاسين. واٽ تي اسان رستي تي بيٺلن کي ۽ رستي وارا اسان کي ڏسندا رهيا تہ هي چڙين ۽ گنجين ۾ ڪهڙا مسخرا. سرڪس جا ڪرتب ڪندا وڃن.

”سيف الرحمان ڪان، گهر اچي پڇيم تہ جيڪي ٿيو سو ٿيو پر هاڻ هنن ربڙي بوٽن جو ڪو ”فيوچر“ نہ هجي تہ پلي پاڙي جي ٻارن کي ”پريزنٽ“ ڪري ڇڏيون تہ پائي ڪرڪيٽ کيڏن.“

”هن خواري ڪانپوءِ اڃان بہ ڪا سڌ يا شونق ٻوڙڻ جو باقي رهيو آهي ڇا_؟“ سيف الرحمان سڙي ڪامي ورندي ڏنيهئي. سو اهي آهن ٻوڙجون خبرون.

# چين جو بندرگاهہ شنگھائي

ٻن ڏينهن جي لڳاتار سفر ڪانپوءِ، رات جهاز ڪنهن وقت شنگھائي بندرگاهہ جي ٻاهران، لنگر اچي ڪيرايو. صبح جو اٺيس تہ ڪنهن جو آواز ڪن تي پيو تہ اسان جو جهاز ”يوانگستي“ نديءَ جي ڇوڙ وٽ بيٺو آهي. ”يوانگستي_!“ اهو نالو ٻڌڻ سان مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪن پل لاءِ دل ڌڙڪڻ بند ڪري ڇڏيو. يوانگستي، نيل، اميزان، ڊئنيوب، ميڪانگ، وولگا، زئمبيزي، دجلہ،فرات، گنگا، برهمپترا،امُودريا، سنڌو دريا_ هي اهي ئي تہ نالا آهن جيڪي ننڍي هوندي هر وقت زبان تي هوندا هئا، ۽ جن ڪري جاگرافيءَ ۾ هميشہ مٿاهون نمبر کڻندو هوس.

ٻاهر نڪري يوانگستي نديءَ جو سنڌو ۽ نيل جهڙو ميرو ميٽوڙي رنگ جو گپ سان ڀريل پاڻي ۽ ويڪر ڏسڻ لڳس. دل ئي دل ۾ اهو سوچي عجيب محسوس ٿي رهيو هو تہ اسان هن وقت چين جي حدن ۾ آهيون. صدين کان وٺي چين سونهن، نزاڪت، سينگار، حسن ۽ رونق جي علامت پئي رهيو آهي. ننڍي هوندي ڪهاڻين ۾ پڙهيل، جيڪا حسين شهزادي هوندي

هئي، جنهن جو بدن ريشم جهڙو نرم ۽ گلاب جي ٽاريل گل جهڙو سهڻو هوندو هو، اها چيني ئي هوندي هئي. الف ليليٰ جي داستان جو شهزادو، جڏهن پلجي ڪنهن نرالي ماڳ تي وڃي پهچندو هو ته اهو چين ئي هوندو هو، جتي سنگمرمر ۽ عاج تي ڪم ٿيل پٿين ۽ ڇتين وارا گهر هوندا هئا. جتي سهڻيون ۽ نازڪ ڇوڪريون پاڻ کي پالڪين ۾ کڻائي بازارن جو نظارو ڪنديون هيون. عورتون ۽ مرد عام ڏينهن تي به اطلس ڪيمخواب، زري زربفت جا ڪپڙا پهري پسار ڪندي نظر ايندا هئا.

ڪا ڇوڪري پنهنجي محبوب کي ڏوراپو ڏيندي هئي ته به چيني ڇوڪريءَ جو_ ته اهڙو جي پاڻ کي سمجهين ٿو ته وڃي ڪنهن چيني ڇوڪريءَ سان شادي ڪر. فقط چيني ڇوڪريون ئي حسن ۽ سونهن، نزاڪت ۽ ناز جون ديويون سمجهيون وينديون هيون _ جن جي اڳيان پريان سوين خذمتگار هوندا هئا. اتي جون ٻيڙيون سون ۽ چانديءَ جي تارن ۽ ورڪن سان مڙهيل ۽ سينگاريل هونديون هيون، جيڪي ڪير جي ندين ۾ هلنديون هيون. عام ٻيڙيون به عاج، شاهه بلوط، ڪافور ۽ خبر ناهي ڪهڙن قيمتي ڏاتن ۽ ڪاٺن مان ٺهيل،

ٻڌيون هيون. پنهنجي ننڍپڻ جي اهڙي وچايل حسين خواب کي آئون يوانگستي نديءَ جي آس پاس ڳولڻ لڳس. اوسي_ پاسي ۾ ٻيا ٻه چار پنج ڏارين، ملڪن جا جهاز لنگر ڪيرائي اندر وڃڻ لاءِ پائلٽ جو انتظار ڪري رهيا هئا. ڪجهه ٻيڙين ۾ چيني مهاڻا ٻارن ٻچن سميت مڇيون ڦاسائي رهيا هئا_ يا ڦاسائڻ لاءِ ٻاهر کلئي سمنڊ ڏي وڃي رهيا هئا. تمام رواجي، ساديون (پر مضبوط) ڪاٺ جون ٻيڙيون هيون.مردن ۽ عورتن کي هڪ جهڙا پراڻا_ گهٽي ڏوپ ڪري ڦٽي ويل، بلو رنگ جا ڪپڙا ڍڪيل هئا، جن تي ڪيترن هنڌن تي ٻئي رنگ جي ڪپڙن جون چتيون لڳل هيون. اونهاري جي ساڙيندڙسج ۾ مرد ۽ عورتون هٿن سان چپو هلائي رهيا هئا. ڪنهن ڪنهن ٻيڙيءَ ۾ ڪا عورت يا مرد وچ تي ٻيهي منجهيل رسا ۽ رڇ ٺاهي رهيو هو. اسان جي جهاز پرسان جنهن وقت اهي ٻيڙيون لنگهيون ٿي، ته ان ۾ ويٺل چيني مردن توڙي عورتن کي چتائي ڏٺو ته هنن جا هٿ ۽ جسم نرم ۽ نازڪ هجڻ بدران، اسان جي هاريءَ جي هٿن جهڙا سخت، کهرا ۽ سگهارا هئا _ هي چين سوين سالن کان قصن ۽ ڪهاڻين ۾ ٻُڌل چين کان مختلف، مائوءَ جو چين

آهي، جنهن جي علامت پورهيو، محنت، سادگي ۽ ايمانداري آهي.

## • آمريڪا جو جهونو پائلٽ چين ۾

ٽن ڏينهن بعد سڀاڻي شنگهائي ڇڏي رهيا آهيون. شام جو هتي جي سي مين ڪلب جي چيئرمئن، جهاز جي ڪجهه عملي کي چانهه پارٽي جي دعوت ڪئي هئي. صبح جو ڪو پروگرام نه هو سو باقي بچيل پئسا ڪٽي فرينڊشپ اسٽور ۾ خرچڻ لاءِ نڪتس. رستي تي ففٿ انجنير اسد پٺتي مليو جو پڻ اوڏانهن وڃي رهيو هو. صبح جو وقت هجڻ ڪري ايترا گهڻا ماڻهو نه هئا. هڪ ڏينهن اڳ، جيڪي پي آءِ اي جا ماڻهو نظر اچي رهيا هئا سي به نظر نه آيا. شايد سندن اڏام هتان رواني ٿي وئي هئي.

بچيل چيني پئسن جي خريداري ڪري، پٺيءَ کي چيم ته هل ته Peace_Hotel هلون، جتي ڪيترائي انگريزي ڳالهائيندڙ هوندا. ٻيو نه ته ڪو انگريزي رسالو يا ڪتاب ئي انهن کان ملي وڃي جنهن ۾ ٻاهر جي خبر چار ملي سگهندي.

ياد رهي تہ هتي چين ۾ ڪنهن بہ ڏارئين ملڪ جو رسالو يا ڪتاب بڪ اسٽال تان نہ ملي. سي مين ڪلب، فرينڊشپ اسٽور يا شهر جي ٻين اسٽالن تان فقط مائو لينن، مارڪس جا، يا انهن بابت، مختلف زبانن: انگريزي، عربي، فرينچ، بنگالي، اڙدو، هندي، آفريڪن وغيره ۾ ملن. اسان جيئن تہ يڪن ٽن چئن مهنن کان، پنهنجيملڪ کان ٻاهر هئاسين ۽ گذريل مهيني ٻن کان چين جي مختلف بندرگاهن: دهرين، شن تائر، سئم ڪانگ وغيره ۾ هئاسين، سو آندل ڪتاب ۽ رسالا سڀ ختم ٿي چڪا هئا ۽ ڪجهہ پڙهڻ لاءِ ٻاتاڙا هئاسين.

سي مين ڪلب کان ٻاهر نڪتاسين تہ هڪ قداور جوان، چند قدم اسان کان اڳيان ويندو نظر آيو. هڪ ٻئي کي ڏسي ’هيلو‘ چيوسين. شنگهائي جيتوڻيڪ چين جي وڏن شهرن مان آهي ۽ آدم شماري جي لحاظ کان تہ ٽوڪيو ۽ نيويارڪ جي مقابلي جو آهي، پر سياح نظر نہ ايندا، جيڪي ڪجهہ ملندا سي رڳو سي مين ڪلب، فرينڊشپ اسٽور ۽ ان پيس هوٽل اڳيان. چين ۾ ٻاهريون آيل ڪٽي هانگ ڪانگ، سنگاپور يا انڊونيشيا جو چيني هجي، پر تہ بہ سندس اوچن ڪپڙن مان سڃاڻي سگهبو تہ هي هتي جو چيني نہ آهي. هتي

جي چيني ماڻهن جي سادگي، ايمانداري ۽ محنت سان ڪو بہ نہ پڄي سگهندو. سو هتي آيل سپڊاريان هڪ ٻئي لاءِ پنهنجا ئي محسوس ڪندا آهن. ان اصول تحت ان قداور گوري همراهہ سان هيلو ڪندي پڇيو مانس تہ آمريڪن آهين؟ جيتوڻيڪ پڪ ڪانہ ٿي جو چين جا آمريڪا سان اڃان هاڻ تعلقات ٺهيا آهن ۽ ايترو جلد آمريڪن جو چين ۾ ائين ڦرڻ گرڻ عجيب پئي لڳو تہ هي ساڳيو چين آهي جنهن ۾ اسان گذيل چئن پنجن سالن ۾ ڪئين دفعا آيا آهيون پر آمريڪن تہ ڪو دوا لاءِ بہ ملڻ مشڪل هو. بهرحال چپي چپي تي آمريڪن ۽ سامراجي راڄ خلاف لکيل مائوءَ جي چوڻين ۾ گهٽتائي، سندن موجودگي جو احساس ڏياريو ٿي.

منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ هو پيس هوٽل ۾ رهي ٿو.

آزاديءَ کان اڳ ان هوٽل جو نالو ”ساسون“ هوٽل هو.

اسان واڪ ڪندا ان هوٽل تائين پهتاسين. مٿئين همراهہ ٻڌايو: ”اسان ڪالهہ بوئنگ جهاز آمريڪا مان اڏائي هتي آيا آهيون. چين آمريڪا کان اهڙا ڏهہ هوائي جهاز خريد ڪيا آهن تن مان هي پهريون خير سان پهچايو اٿئون. توهان پاڪستاني آهيو.“

”ڪيئن ڄاتو؟“

”پاڪستاني چين ۾ گهڻا آهن. چين ۾ پاڪستان سڃاتو نيائيندو اچي.“

مون ڪيس ڪرسي آفر ڪري وهڻ لاءِ چيو:

”نہ. نہ. آئون تہ ويهي ويهي ٿڪجي پيو آهيان. يڪ ساهيءَ جهاز هلايو اٿم. ان بعد ٻاهرن تيرهن ڪلاڪ ننڊ ڪري اٿيو آهيان.“

سنڌس اعليٰ شخصيت ۽ بي تڪلف نموني جي ڳالهائڻ مان ڏاڍو متاثر ٿيس. پاڻ ٻڌائين تہ هو بوئنگ جو پائليٽ آهي سنڌس عمر پنجونجاه سال ٿيندي ۽ لڳاتار ٽيهن سالن کان جهاز هلائيندو اچي، پنهنجي سوني واچ ڏي اشارو ڪري ٻڌايائين تہ اها خاص واچ، هوائي ڪمپنيءَ طرفان ان کي ملندي آهي جنهن جي نوڪري ٽيهہ سال ٿئي. پاڻ پنهنجو نالو اين. جي. نيسٽ گارڊ ٻڌايائين. واشنگٽن (ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا) جو رهاڪو آهي. چين ۾ سنڌس پهريون دفعو هو. ڳالهين ڪندي چيائين، ”عجيب زندگي آهي منهنجي بہ. ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي. گذريل هفتي، هن ڏينهن تي

اسان دنيا جي ٻي ڪنڊ ارجنٽائن ۾ وينا هئاسين ۽ هينئر چين ۾.“

”ڪراچيءَ ۾ به اچڻ ٿيو آهي توهان جو_؟“

”ها هڪ دفعو آيو هوس، پر اونهارو هو. سخت گرميءَ ڏاڍو تنگ ڪيو. ٻئي ڏينهن موٽڻ به ٿيو.“

- ## سڄي دنيا جو پلو ڇاهڻ وارا

”هتي ڪيترا ڏينهن هوندائو؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”بس سڀاڻي واپسي آهي.“ هن وراڻيو.

”چين بابت توهان جي ڇا راءِ آهي؟“

ڪلهي تي هٿ رکي، هجائتو ٿي چيائين: ”يار پاڻ رولاڪ ماڻهو سڄي دنيا جا رهواسي. پاڻ ڇا ڄاڻون سياست مان.“

”اهو ته پاڻ سنو. پوءِ ته پاڻ توهان جو رايو چين بابت، سچيءَ دل وارو ۽ صحيح هوندو.“ مون چيومانس ۽ ساڳي وقت ڪيس پاڻ بابت به ٻڌايم ته انجنير هجڻ سان گڏ لکڻ منهنجي هابي آهي. ”سو پنهنجي مشاهدي ۽ معلومات سان گڏ توهان

جھڙن پُرخلوص ماڻھنجا ويچار ۽ رايا معلوم ڪرڻ وڏيڪ سڦل ۽ ڪارآمد ثابت ٿيندو.“

”مان تہ چين جي ترقي ۽ واڌاري مان ڏاڍو خوش ۽ متاثر ٿيو آھيان. آئون تہ ان راءِ جو آھيان تہ ھر ملڪ کي پنھنجا پنھنجا مسئلا آھن، جن کي ھو پاڻ ئي بھتر نموني سان منھن ڏئي سگھن ٿا. ھڪ ملڪ جي مسئلن ۾ ٻئي ملڪ جو نڪ ٽنبڻ سنو ناھي. ھتي جا سياستدان ۽ اڳواڻ بيحد سچار ۽ ايماندار ڏسجن ٿا، تڏھن تہ ھنن قربانيون ڏئي ملڪ کي ھن حال تي آندو آھي نہ تہ چين جي حالت اڄ کان پنجويھہ ٽيھہ سال کن اڳ ھڪ پساھہ ڪڍندڙ مريض جھڙي ھئي.“

منھنجي اڳيان وڏن کان ٻڌل ۽ پڙھيل، چين بابت ڳالھيون ڦرڻ لڳيون. ھن چين ملڪ ۽ ماڻھن سان ڪيئن جپانين، آمريڪن، فرينچن، انگريزن ۽ ٻين قومن رڻ ڪيا، ڪيئن لٽيو_ ھر لحاظ کان لٽيو ڦريو_ اخلاقي طرح توڙي مالي طرح. انقلاب وقت تہ انھن اھو سوچيو بہ نہ تہ ڪو ھي ملڪ ھلندو يا بچندو. ڪنھن تسليم ئي نٿي ڪيس. پر ڪجھہ بہ ھجي، شاباس ھجي انھن نيڪ ايماندار اڳواڻن کي جن ان ملڪ کي، جنھن کي ڌارين طاقتن ھٽي چرسي، موالي ۽ ڪاھل

ٻڌائي ڇڏيو هو جنهن جي ڌرتي جي سپوتن ۾ ڏجاڻين کي بينڪي راڄن نہ فقط نيچ سمجهيو پر دنيا نشئي_ گهر ۾ ڇڪلو ٻڌائي ڇڏيو اڄ ان ملڪ جو مقابلو دنيا جو ڪو بہ ملڪ نٿو ڪري سگهي_ ڪو عرب اسلامي ملڪ يا جمهوري ملڪ بہ نہ. اخلاق، ايمانداري، انصاف، امن امان وغيره ۾ ڪو بہ ملڪ پڄي نہ سگهندو. اڄ اهو چين جنهن کي ڪجهہ نہ هو سو دنيا جي ائٽمي طاقت آهي. هتي جي انگ اکرن موجب،جيتري اناج ۽ سامان جي پيدائش سال ۾ ٿيندي هئي سا هاڻ هڪ ڏينهن ۾ ٿي ٿئي. ۽ اتي بس ناهي، هو اڃان بہ اڳتي وڌي رهيا آهن، پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي خوشحاليءَ ڏي.

سامهون، هوٽل جي مين گيٽ ٻاهران، رستي تي بہ چار چيني عورتون ۽ مرد هلڪي آسماني ۽ خاڪي رنگ جي چِتين لڳل ڪپڙن ۾ کِلندا، ڳالهائيندا، لنگهي ويا. انهن کي ڏسي مسٽر نستگارڊ چيو:

”ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ چينين کي سادو لباس پائڻو پوي ٿو پر ڪو بہ بک کان ڪونہ ٿو مري.“

”پلا چينين جي اختلاف بابت ڇا راءِ اٿانوَ؟منهنجو مطلب آهي، گهڻن يورپين، امريڪن ۽ ٻين ڌارين آيلن کي

چين نہ وڏندو آهي جو هتي ٻين ملڪن جيان عياشي ناهي، سھڻيون سھڻيون ميڪ اپ ۾ ٻڏل، نرم نرم جسمن واريون ڇوڪريون نہ آهن جن جو ڪم ڏارين مردن جي ڪيسي جي رستي سندن دل اندر گھڙڻ آهي. هتي تہ سڀ ڇوڪريون مردن جيئن پورهيت ميڪ اپ ۽ لالي سرخيءَ کان خالي، کُھرن هٿن واريون آهن. جن جو ڪم غير مردن، جي دل خوش ڪرڻ نہ پر ڪوڏر سان ڌرتيءَ جو سينو ڦاڙي اناج پيدا ڪرڻ آهي، ٽيڪم سان جبل ڏاري ڏاتو ڪڍڻ آهي ۽ پنھنجي ٻچن ۽ حقيقي مڙس جو خيال ڪرڻو آهي.“

”بلڪل صحيح آهين. اخلاقي طرح چين تمام اتم آهي. آمريڪا جھڙي قانوني ملڪ ۾ بہ ڏينھن ڏٺي، هلندي بہ ٻپ پيو ٿيندو پر هتي چين ۾، اڌي رات جو اڪيلي، جھرجھنگ ۾ بي حساب پئسا کڻي، ٻار يا نوجوان ڇوڪري بہ هلي سگھي ٿي. جنھن ملڪ ۾ هر ماڻھو (عورت توڙي مرد) کي حق حلال جي نوڪري هجي جنھن مان هن جو سکيو وقت پيو گذري، اجايو هوس ۽ ريس نہ هجي، ملڪ جو نالو ۽ ناموس رکڻ جو خيال هجي، ان ملڪ جي عورت ڪڏهن بہ گمراهہ نٿي ٿي سگھي.“

اتي اسد پٽيءَ تن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ هلندڙ واٽر گيٽ مسئلي تي خيال پڇيس:

”در اصل اسان جي آمريڪن قوم اهڙي چري آهي، جو شل نہ هن کي ڪا ڳالهہ هٿ اچي. ان جو روهہ بہ رلائي رکندا. ’صحافت جي آزاديءَ‘ جو ڍونگ رچائي ان ڳالهہ کي حد کان وڌيڪ Exploitation ۾ مبالغہ آرائيءَ کان ڪم ورتو آهي. خير نڪسن ان ۾ ڪيترو بہ ڏوهاري هجي پر ان هڪ خرابيءَ جنهن آمريڪا جا ڪڏهن بہ نہ ٺهندڙ تعلقات، روس سان ڳنڍايا، چين سان دوستي ڪرائي وغيره.“

”تنهن جي معنيٰ تہ توهان بہ اهو محسوس ٿا ڪريو تہ چين کي پري رکي، يا هنن جو هيستائين وجود نہ مڃي، غلطي ڪئي.“

”خير بابا، مان سياستدان نہ آهيان ۽ نہ ڪو سياست ڏي لاڙو اٿم. پاڻ تہ ٽياسين خانہ بدوش ۽ رولاڪ. ڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ ديرو تہ ڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ وٿاڻ. پاڻ جهڙن ماڻهن لاءِ تہ سڄي دنيا هڪ گهر آهي. ڪو بہ ديس ۽ وديس جو چڪر ناهي، سو پاڻ تہ سڄي دنيا جو ڀلو چاهيندا سين، شايد اهو ئي سبب آهي جو گهٽ ۾ گهٽ آئون تہ

ان جو خواهان هوس ته چين سان دوستي به ضروري هئي۔ پوءِ ان کي ڪو منهنجي فراخ دلي سمجهي يا امن ۾ اعتماد يا ڪمزوري.“

ايتري ۾ هڪ بس هوٽل جي در وٽ اچي بيٺي ۽ هنن آيل آمريڪنن جو چيني سونهون، کين بس ۾ وهاري ڪجهه گهمائڻ لاءِ وٺي ٽي ويو. اسان، بوئنگ جيٽ جي هن پوڙهي پائليٽ سان هٿ ملائي موڪلايو. بس ڇُرڻ لڳي ۽ اسان هٿ لوڏي کين الوداع چئي ۽ پوءِ، واه جو ڪپ ڏيندا اچي بندرگاهه ۾ جهاز تي پهتاسين.

# الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1. انامڪا
2. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3. پيار جي گُهٽَ
4. وايون وڻجارن جون
5. سي ٻيڙيون رکين ٻاجھ سين
6. دنيا آهي ڪاڪ محل
7. سمونڊ جن ساٿيھ
8. بندر بازاريون
9. سمونڊ جي سيوين
10. سي جوين ڏينهن
11. بندر ديسان ديس
12. خبرون کيڙائن جون
13. ڪويت ڪنارا
14. ڇا جو ديس ڇا جو وديس
15. جاني تہ جهاز ۾
16. جپان جن جي جيءَ ۾
17. ڳالهيون تنهن جپان جون
18. خدا ڏي خط
19. جپان رس
20. سانياهو سمونڊ جو

21. موج نہ سهي مَڪڙي
22. الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان
23. بهترين سفرناما
24. لنڊن تائين لفٽ
25. ٻارن جون آکاڻيون
26. ٽوڪيو جي گيشا گرل
27. مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28. سنگاپور ويندي ويندي
29. ڪوالالمپور ڪجھہ ڪوھہ
30. ماستر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ
31. ڏُنگيءَ منجھہ درياھہ
32. ڏاهي جهرڪي
33. جت جر وهي ٿو جال
34. يادن جي انڊلٺ
35. ڳالهيون آهن ڳچ
36. اي جرني ٽو ٿائلينڊ
37. Proverbs Of Far East
38. اوهريا جي عميق ڏي
39. اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
40. ملير کان مالمو
41. جت برف پئي ٿي جام

42. ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن
43. ارائونڊ دي ورلڊ
44. رڻي آهي گهوٽ سان
45. يورپ جا ڏينهن راتيون
46. اي روڊ ٽو مدينا
47. هيلسنڪي جي حسينا
48. سنگاپور ٽو سڊ ڪري
49. آل اباءُوٽ سنگاپور
50. ملائيشيا منهنجي من ۾
51. پلي پار تان پيرو
52. هي بيٺ هي ڪنارا
53. بوتلن جو سفر
54. سوزيءَ سان پيار
55. جل پريون
56. ملائيشيا 12 سالن بعد
57. تيستائين گڏ باءِ
58. جپان پنجويهه ورهين بعد
59. ڪراچيءَ کان ڪوڪورا
60. دهليءَ جو درشن
61. نيو هالا کان نيويارڪ
62. بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور

63. ايران ڏي اُڏام

64. چنڊ چوانءِ سچ

65. هلي ڏسجي هندستان

66. پکي اُڏاڻا پنهنجي ديس

67. ممباسا، شيدي‌بادشاهه ممباشا

68. ڏيهه پرڏيهه جو سفر

69. بمبئي منهنجي ياڪر ۾

70. هليو آ، هليو آ، ملائيشيا

71. مونکي موهيو ملائيشيا

72. وسي وڏ ڦڙو

73. نه سي سڙه سُکان

74. بنارس کان برمودا

75. برونائيءَ کان برازيل

76. گهاتو گهر نه آيا

77. جل پريءَ جي اڳ ڪٿي

78. ڪئمپس جا ڏينهڙا

79. تاريخ جو سفر

80. جيءَ اندر جهاتي

81. واٺ ويندي..

82. ڳوٺ جروار کان جپان

83. جي وچين تون جپان

84. وري ياد آيا

85. آرڪٽڪ سرڪل جي آسپاس

86. دنيا رنگ رنگيلي

87. جهونا ٽيا جهاز

88. پهتا اُت پانڌيئڙا

89. چين ڪيو بي چين

90. جپان جپان آهي

91. زئنزيبار جهنگبار

92. زندگيءَ جا ميلا...

93. نڪري ويا ناڪئا

94. آمريڪا ڙي آمريڪا

95. بغداد ۽ بصري جي گهٽين ۾

اردو میں

96. سمندر کے دن

97. ملائیشیا کے دن

98. یورپ کے دن

99. کراچی سے کوپن ہیگن

100. ایران کے دن

101. گیشائون کے دیس مین

102. جہاز چلانے کے دن

103. جپان کے دن

104. کنارے کے دن

105. میں چلا ممباسا

106. چلو چلیں ہندوستان

107. ملائیشیا نے مجھے موہ لیا

108. الطاف شیخ کے سفر نامے

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي. ۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)


الطاف شيخ
ارائونڊ دي ورلڊ


الطاف شيخ
ارائونڊ دي ورلڊ